
سگنيچر
ناول
حسيب ڪانهيو

# سگنيچر

(ناول)

## حسيب ڪانهيو

نئون نياپو پبليڪيشن
2013ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (124) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ”**سگنيچر**“ ليکڪ **حسيب ڪانھيو** جو لکيل ناول آهي.
هي ناول نئون نياپو **اڪيڊمي سچل ڳوٺ** پاران ڇپايو ويو آهي. اسان ٿورائتا آهيون حسيب ڪانھيو صاحب جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.
اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ارپنا

انهي شخص جي نالي،

جنهن مون کي **Signature**

ڪندي ڏسي چيو هو،

”اوهان **Signature** ڪري رهيا آهيو يا ڪا شيءِ ڍاهي رهيا آهيو!“

□

**شراب** ۽ شباب جي محفل عروج تي هئي. هرڪوئي جهومي نچي رهيو هو، هرڪوئي محوِ رقص هو. پر پوءِ بہ سيٺ سلامت صاحب دارا جو نمبر لڳائيندي چيو، ”دارا ناهي تہ محفل جو مزو ئي ناهي!“ نشي ۾ ڌت سيٺ سلامت صاحب دارا جو نمبر لڳايو پر دارا جو نمبر ئي بند هو; سيٺ صاحب کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، هن دارا کي خوب گاريون ڏنيون. توڙي جو دارا جو نمبر بند هو پر پوءِ بہ سيٺ سلامت صاحب بار بار سندس نمبر لڳائيندو رهيو ۽ ڪيس گاريون ڏيندو رهيو.

”دارا کي ڇڏ،“ محفل ۾ موجود هڪ دوست جام ڇلڪائيندي سيٺ سلامت کي چيو، ”اهو سدائين مصروف هوندو آهي!“

”ها يار...“ هڪ ٻيو دوست وراڻيو، ”لکندو هوندو ڪو ناول، يا سُتي بہ مينيج ڪندو هوندو ڪو پروجيڪٽ.“

”اڙي يار ان کي ڇڏيوس!“ هڪ ٽئي چيو، ”اهو محفل جي تہ ڪم جو ئي ناهي!“ هن جي ڳالهہ ٽئي پوري ڪندي وراڻيو، ”ها، يار، يارن دوستن سان گڏجي تہ ڪڏهن پيئندو ئي ناهي باقي!“

”اهو ايندو ئي ڪونہ،“ هڪ ٻئي بہ تائيد ڪندي وراڻيو، ”جي ايندو تہ پيئندو ئي ڪونہ! . . . . ان کي پنهنجي انهي ڪمري ۽ بالڪني ۾ ئي رهڻ ڏيو تہ بهتر آهي!“ ”اهو ڏسجو تہ ڪنهن ڏينهن انهي بالڪني واري ڪرسي تي ئي ويٺي ويٺي مري ويندو!“ پهرئين وراڻيو. ان جي انهي جملي تي وري ٺهڪڙا مچي ويا! ٺهڪ گونجندا رهيا، هڪڙي موالي بي اختيار ٺهڪ ڏيندي چيو، ”يار ٻڌايو تہ سهي، ڀلا دارا روز شام جو انهي بالڪني ۾ ڇا ويٺو ڪندو آهي آخر؟“ ”الائجي يار! ٻيلي ڪا خبر ئي نٿي پوي!“ هڪڙي چيو.

”سامهون واري ڪنهن بالڪني ۾ ڪا ڇوري ڦاسائيندو هوندو!“ ماحول ۾ وري ٽهڪ ڦهلجي ويا.

هڪ ٻئي طنزيہ انداز ۾ ورائيو، ”مشاهدو ڪندو هوندو. .. . ليکڪ آهي نہ صاحب!“

”ليکڪ بہ عجيب آهي، گهر مان ٻاهر تہ نڪري ئي ڪونہ ٿو!“ ٻئي چيو، ”بس رڳو آفيس جي ڪم سان نڪرندو آهي تہ ظاهر ٿيندو آهي، ٻيو روز شام جو انهي بالڪني تي ويٺي ويٺي نظر ايندو آهي ٻيو مڙيئي ٿيو خير!“ ”انهي بالڪني ۾ ڪرسي تي بہ همراهہ ائين ويٺو هوندو آهي ڄڻ ڪوما ۾ هجي!“ وري ٽهڪ!

محفل ۾ موجود سيئي جام تي جام چاڙهي رهيا هئا ۽ دارا تي خوب ٺٺوليون ڪري رهيا هئا، پر سيٺ سلامت صاحب، پوءِ بہ سڀني کان بينياز رکي رکي دارا جو نمبر ڊائل ڪري رهيو هو.

ويٺلن منجهان ڪنهن ورائيو، ”اهو ويچارو بہ مفت مري ويندو.“

”زندگي الائجي ڪيترا ڏينهن آهي.“ هڪ دوست وقلندي چيو، ”ماڻهو زندگي جا مزا وٺي يار.“

”سچو بہ ڪونهي! جام مال اٿس.“ دارا بابت انهن مان ئي هڪ چيو، ”NGO’S جو وڏو نالو آهي مسٽر دارا.“

”اسان تہ اهو ٻڌو هو تہ شراب ڪي تہ خاص ديوتائن ٺاهيو ئي شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن جي لاءِ آهي!“ هڪڙي چيو، ”پر دارا تہ الاءِ ڪهڙو اديب آهي!“ ان جي اها ڳالهہ اتي ئي رهي، ٻئي ورائيو، ”دارا هن دور جو پهريون اديب ئي هوندو جو سچو ناهي“ هن چيو، ”ورنہ هتي تہ اديب تہ ويچارا اخبار ۾ ’توجہ طلب‘ جي اشتهار جهڙا ٿي ويا آهن سڀ.“

ان ڳالهہ تي ٽهڪڙا مچي ويا.

”دارا بہ ائين ئي روڊن تي رلي وڃي ها، پر قسمت ڀلي هئس جو سيٺ سلامت جهڙو ماڻهو ملي ويس.“ ڪنهن چيو، ”جنهن ڪيس ناهي ڇڏيو.“

”دارا پنهنجي پاڻ ڪي پاڻ ناهيو آهي،“ سيٺ سلامت دارا جو نمبر لڳائيندي لڳائيندي چيو.

هوءَ جيڪا چنچل پدمڻي سيٺ سلامت جي بغل ۾ پئي هئي، سا هئي ردا. ردا مشهور ماڊل ۽ بدنام جسم فروش هئي. سيٺ سلامت ڪيس اڄ پهريون ڀيرو گهرايو هو. هو سڀني کي پنهنجي ادائن سان موهي رهي هئي ۽ ڪين پنهنجي هٿن توڙي اکين سان

شراب پياري رهي هئي. سيٺ صاحب پنهنجي صوفي تي وڪريو پيو هو، هو نشي ۾ هو، ۽ بار بار دارا جو نمبر لڳائي رهيو هو.

نيٺ ڪنهن پل دارا جي قسمت ڦٽي ۽ سندس نمبر ڪليو. دارا دير تائين ڪال رسيوَ ئي نه ڪئي، نيٺ ڪنهن پل هن ڪال رسيو ڪئي، ”جي جي قيامت صاحب! ڇا مسئلو آهي؟“ مسٽر دارا سيٺ سلامت کي سيٺ قيامت چوندو هو.

سيٺ سلامت صاحب هيڪر ته دارا صاحب کي خوب گاريون ڏنيون، پوءِ جي هلڪو ٿيس ته چيائين، ”جلدي اچ، توکان سواءِ محفل اڌوري آهي دارا!“

مسٽر دارا ان ڏينهن ڪافي دير سان گهر پهتو هو، انڪري هو ڏاڍو ٿڪل ٽٽل هو. ان ڏينهن دارا ڪنهن به اهڙي موڊ ۾ نه هو سو هن سيٺ سلامت صاحب کان معذرت گهري. ”سوري يار! اوهان ئي محفل مچايو، مان اڄ ٿڪل آهيان؛ منهنجو اڄ ڪو موڊ نه آهي!“

مسٽر دارا گهڻو ئي معذرت ڪئي پر سيٺ سلامت مڃيو ئي ڪونه! هن پنهنجي ڊرائيور کي چيو، ”وڃ، دارا کي ڳِهلي به ڪڍي اچ!“

محفل ڏاڍي رنگين هئي، هر ڪوئي مدهوش هو. هر ڪنهن تي خمار هئا. هر ڪوئي مست الست لڳو پيو هو. گلابي جام جهڙي ردا، سيٺ سلامت سميت سيني کي پري پري جام ڏئي رهي هئي، ۽ ردا جا ڏنل جام هو ائين بيخود تي ڏوڪي رهيا هئا، ڄڻ اهو جام نه هو، ردا پاڻ هئي، جنهن کي هو پل پل پيئندا تي ويا.

اوچتو ڪنهن پل دروازو کليو ۽ ٿڪل ٽٽل مسٽر دارا اندر داخل ٿيو. مسٽر دارا تي نظر پوندي ئي تاڙيون ملي ويون، نعرا لڳي ويا؛ هلڪو شور مچي ويو. مسٽر دارا ٻين وانگر هر هر جو هيراڪ نه هو. هو ڪڏهن ڪڏهن پيئندو هو. هن جي مهل موقعي جي ڪنهن کي ڪا خبر نه هوندي هئي. مسٽر دارا اڪثر پنهنجي ئي منهن پيئڻ پسند ڪندو هو؛ هو ان معاملي ۾ محفل جو محتاج نه هوندو هو. اڄ مسٽر دارا جو ڪو به اهڙو موڊ نه هو. هُو اڄ ڏاڍو ٿڪل هو، سو هن اڄ آرام ڪرڻ پئي چاهيو. هو اڄ اڄڻ شرط بيڊ تي ليٽي پيو هو. هن جي اک اجان مس لڳي هئي جو موبائل جي رنگ وڄڻ لڳي هئي، هن دير تائين ڪال رسيو نه ڪئي هئي پر رنگ مسلسل وڄي رهي هئي سو هن ڏاڍي بيزارگي وچان ڪال رسيو ڪئي هئي، سيٺ سلامت ڪيس اچڻ جو چيو هو ته هن گهڻو ئي معذرت ڪئي هئي پر سيٺ صاحب نشي ۾ پُر هو سو هن هڪ به نه ٻڌي هئي ۽ ڪيس زوري ڪڍڻ لاءِ پنهنجي گاڏي موڪلي ڇڏي هئائين. اهو ئي سبب هو جو مسٽر دارا جڏهن دروازي کان داخل ٿيو ته هن جي چهري تي ڪا رونق نه هئي. هن جي چهري تي

تڪاوت جا آثار هئا. هو آيو سيني سان مليو ۽ ماٺ ڪري بي دلي مان ويهي رهيو. سيٺ سلامت ڪي دارا جي حالت جو ذرو بہ احساس نہ هو، بلڪِ ان جي برعڪس سيٺ صاحب ڏاڍو خوش هو، دارا ڪي زبردستي گهرائي هن ڪي ڏاڍو مزو آيو. هن ائين ڪري ڄڻ ڪو وڏو معرڪو فتح ڪري ڇڏيو هو. دارا جي بيزارگي جو ڪنهن بہ ڪو نوٽس نہ ورتو، خود سيٺ سلامت بہ ڪيس ڪا اهميت نہ ڏني، هُن ڪيس گهُرائي رڳو پنهنجو ضد پورو ڪيو ۽ بس! محفل متل هئي، هرڪو پنهنجي مستي ۾ مست ٿي رهيو. دارا ڪي سيٺ سلامت جي فطرت جي خبر هئي سو هُن اچڻ ڪان پوءِ ڪنهن تي ڪا ڪاوڙ ڪانہ ڪئي ۽ بين ڪان ڪجھ پريرو ٿي پنهنجي منهن ٿي ويهي رهيو. ردا جي اک جڏهن دارا تي پئي تہ سندس بدن منجهان ڄڻ تہ بجلي گذري ويئي. ڇا تہ تن بدن هو دارا جو! ڇا تہ پُرڪشش چهرو هيس. ڇا تہ خوبرو جوان هو دارا! ردا ڪي عجيب ڪشش محسوس ٿي دارا جي چهري ۾! خاص ڪري نڪ جي پاسي واري تِر، دارا جي چهري ڪي اجا بہ وڌيڪ پُرڪشش بڻائي ڇڏيو هو! ردا اهڙو پورڪشش چهرو اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو! ردا هڪ جام ڀريو ۽ سراپا جام بڻجي وڃي مسٽر دارا جي سامهون بيٺي. هن ڀرپور ناز ۽ انداز سان جهڪي جام دارا ڏي وڌايو پر دارا انڪار ڪندي چيو، ” No thanks! منهنجو موڊ ئي ناهي!“

”ڪجھ اسان جي موڊ جو بہ فڪر ڪريو جناب!“ ردا دارا ڪي شڪاري نگاهن سان تڪيندي چيو.

مسٽر دارا تي ان عمل جو ڪو خاص اثر نہ ٿيو، پر پوءِ بہ خبر ناهي تہ ڪهڙو، پر دارا ڪي ردا جي چهري ۾ ڪجھ اهڙو اثر ضرور نظر آيو جو هو چاهيندي بہ ردا جو هٿ موٽائي نہ سگهيو. دارا جام وٺي ميز تي رکي ڇڏيو. هن هڪ ڍڪ بہ نہ ڀريو ۽ وينو ئي رهيو. هو ڪي گهڙيون ويٺي ويٺي سيٺ سلامت تي اک ڪائيندو رهيو، پر پوءِ دارا جون اکيون ردا جي چهري ۾ گم ٿي ويون؛ ۽ هُو بي سبب ڪيس تڪيندو رهيو. محفل ائين ئي هلندي رهي، جام ائين ئي ٽڪرائبا رهيا. دارا ان ساري ماحول ڪان بينياز پنهنجي ئي پر ۾ گم رهيو؛ هُن جو ذهن پنهنجي ئي خيالن ۾ گم هو پر هن جون اکيون اتي ئي هيون جتي هن ڪجھ دير پهرين ڇڏيون هيون؛ هن جون اکيون مسلسل ردا ڪي ئي چتائي رهيون هيون. ڪافي دير ڪان پوءِ جڏهن باقي سڀ جام سان جام تي ويا تڏهن ڪنهن پل ردا جي اک دارا تي اٽڪي پئي، ردا ڪي ڏاڍي حيراني ٿي. دارا جون اکيون ڪيس عجب انداز ۾ گهوري رهيون هيون. ردا پاڻمرادو انهن اکين ڏي ڇڪجي آئي. هوءَ

آئي ۽ اچي دارا جي سامهون واري صوفي تي ويهي رهي. هن ڏنو، هن جو ڏنل جام جيئن جو تيئن ميز تي ئي پيو هو؛ دارا ان مان هڪ ڍڪ به نه پريو هو! ”اوهان شراب پيئندا ئي ناهيو ڇا؟“

ردا جي انهي آواز تي دارا کي هوش آيو. هن کي اهو احساس ٿيو ته سندس اکيون ردا جي چهري تي ئي کتل آهن. هوش ايندي ئي هن پنهنجيون اکيون ردا جي چهري تان هڪدم هٽائي ڇڏيون. دارا پنهنجي ڪنڌ کي هلڪو ڇنڊڪو ڏنو ۽ واپس صوفي تي موٽي آيو.

ردا پنهنجو سوال وري ورجايو، ”اوهان شراب نه پيئندا آهيو ڇا؟!“

”نه! پيئندو ته آهيان پر........“ دارا چوندي چوندي چپ رهجي ويو.

”پر........؟“

”پر تڏهن،“ دارا چيو، ” جڏهن پيئڻ جي قابل ٿيندو آهيان!“

ردا پريل جام ڏي نهاريندي چيو، ”يعنيٰ هينئر اوهان شراب جي قابل نه آهيو...“

دارا هائوڪار ۾ ڪنڌ نه ڌوڻيو، هُن رڳو اکين جهڪائي ”ها!“ ڪئي.

”....... يا شراب اوهان جي قابل نه آهي؟“ ردا پرپور نگاهن سان دارا ڏي تڪيندي پڇيو.

دارا ليڪڪ هو سو هن جڏهن ردا واتان اهو ٻڌو ته هن جي بوريت ڪجهه گهٽ ٿي، هن کي ردا جي وراڻي ڏاڍي پياري لڳي. هوءَ ردا ڏي متوجه ٿيو ۽ چوڻ لڳو، ”پيئڻ هڪ فن آهي. پيئڻ اصل ۾ پيئڻ ناهي، اوتڻ آهي.“ دارا چيو، ”شراب پيئبو ناهي، شراب اوتبو آهي!..... ۽ اوتڻ جي لاءِ، ان جي قابل هئڻ لازمي آهي!“ هن چيو، ”۽ ها ان قابليت جي لاءِ ڪنهن جستجو جي ضرورت هرگز ناهي! ان قابليت مان مراد انهي سطح جي آهي جتي پهچي شراب لازم ٿي پوندو آهي!“

ردا کي به دارا جي ڳالهه ڏاڍو مزو ڏيڻ لڳي، هوءَ دارا کي ڏاڍي غور سان ٻڌڻ لڳي. دارا چوڻ لڳو، ”شراب ائين نه پيئبو آهي، جيئن هي سڀ پين ٿا. اها ته شراب جي توهين آهي. آئون ان جي ته هرگز به حق ۾ ناهيان.“ دارا چيو، ”اهي سڀ نابالغ رند آهن!“

ردا مسڪرائي ڏنو.

”هي سڀ ته ڄاڻن ئي نه ٿا ته شراب ڇا آهي؟“ دارا چيو.

”ڇا آهي شراب؟“ ردا پڇيو.

”مون کي خبر ناهي تہ شراب ڇا آهي؟“ دارا چيو، ”مون کي بس ايترو پتو آهي تہ شراب نشو نہ آهي!“

”واھ! اوهان تہ حد ڪري ڇڏي!“ ردا تعجب وچان دارا جو جملو دهرايو، ”شراب نشو نہ آهي!“

”مون کي خبر آهي تہ منهنجي اها ڳالھ ڪير بہ ڪونہ مڃيندو ڇو تہ هتي نابالغ رندن جو هجوم آهي!“ دارا چيو، ”مگر حقيقت اهائي آهي تہ شراب نشو نہ آهي!“ دارا وضاحت ڪندي وڌيڪ چيو، ”نشو معمول آهي، شراب معمول ناهي!“ دارا هلڪي ڪنگهڪار سان ڳلو صاف ڪيو ۽ بيهر ڳالهائڻ لڳو، ”هي جيڪي موڊ ناهڻ جي نالي تي روز روز پيا شراب سان شغل ڪندا آهن، تن کي ڏسي سچ! منهنجو تہ صفا موڊ ئي خراب ٿي ويندو آهي. هي تماشبين آهن، هي رونشي باز آهن!. . . شراب کو شُغل ناهي!“ دارا چيو، ”هنن شراب کي مشغلو ناهي ڇڏيو آهي، هنن شراب کي معمول بڻائي ڇڏيو آهي!...... شراب معمول ناهي، کو مشغلو ناهي!“ هن سنگت ڏي اشارو ڪندي چيو، ”هي شرابي ناهن، هي تہ بس ان جا عادي آهن. اوهان انيڪ شرابي ڏٺا هوندا، پر آئون اوهان کي اهو ٻڌائي ڇڏيان تہ اوهان اڄ تائين شايد ئي ڪو شرابي ڏٺو هوندو!“

ردا خود جي لاءِ دارا واتان لفظ ’اوهان‘ ٻڌي حيران رهجي ويئي! ڪيس اڄ تائين ڪنهن بہ اهڙي احترام سان ’اوهان‘ نہ چيو هو! هن جڏهن دارا واتان خود جي لاءِ اهو لفظ ٻڌو تہ پاڻ کي طوائف بدران راڻي لڳڻ لڳي! هن خود کي دارا جي اکين سان وڏو معتبر ڏٺو. ڪي لمحا هن جون اکيون عاجزي مان جهڪي ويون. پوءِ هن ڪنڌ مٿي ڪيو ”ها واقعي! مون اڄ تائين نہ ڏٺو آهي دارا صاحب!“ هوءَ وراڻي، ”........پر اڄ تہ يقيناً ڏٺم نہ!“

دارا اهو ٻڌو ۽ مسڪرائي ڏنو، پوءِ دارا تسلسل سان وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”شراب هڪ حد آهي، شراب هڪ توازن آهي، هڪ مدار، هڪ محور جو نالو آهي شراب!“ دارا ڳالهائيندو رهيو، ”تو سميت سڀ اهو ئي سمجهن ٿا تہ شراب ٿيڙي ٿو پر آئون اهو نٿو سمجهان“

”.........“ ردا جو تجسس وڌيو.

”آئون سمجهان ٿو تہ شراب سهيڙي ٿو!“ دارا چيو، ”آئون جڏهن پنهنجي حد ۾ نہ رهندو آهيان، جڏهن منهنجو توازن بگڙڻ لڳندو آهي، جڏهن آئون پنهنجي مدار، پنهنجي محور کان ٿڙڻ لڳندو آهيان، تڏهن آئون شراب جو استعمال ڪندو آهيان! تڏهن آئون

شراب کي اوتي ڇڏيندو آهيان!“ هن چيو، ”جيئن پاڻي واچوڙي کي ناپر ۾ آڻي ڇڏيندو آهي، تيئن شراب مون کي ناپر ۾ آڻي ڇڏيندو آهي!“

دارا کي گهڙيون خاموش رهيو ۽ پوءِ وراڻيو، ”زندگي جيڪڏهن موت کان بدتر ٿي پوي ته اها زندگي جي توهين ئي هوندي آهي!“ دارا چيو، ” حقيقت هي آهي ته زندگي جڏهن موت کان بدتر ٿي پوندي آهي، تڏهن آئون هِن شراب سان زندگي کي موت کان بهتر بڻائي ڇڏيندو آهيان.“ هن چيو، ”آئون جڏهن زندگي مان شديد بيزار ٿي پوندو آهيان تڏهن پکي تي نه لٽڪندو آهيان، بجلي ۾ هٿ نه وجهندو آهيان، نه ئي واهه ۾ ٽپو ڏيندو آهيان.... آئون تڏهن شراب پيئندو آهيان!“

ردا کي دارا جون ڳالهيون ڏاڍو متاثر ڪري رهيون هيون، هوءَ ڏاڍي چاهه سان ۽ دلچسپي سان دارا جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي، ان وچ ۾ دارا چيو، ”توهان پڪ سان منهنجي ڳالهين مان بيزار ٿي رهيون هوندؤ.....“

”نه نه! هرگز به نه!“ ردا چيو، ”اوهان ڳالهائيندا رهو، مان ٻڌندي رهان!“ هن چيو، ”دارا صاحب، سچ ته اوهان ڳالهائي نه رهيا آهيو، بلڪِ شراب اوتي رهيا آهيو!“ ردا چيو، ”اوهان ڳالهائيندا رهو دارا صاحب!“

”زمانو سمجهي ٿو شراب خودفريبي آهي، خودفراري آهي!........ پر ائين ناهي!“ دارا ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”ماڻهو قلندر جي ڌمال تي نچن ٿا، ماڻهو ڀٽائي جي راڳ تي جهومن ٿا، سچل جي رقص تي محوِ رقص ٿي وڃن ٿا، ماڻهو اناالحق جي نعري تي پنهنجي پاڻ مان نڪري ٿا وڃن!“ دارا پڇيو، ”ڇا اها خودفريبي آهي؟ ڇا اها خودفراري ٿي!!؟؟“ دارا پاڻ ئي وضاحت ڪندي وراڻيو، ”نه! هرگز نه!“

دارا ميز تي پيل لبريز پيماني ڏي اشارو ڪيو ۽ پرپور لهجي ۾ وراڻيو، ”شراب رڳو هي ناهي جو ظاهر آهي!...... شراب هڪ باطن به ٿيندو آهي.“ هن چيو، ”ظاهر ۽ باطن کي جيڪڏهن خامي ۽ خوبي جي خانن ۾ الڳ الڳ ڪجي ته ’ظاهر‘ پوءِ به خامي واري خاني ۾ ٿيندو ۽ ’باطن‘ وري به خوبي واري خاني ۾ ٿيندو....... ان جو وڏو دليل خود خدا آهي... . . . ڇاڪاڻ ته خدا به ظاهر ناهي، باطن آهي!“ دارا جو ڳلو خشڪ ٿي ويو، هن ڳيت سان نڙي آلي ڪئي ۽ وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ” .......شراب ته انسان جي اندر ٿيندو آهي. انسان جي دل شراب جو درياهه ٿيندي آهي. ان شراب جي آڏو هن جام جي ته ڪا اوقات ئي ڪانهي ڪا! هوءَ ۽ هي ائين آهن، جيئن قلزم ۽ قطرو!“ دارا چيو: ” دل جڏهن دماغ تي قابض ٿيندي آهي، تڏهن ئي ماڻهو نچڻ جهومڻ لڳندا آهن، من جڏهن مٿي تي چڙهندو

آهي؛ تڏهن ئي ماڻهو محوِرقص ٿي ويندا آهن؛ تڏهن ئي ماڻهو پنهنجي پاڻ مان نڪري ويندا آهن!“

ردا جون اکيون پٽر ٿي ويون. شراب ۾ ايترو نشو ڪٿي هو جيترو دارا جي ڳالهين ۾! هوءَ دارا کي ٻڌندي رهي؛ ”شراب اهو ناهي جو زمانو سمجهي ٿو، شراب ته بس بيخودي آهي! اها بيخودي ڪائنات جي ذري ذري ۾ شامل آهي! درحقيقت ڪائنات جو ذرو ذرو شراب سان لبريز آهي!..... درحقيقت ذرو ذرو جهومي نچي رهيو آهي! هر پاسي هر شيءِ هر وقت محوِرقص آهي!“ دارا پنهنجي مدهوش دوستن ڏي اشارو ڪندي ردا کي چيو، ”اها ته توکي به خبر آهي ته انهن سيني کي هينئر ڪائنات جهومندي نظر ايندي هوندي، پر ان جو مطلب اهو ناهي ته ڪائنات کو هينئر جهومي رهي آهي؛“ دارا چيو؛ ”ڪائنات ته هونئن ئي هر وقت جهومي نچي رهي آهي، پر اهي جيڪي ان کي هر وقت جهومندي نچندي ڏسي نه سگهندا آهن، سي شراب پيئندا آهن!“ دارا ڪجهه صبر ڪري وري وراڻيو، ”هتي ته اڪثر ڪم ظرف ئي شراب پيئندا آهن!....“ مسٽر دارا ردا جي اکين ۾ گهوريندي چيو، ”تنهنجي هوندي شراب جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟... زماني کي گردش ۾ آڻڻ جي لاءِ ته تنهنجيون اکيون ئي ڪافي آهن!...... هي شراب ته تنهنجي توهين آهي جناب!.......“

سيٺ سلامت جو جام خالي ٿيو ته هن نشي جي گهيرٽ ۾ رڙ ڪئي، ”.....جنا...بِ.. عالي......“

ردا اٿڻ ته نه پئي چاهيو پر ڪيس اٿڻو ئي پيو، ردا اٿي، ويئي، ۽ سيٺ سلامت سميت جنهن جنهن جا جام خالي هئا، هن سي پُر ڪيا. هن هڪ هڪ ڪري هر هڪ کي جام پيش ڪيا ۽ پوءِ وري واپس دارا ڏي اچڻ لڳي، پُنيان سيٺ سلامت سندس دامن ۾ هٿ وِڌو پر ردا کي روڪي نه سگهيو، ردا پنهنجو دامن ڇڏائي دارا وٽ هلي آئي ۽ پُنيان سيٺ سلامت ديوداس فلم جا ڪي ڊائلاگ دهرائيندو رهجي ويو.

ردا اچي دارا جي سامهون ويهي رهي؛ دارا ان ڪان پهرين به ڪيئي ڀيرا شرابين کي ائين شراب پياريو هو، هن اهڙو عمل روز پئي ورجايو هو، پر اڄ ڪيس پهريون ڀيرو ائين لڳو ڄڻ هن پنهنجي توهين ڪئي هئي!

مسٽر دارا هاڻي خاموش ويٺو رهيو، هن ڪجهه نه ڳالهايو. ردا کي دارا جي ڳالهين ڄڻ ته ڳِهي ڇڏيو هو.

”ڪاغذ جو ٽڪرو هوندو اوهان وٽ؟“ ردا دارا کان پڇيو.

”چو؟“ دارا پڇيو.

”اوهان جي **Signature** گهرجي تي مون کي!“ دارا چيو.

دارا وٽ ڪاغذ جو ٽڪرو نہ هو، هن ردا ڏي ڏٺو ۽ پوءِ پنهنجي ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ وڌو. دارا پنهنجي کيسي مان ٽشو پيپر ڪڍيو ۽ گوڏي تي رکي Signature ڪرڻ لڳو.

ردا دارا کي غور سان ڏسي رهي هئي. دارا ڪجھ اهڙي انداز سان Signature پئي ڪئي جو ردا چيس، ”اوهان Signature ڪري رهيا آهيو يا ڪا شيءِ ڊاهي رهيا آهيو؟“

ردا جو جملو دارا جي دل ۾ لهي ويو، هن ڪنڌ مٿي ڪري ردا ڏي ڏٺو ۽ پوءِ هن ٽشو پيپر تي بمشڪل لکيو، ’ناهڻ کي ڊاهي سگهجي ٿو مگر ڊاهڻ کي ڊاهي نٿو سگهجي!‘

ردا اهو ڏسي مُسڪرائي ڏنو. هن ٽشو پيپر تان نگاهون هٽائي دارا جي چهري ڏي ڇتايو. دارا جو چهرو ڏاڍو دلفريب هو. ردا ڪجھ ترسي وراڻي، ”هڪ ڳالھ چوان دارا صاحب!“ ٽشو پيپر جو ٽڪرو پنهنجي هٿ ۾ وٺندي ردا دارا کي چيو.

” ها! چئو.“ دارا ڏانهنس ڏسندي چيو.

ردا سندس چهري ۾ نهاريندي چيو، ”دارا صاحب، اوهان ايترا پُرڪشش هرگز نہ هجو ها، جيڪڏهن اوهان جي چهري تي اهو نڪ جي پاسي وارو تِر نہ هجي ها!“

دارا اهو ٻڌي مرڪي پيو ۽ آهستگي سان وراڻيو، ”اصل ۾ اهو تِر مون کي بابا کان ورثي ۾ مليو آهي!“ دارا چيو، ”منهنجي بابا کي بہ نڪ جي پاسي ۾ اهڙو ئي تِر هو.“

”ڇا اوهان جو بابا .....“ ردا ڪجھ چوندي چوندي اداس ٿي رڪجي ويئي.

دارا ردا جي اڌوري ڳالھ سمجهي ويو، وراڻيو، ”بابا زنده آهي، پر منهنجي لاءِ نہ!“ قصو تہ وڏو هو پر الئہ ڇو اهو قصو اتي ئي رڪجي ختم ٿي ويو......

◘

**ردا** رات جي پوئين پهر پنهنجي گهر موٽي. هن پنهنجي ماسيءَ جي ڪمري جو دروازو آهستگي سان کوليو ۽ ڏٺو. ماسي پوئين پهر جي اگهور ننڊ ۾ الوٽ ستل هئي. ردا ماسي جي سار لهي پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي، ۽ بيڊ تي ليٽي پئي. ردا پهرين جڏهن بہ ڪنهن محفل مان موٽندي هئي تہ اڇڻ شرط پنهنجي بستري تي نيستي ٿي ڪري پوندي هئي ۽ بستري تي ڪرندي ئي بس ننڊ ۾ الوپ ٿي ويندي هئي، پر اڄ ڪيس ننڊ ئي نہ هئي. هن جي دماغ تي اڄ دارا حاوي هو. هوءَ دل ئي دل ۾ دارا جون ڳالهيون دهرائيندي رهي. دارا جي ئي گهر ۾ ردا جي رات جو پويون پهر ڏاڍي تيزي سان گذري ويو هو. رات ڪٽي وئي هئي پر دارا جو سحر نہ ٽٽو هو. دارا ردا تي پنهنجي ڳالهين سان شراب اوتي ڇڏيو هو جنهن جو خمار دير تائين نہ ٿي لٿو. ردا پنهنجي پرس

مان دارا وارو ٽشو پيپر ڪڍيو ۽ کولي ڏسڻ لڳي. هن جون اکيون انهي ٽشو پيپر وسيلي ماضي ڏي موٽي ويون. ڪي گهڙيون هوءَ اهو ڏسندي رهي ته هوءَ دارا کان ڪاغذ جو ٽڪرو گهري ٽي پوءِ دارا ڪائنس پڇي ٿو، پوءِ هي چوي ٿي ته ”اوهان جي Signature گهرجي ٿي مون کي!“ پوءِ هو ڪي لمحا ڪنڌ ڪٽي ڏانهنس ڏسي ٿو، پوءِ وري هوءَ پنهنجي ڪوٽ جي کيسي مان ٽشو پيپر ڪڍي ٿو، ۽ پوءِ پنهنجي گوڏي تي رکي Signature ڪرڻ لڳي ٿو. هي دارا کي Signature ڪندي چتائي ڏسي ٿي ۽ کيس مذاق ۾ چوي ٿي، ”اوهان Signature ڪري رهيا آهيو يا ڪا شيءِ ڏاهي رهيا آهيو؟“ سندس اهو جملو ٻڌي دارا اکيون ڪٽي کيس غور سان ڪي پل گهوري ٿو ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي ٽشوپيپر تي بمشڪل هڪ جملو لکي ٿو، ’ناهڻ کي ڏاهي سگهجي ٿو مگر ڏاهڻ کي ڏاهي نٿو سگهجي!‘

هوءَ انهي جملي تي ماضي مان واپس حال ۾ موٽي اچي وئي، هن جون نظرون ٽشو پيپر ۾ ئي کتل هيون. ٽشوپيپر تي دارا جي Signature ٽيل هئي ۽ اهو جملو لکيل هو، ’ناهڻ کي ڏاهي سگهجي ٿو مگر ڏاهڻ کي ڏاهي نٿو سگهجي!‘ ردا دير تائين دارا جي ڪيل Signature ۽ سندس لکيل جملو ڏسندي رهي، هن جا چپ پاٽمرادو بار بار دارا جو اهو جملو ورجائيندا رهيا، ”ناهڻ کي ڏاهي سگهجي ٿو مگر ڏاهڻ کي ڏاهي نٿو سگهجي!“ ..... ”ناهڻ کي ڏاهي سگهجي ٿو مگر ڏاهڻ کي ڏاهي نٿو سگهجي!“

پرهه جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا هئا. باک ڦٽڻ لڳي هئي. ردا اڃان تائين ننڊ کان بينياز ليٽي پئي هئي، هن جون اکيون دارا جي آٽوگراف تي اٽڪيون پيون هيون. شهر جي مسجدن ۾ فجر جون آذانون گونجڻ لڳيون هيون. آذانن جي آواز تي ردا کي صبح جو احساس ٿيو. ردا بي خيالي مان پنهنجو هٿ موبائل فون کڻڻ جي لاءِ پاسي واري ميز ڏي وڌايو، پر هن کي موبائل هٿ نه لڳو. ردا جيڏي مهل به رات جو سمهندي هئي ته پنهنجو موبائل پاسي واري ميز تي چارجنگ تي رکي پوءِ سمهندي هئي، پر رات ڪائنس اهو به وسري ويو هو! موبائل هن جي پرس ۾ ئي پيو هو. ردا هڪدم پرس مان موبائل ڪڍيو. هن چارجنگ تي لڳائي ڇڏيو ۽ وري به پهرين جيان ليٽي پئي ۽ هن پنهنجون نگاهون واپس دارا جي آٽوگراف تي کپائي ڇڏيون. هوءَ بار بار دارا جو لکيل اهو جملو دهرائي رهي هئي، ’ناهڻ کي ڏاهي سگهجي ٿو مگر ڏاهڻ کي ڏاهي نٿو سگهجي!‘

هوءَ انهي جملي تي اٽڪي وئي. هن جون نگاهون ڏاڍي غور سان ان جملي کي گهوري رهيون هيون. ”ڪيڏو نہ عجيب جملو آهي مسٽر دارا!“ هوءَ پنهنجي ساءِ چپن ۾ چوندي رهي! ”ناهڻ کي ڍاهي سگهجي ٿو، مگر ڍاهڻ کي ڍاهي نٿو سگهجي!.........واهہ!“

ردا جون اکيون ٽشوپيپر ۾ لاشعوري طور تي دارا کي ئي ڳولي رهيون هيون. ردا جو لاشعور جڏهن شعور تي ڀاري ٿي پيو تہ ٽشوپيپر جي ٽڪري مان دارا ظاهر ٿي پيو، دارا کي ڏسندي ئي ردا دارا ۾ گم ٿي وئي. دارا ردا سان ڳالهائڻ لڳو، ”ها! هر شيءِ جيڪا تون نهندي ڏسي رهي آهين، سا ڍهي ويندي! ڪائنات ۾ هر نهندڙ شيءِ ڍهي ويندي!“ دارا ڳالهائيندو رهيو، ”مضبوط مضبوط عمارتون، وڏا وڏا بنگلا توڙي ڍگها ڍگها ٽاور، سگهيون سگهيون پُليون توڙي اوچا اوچا پلازا سڀ ڍهي ويندا!...... ڪا بہ چيز ڍهڻ کان بچي نہ سگهندي! هر شيءِ ڍهي ويندي!...... سواءِ ’ڍهڻ‘ جي!“ دارا جون ڳالهيون ردا جي روح تائين لهنديون ٿي ويون! ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هو صدين کان انهن ڳالهين کي ٻڌڻ لاءِ منتظر رهي هئي، ائين ٿي لڳو ڄڻ، هن لاشعوري طور تي اهو ئي سيڪجهہ ٻڌڻ ٿي چاهيو، جيڪو دارا ڳالهائي رهيو هو! ردا ٻڌندي رهي، ٽشو پيپر جي ٽڪري منجهان نروار ٿي پيل دارا ڳالهائيندو ئي رهيو، ”هي جبل، پهاڙ هي ٽڪر هي پٿر ڪيڏا نہ مضبوط آهن، پر توکي چڱي طرح اها خبر آهي تہ اهي جبل پهاڙ ۽ اهي ٽڪر پٿر سڀ تمام جلد ڪيهہ جون ذرڙيون ذرڙيون ٿي اُڏامڻ وارا آهن ردا! هي جنهگل، هي پربت، هي ويرانا، هي ڪاشانا، هي سمونڊ، هي صحرا!.... ڪيترين نہ وسعتون آهن انهن سيني ڪي! پر اهي سيئي وسعتون لفظ ’ڍهڻ‘ جي وات کان وڏيون نہ آهن!.... اهي سيئي وسعتون، هڪ ڳيت سان ئي ڳڙڪائجي وڃڻ واريون آهن ردا!“ دارا چيو، ”هي جيڪو بہ ڪجهہ نهيل آهي يا نهي رهيو آهي، سو سمورو درحقيقت ’ڍهڻ‘ جو ئي سامان آهي! مون کي تہ ائين ٿو نظر اچي تہ اهو سيڪجهہ ڍهڻ جي لاءِ ئي نهيل آهي يا نهي رهيو آهي! حقيقت هي ئي آهي تہ ’نهڻ‘ اکين جو ڌوکو آهي! ’نهڻ‘ تہ نهي ئي نہ رهيو آهي! هي جيڪو ڪجهہ بہ نهي رهيو آهي، سو تہ اصل ۾ ’ڍهڻ‘ ئي نهي رهيو آهي!........چاڪاڻ تہ اهو سيڪجهہ ڍهي ويندو، سواءِ ’ڍهڻ‘ جي!“

ردا دارا جي ڳالهين ۾ مڪمل طرح وڃايل هئي، هوءَ ٻڌندي رهي، دارا وري ڳالهايو، ” هي دنيا ڏس! ڪيڏي نہ خوبصورت آهي هي دنيا! . . . . هي صبحون، هي شامون، هي راتيون، هي ڏينهن! هي موسم، هي ماحول! هي چيٽ، هي چاندوڪيون! هي چنڊ ستارا، هي تارا ڪتيون! هي سيڪجهہ! ڪيترو نہ حسين آهي هي سيڪجهہ!....... هي جمادات،

هي نباتات! هي حيوان، هي انسان! هرشيءِ ۾ ڪيترو نه حسن آهي ڏس! هي گل ٻوٽا، هي وڻ ٽڻ، هي پکي پکڻ، هي ماڻهو مرون! ڪيترو نه پيارو آهي هي جهان هي جنسار! پر تون ٿي ٻڌاءِ ردا، ڇا انهي حسن ۽ خوبصورتي کي ڪا بقا آهي!؟“ ڪجهه ترسي دارا وري ڳالهايو، ”ٻيو ته ٺهيو ردا، پر تون آئيني اڳيان ٻيهي ڪجهه گهڙيون خود کي ئي ڪٽي غور سان ڏس!. . .. . تنهنجو چهرو ڪيترو حسين آهي، ڪيڏي خوبصورت آهين تون!. . .پر ٿورو سوچ ته سهي، ڇا انهي حُسن کي ڪا بقا آهي؟! تون جيڪا سڄو سڄو ڏينهن پنهنجي پاڻ کي ناهيندي ئي رهندي آهين ردا!. ... . سو روز روز جو ’نهڻ‘ ٻه آخر ڪيستائين؟!!“

ردا ماٺ ئي هئي، هوءَ چاهيندي ٻه ڪجهه ڳالهائي نه سگهي، دارا پاڻ ئي وراڻيو، ”نه! هر گز نه! انهي حُسن، انهي خوبصورتي کي لمحي جي ٻه بقا ناهي!..... اهو سيڪجهه ته هن ئي لمحي ختم ٿي سگهي ٿو!“

ردا ساري رات سمهي نه سگهي هئي، سندس اکيون ترورا ڏيڻ لڳيون. ردا جون اکيون ٽشو پيپر ۾ ڪتل هيون، ردا جون اکيون اجهامڻ لڳيون، ٽشو پيپر منجهان آهستي آهستي دارا گم ٿيندو ويو. آهستي آهستي دارا ڌنڌلو ويو ۽ آهستي آهستي سندس جملو ٺهندو ويو! لهرون لهرون ٿي دارا جو عڪس ٽشو پيپر تي وکري ويو ۽ انهن ئي لهرن منجهان دارا جو اهو ساڳيو جملو اڀري پيو، ”ناهڻ کي ڊاهي سگهجي ٿو، مگر ڊاهڻ کي ڊاهي نٿو سگهجي!“

ردا جون اکيون بند ٿي ويون...........

◘

**مسٽر** دارا رات دير سان گهر آيو هو. هُو ڏاڍو ٿڪل هو. هُو پنهنجي ئي بُت مان بيزار هو. هن ايندي ئي پنهنجو ڪوٽ لاهي هينگر تي ٽنگيو ۽ بيڊ تي ليٽي پيو ۽ اتي ئي الوپ ٿي ويو. مسٽر دارا رات جو پلي ڪيڏو ئي دير سان ڇو نہ سمهي، پر اها هن جي فطرت هئي جو هُو صبح جو سوير اٿندو هو. ان رات بہ دارا ڏاڍي دير سان ستو هو پر هُو صبح جو سوير اٿيو ۽ تيار ٿي آفيس هليو ويو. دارا کي پنهنجي آفيس ۾ ڪوڙ سارا ڪم هئا، اڄ هڪ خاص ميٽنگ بہ هئي، ڪنهن نئين پروجيڪٽ تي ڪم بابت سوچ ويچار ڪرڻو هو. مسٽر دارا شام تائين آفيس جا اهي سمورا ڪم بہ اڪلايا ۽ ميٽنگ مان بہ فارغ ٿي ويو. هُو هاڻي واپسي جا ئي سانباها ڪري رهيو هو، جو پٽيوالو وٽس ڪي ڪاغذ کڻي آيو، جن تي Signature ڪرڻي هئي. مسٽر دارا تڙ تڪڙ ۾ پين کنئي ۽ Signature ڪرڻ لڳو. Signature ڪندي ڪندي مسٽر دارا جا هٿ اوچتو رکجي ويا، ۽ هُو سوچ ۾ پئجي ويو. پٽيوالو ڪجهہ دير خاموش رهيو پر پوءِ نيٺ ٿڪجي وراڻيو، ”سائين خير تہ آهي؟“

پٽيوالي جي آواز تي مسٽر دارا ڪان هلڪو چرڪ نڪتو ۽ پوءِ هن جلدي جلدي ۾ ڪاغذ Signature ڪري پٽيوالي کي ڏنا. پٽيوالو ڪاغذ کڻي هليو ويو ۽ مسٽر دارا ماٺ ڪري ڪرسي تي ويهي رهيو.

”اوهان Signature ڪري رهيا آهيو يا ڪا شيءِ ڍاهي رهيا آهيو؟“ مسٽر دارا جي ذهن ۾ ردا جو چيل اهو جملو گونجڻ لڳو. هُو پنهنجي ساءِ چوڻ لڳو، ’ڪيڏي نه عجيب ڇوڪري هئي هُو!‘ هن هڪ گهرو اونهو ساهه کنيو، ’مون کي زندگي ۾ ڪڏهن ڪنهن ائين نه چيو!........‘ هن سوچيو، ’ مون ڪيترائي ڀيرا Signature ڪئي پر مون کي اهو ڪجهه ڇو نظر نه آيو؟ جيڪو هُن ڏٺو! مون کي ائين ڇو محسوس نه ٿيو؟ جيئن هُن محسوس ڪيو!‘

”اوهان Signature ڪري رهيا آهيو يا ڪا شيءِ ڍاهي رهيا آهيو؟“ مسٽر دارا انهي جملي جي پاتال ۾ پيهي ويو. ها! مان Signature ڪندو ئي ناهيان! مان ته ڪا شيءِ ڍاهيندو آهيان. ڪا ٻي شيءِ نه، بلڪِ پنهنجو پاڻ ئي ڍاهيندو آهيان مان! مان پنهنجي ئي ذات جي نفي ڪندو آهيان! ۽ اها نفي مان گهٽو اڳ ڪان ڪندو آيو آهيان! مان پنهنجو پاڻ کي گهٽو اڳ ڪان ڍاهيندو رهيو آهيان؛ ائين ٿو لڳي ڄڻ ازل ڪان به اڳ ڪان!.........
دارا انهن ئي خيالن ۾ گم هو جو پٽيوالو چانهه جو ڪوپ کڻي آيو، ۽ اڇي سندس ميز تي رکي وراڻيو، ”سائين هي اسپيشل دود پتي پيئو ۽ جان ناهيو!... اڄ اوهان ڏاڍا ٿڪل ٿا لڳو، انڪري خاص اوهان جي لاءِ ناهي آيو آهيان!“ مسٽر دارا آفيسر هو پر آفيسرن وانگر نه هو. هن جي سيني سان دوستي هئي. پٽيوالو فضلو به ساڻس دوستن جيان حجتون ڪندو رهندو هو. دارا فضلو سان ٿورو مسڪرايو ۽ پوءِ چانهه کڻي پيئڻ لڳو. فضلو جي اسپيشل دود پتي پيئندي، دارا هڪ اونهو گهرو ساهه کنيو ۽ ميز تي پيل ڪاغذ پاڻ ڏي سوري ان تي Signature ڪئي. هن Signature ڪئي ته سندس ڪنن ۾ وري اهو ئي ساڳيو ردا وارو جملو گونجيو، ’اوهان Signature ڪري رهيا آهيو يا ڪا شيءِ ڍاهي رهيا آهيو!‘ دارا ڪرسي کي ٽيڪ ڏئي آهستي آهستي گرم گرم چانهه جون سرڪيون پرڻ لڳو. دارا جي سرڪين ۾ ايترو ته وقفو هو جو گرم چانهه ٿڌي وئي. دارا جون اکيون ميز تي پيل ڪاغذ تي ٿيل سندس Signature تي کتل هيون پر دارا نه ميز ڏسي رهيو هو، نه ميز تي پيل ڪاغذ، ۽ نه ئي ان تي ٿيل پنهنجي!Signature ..... دارا کي انهن مان ڪجهه به نظر نه ٿي آيو. هن کي ڪجهه ٻيو نظر اچي رهيو هو. دارا انهي پنهنجي Signature جي پاتال ۾ پيهي پسي رهيو هو، ڪو ويرانو آهي، ڪو صحرا آهي،

جنهن ۾ هُو تنها ڀٽڪي رهيو آهي، هُو رڻ جو راهي آهي، هُو مدتن جو مسافر آهي، هو صدين جي سفر تي آهي! هُو هڪ عرصي کان بنا ساهي جي هلي رهيو آهي. هو گهڻو اڳ انهي راهه جو راهي ٿيو هو. رڻ جو راهي! راهِ فرار جو راهي! ها، هُو راهه فرار جو راهي آهي. دارا ڏسي رهيو هو ته، گهڻو اڳ ڪڏهن ڪنهن لمحي هن جي دل ڀرجي وئي هئي، هن جي دل بي سبب بيچين ٿي پئي هئي. گهڻو اڳ هڪ محفل ۾ هن کي تنهائي وڪوڙي وئي هئي! گهڻو اڳ هڪ هجوم هن کي ويرانو لڳو هو ۽ پوءِ هن بيزار ٿي خودڪشي ڪرڻ چاهي هئي! هن مرڻ چاهيو هو، هن فنا جو ارادو ڪيو هو، بس پوءِ ان کان پهرين بابا بلهي شاهه هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو هو،

چل بلـــهيا، چـل اوتهي چليي، جتهـــي ســـاري انـي!
نا ڪوئي سا ڊي ذات پڇاڻي، نا ڪو ئي سا نون مني!

بس پوءِ هن ڪنهن هڪ طرف منهن ڪيو هو ۽ پوءِ انهي اڄاتي طرف هلڻ شروع ڪيو هو. هُو هلندو رهيو هو، هلندو ئي رهيو هو. هُو بنا ساهي جي هلندو ئي رهيو هو! انهي راهه ۾ رڻ هو، رُڃ هئي! پر هو انهي رڻ ۾، انهي رڃ ۾ ڪاهي پيو هو، اهو گهاٽي جو سودو هو، اهو ڏاڍو جوکم وارو ڪم هو، اهو ته فنا کان به مشڪل هو پر هن اهو اوکو جوکو ڪنيو هو. هو انهي ديس جي ڳولا ۾ نڪري پيو هو، جتي هرڪوئي اجنبي هجي! اوپرو هجي! ها، هو هڪ عرصي تائين انهي رڃ ۾ رلندو رهيو هو، انهي اوپري ديس جي ڳولا ۾ هن صدين جو سفر ڪيو هو، هو هڪ اڄاتي عرصي تائين هلي هلي ٿڪجي پيو هو ۽ پوءِ نيٺ ٿڪجي ٿڪجي هن کي پل ساهي جو سوچيو هو، هو ويٺو هو، هن پنهنجي پٽون تي ويل پيرن ڏي ڏٺو هو، هن جي پٽون پيرن تي صدين جي سفر جي تاريخ نقش هئي. هن پنهنجي پيرن تان نگاهون هٽائي پٺتي مُڙي ڏٺو هو، هن پٺتي مُڙي صديون ڏسڻ چاهيون هيون، هن پنهنجو اهو سمورو سفر ڏسڻ جي لاءِ پٺتي مُڙي نهاريو هو، پر هن جڏهن اهو ڏسڻ جي لاءِ ڪنڌ ورائي پٺتي ڏٺو ته هن جي اڃرج جي انتها نه رهي! هن ڏٺو ته هُو اڃان تائين اتي ئي ويٺو رهيو هو جتان هن صديون اڳ هلڻ شروع ڪيو هو! هن پنهنجي پٽون تي ويل پيرن ڏي وري نهاريو هو، هن ڏٺو ته هن جا پير اتي ئي ويٺا هئا جتان هن پهرين وک ڪنئي هئي! هُن جڏهن صدين جي سفر جي باوجود به پنهنجي پاڻ کي اتي ئي ويٺل ڏٺو تڏهن هن پنهنجي پاڻ کي ڌهندي محسوس ڪيو. هن کي ائين لڳو جيئن هو صديون اڳ پنهنجي پاڻ کي ناهڻ جي لاءِ صدين جي سفر تي نڪتو هو، پر اڄ هن جڏهن پٺتي مُڙي نهاريو هو ته پل ۾ ڍهي ويو هو. مدتن

جي محنت تي پل ۾ پاڻي ڦري ويو هو! دارا کي اهو سوچي ائين لڳي رهيو هو جيئن هو ازل کان وٺي هڪ دائري ۾ ئي هلي رهيو آهي! ائين جيئن نار ۾ ڏاند هلندو رهندو آهي، هن جون اکيون ٻڌل هونديون آهن هن کي ڪا خبر ئي نه هوندي آهي، هو بس هلندو ئي رهندو آهي، پر سڄو ڏينهن مسلسل هلڻ جي باوجود به هو درحقيقت هڪ وک به اڳتي هلي نه سگهندو آهي! دارا کي ائين لڳو ڄڻ اها راهِ فرار جي راهه هئي، جنهن تي هن گهڻو اڳ هلڻ شروع ڪيو هو. پر هُو فرار تي نه سگهيو هو! هن کي ائين لڳو هو، ڄڻ هن هڪ نئين دنيا جي ڳولا ۾ گهڻو اڳ اهو سفر شروع ڪيو هو پر هو صدين تائين اهو سفر طئہ ڪري نه سگهيو هو، هو اها دنيا دريافت ڪري نه سگهيو هو! هن گهڻو ئي ڪوشش ڪئي هئي پر هُو هِن دنيا جي حدن منجهان نڪري نه سگهيو هو. دارا کي ائين لڳو هو جيئن هُن هڪ عرصي کان پنهنجي ئي ڪل مان نڪرڻ جي تي ڪئي! هو پنهنجا ئي پر کوهي رهيو هو، پر گهڻو ئي ڪوشش جي باوجود به هو پنهنجي ڪل منجهان نڪري نه سگهيو هو، هو خود کان آزاد تي نه سگهيو هو!............

.. . .... ڪنهن پل دارا جڏهن انهي پاتال مان ٻاهر نڪتو ۽ هوش سنڀاليو ته هن جي نگاهہ پنهنجي سامهون واري ڪوري ڪاغذ تي پيئي، جيڪو سڄو هن پنهنجي signature ڪري ڪري ڪارو ڪري ڇڏيو هو. دارا اهو ڪارو ڪاغذ پنهنجي ڪوٽ ۾ وڌو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو آفيس مان نڪري گهر ڏي روانو تي ويو.....

□

ردا سان گڏ ٻيو ڪوبہ نہ رهندو هو. هڪ هُوءَ هئي ۽ ٻيو سندس اها اڏڙوت ماسي، جنهن ڪيس ننڍي هوندي ڪان ئي پالي وڏو ڪيو هو. ردا جي ماسي رنگ جي سانوري هئي، هن جي ڪوجهي چهري تي ماتا جا نشان بہ هئا، جن سندس چهري جي بدنمائي ۾ اجان بہ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو هو. هُن ۾ حسن نالي ڪا شيءِ ئي نہ هئي. هن جي اهميت صرف ردا جي ڪري ئي هو. جيڪڏهن هن وٽ ردا نہ هجي ها تہ ڪير سندس هٿ جو پاڻي بہ نہ پيئي ها پر ردا جيڪري ڪيئي خان توڙي خانان بہ ساڻس گڏ ويهي ڪائيندا هئا! ردا، انهي ماسي ڪي پنهنجي ماءُ جيان سمجهندي هئي ۽ هُوءَ ڪنهن ڪي بہ ايتري اهميت نہ ڏيندي هئي جيتري انهي ماسي ڪي! انهي ڳالهہ ۾ بہ هڪ راز هو، اهو راز هي هو تہ:

*****

”تنهنجي ماءُ ڏاڍي حسين هئي ردا!“ ماسي وراڻي.

”..............“ ردا اهو جملو ٻڌو ۽ لاشعور جي پاتال ۾ پيهي وئي. هن جون اکيون لاشعور جي ڏنڏ ۾ پنهنجي اٽڏني امڙ ڪي ڏسڻ لڳيون. هن ڏٺو، لاشعور جي انهي ڏنڏ مان آهستي آهستي هڪ پُرنور چهرو ظاهر ٿيڻ لڳو. اوندهہ ۾ روشني ڦهلجي وئي. رات جي ڪڪ مان ڏينهن نڪرندي نظر آيو. ردا ڏٺو، هن جي ماءُ واقعي بہ ڏاڍي حسين هئي. بيپناهہ حسين!

”هوءَ ايتري ته حسين هئي جو هڪ نظر ڪٽي نهاري ته ڪافر به مسلمان ٿي پوي!.........
نجو جنهن ڏي اک ڪٽي نهاريندي هئي، سو ڪيس وري نهاري نه سگهندو هو!“

”........“ ردا ماٺ ٿي رهي ۽ ماسي جي ڳالهين کان بينياز پنهنجي لاشعور جي پاتال ۾ پنهنجي ماءُ کي ڏسندي رهي، ۽ بيحد حسين ڏسندي رهي.

”تڏهن اسان نواب شاهه جي بازار ۾ رهندا هئاسين،“ ماسي ڳالهائيندي رهي، ”انهن ئي ڏينهن ۾ هتي حيدرآباد جو هڪ وڏيرو اسان جو پراڻو واسطيدار هوندو هو، هن جڏهن پهريون ڀيرو نجو کي ڏٺو ته پهرئين ئي نظر ۾ نهوڙجي ويو! نجو وڏيري کي وڻي وئي، هن جي دل نجو تي ايتري ته فدا ٿي وئي جو هن کي نجو سان ڪو ٻيو گراهڪ ته گوارا ئي نه رهيو. هُو، جيڪو پهرين فصل لٿي ايندو هو، سو هاڻي پهرين مهيني مهيني پوءِ هفتي هفتي تي اچڻ لڳو.“ ماسي پنهنجا پوڙها هٿ ردا جي مٿي تي ڦيريندي چيو، ”انهي ئي وڏيري جي سال ٻن جي صحبت مان نجو توکي جنم ڏنو.“

اها ڳالهه ته اتي جو معمول هوندي هئي، اهڙين بازارين جو هر ٻار ائين ئي ته جنم وٺندو هو. سو ردا جڏهن اهو ٻڌو تڏهن به ڪيس ڪا حيراني نه ٿي، هُوءَ خاموشي جي پولارن ۾ پنهنجي ماءُ کي ڏسندي رهي. حسين.... بيحد حسين ماءُ. هُوءَ پولارن ۾ پنهنجي ماءُ کي سِر کان پيرن تائين ڏسندي رهي. هن جڏهن پولارن ۾ اهي پير ڏٺا، جن پيرن جي هينيان سندس جنت هئي، تڏهن سندس ماءُ ايتري ته عظيم ٿي وئي جو هن جي حيراني جي حد نه رهي! هُوءَ پنهنجي ساهِ ئي سوچڻ لڳي، ته جنت، جيڪا الله جي سڀ کان وڏي عنايت آهي، سا ته ماءُ جي پيرن جي هينيان پيئي آهي!.... اهو سوچي هن جي نظر ۾ ماءُ اجا به وڌيڪ معتبر ٿي وئي ته، ماءُ جي پيرن جي هينيان جيڪڏهن جنت آهي ته پوءِ ماءُ جي مٿي جي مٿان آخر ڇا هوندو!؟..... . .. . هن اهو سوچيو ته خدا جو رسولﷺ به شايد پنهنجي ماءُ کي، پيرن کان مٿي ڏسي نه سگهيو!..... . .. . اهي ڳالهيون خيال ۾ ايندي ئي ردا جي نظر ۾ ماءُ جي عظمت اجا به گهڻي اوچي ٿيندي ويئي. هن جي ماءُ اجا به وڌيڪ حسين ٿيندي وئي!... ... طوائف هجي توڙي ستي ساوتري، ماءُ ته وري به ماءُ ئي ٿيندي آهي نه!

ماسي ڪي پل رڪي وري ڳالهائڻ لڳي، ”اهو وڏيرو نجو تي اهڙو ته پاڳل ٿي پيو جو سيڪجهه داءُ تي رکي به نيٺ ڪيس ڪنيي ڪٽي ويو ۽ وڃي نڪاح ڪري ويهاري ڇڏيائين!“

ماسي اهو چئي وري ڪجھ گھڙيون ماٺ رهجي وئي پر ردا جي چهري تي وري بہ اهڙو ڪو خاص تاثر ظاهر نہ ٿيو.... ڪجھ ترسي ماسي وري ڳالھ اڳتي وڌائي، ”ان ڪان پوءِ آئون نواب شاھ ڇڏي حيدرآباد هلي آيس، مون نجو ڪي گھٽو ئي ڳولهيو پر ان جو ڪو ئي پتو نہ پيو!“ ماسي پنهنجو هٿ ردا جي مٿي تي ڦيريندي چيو، ”تون پنجن مهينن جي مس هُئين جڏهن تنهنجي ماءُ توکي هتي ئي ڇڏي وڏيري سان گڏ هلي وئي هئي! . .... . . ان ڪان پوءِ تو ڪي مون ئي پالي وڏو ڪيو آهي!“

اها ردا، جنهن تي ڪافي دير ڪان ماسي جي ڪنهن بہ ڳالھ جو ڪو بہ اثر ڪونہ پئي ٿيو، ڪافي ڳالهيون اهڙيون هيون جيڪي ڇرڪائيندڙ بہ هيون. ڪهاڻي ڏاڍي پُرتجسس بہ هئي، پر انهي سموري ڪهاڻي جي اختتام تائين ردا جي رُخ تي حيرت جي هڪ بہ لڪير ظاهر نہ ٿي؛ پر تنهن ردا، جڏهن ڪهاڻي جو آخري جملو ٻڌو تہ لمحي بدلجي ۾ وئي. ”تون پنجن مهينن جي مس هئين جڏهن تنهنجي ماءُ توکي هتي ئي ڇڏي وڏيري سان گڏ هلي وئي هئي! . .... . . ان ڪان پوءِ تو ڪي مون ئي پالي تاتي وڏو ڪيو آهي!“ هن جڏهن اهو جملو ٻڌو تہ نفرت ۽ ڪروڌ ۾ پرجي وئي. لاشعور ۾ نظر ايندڙ سندس ماءُ جو حسين چهرو بدنما ٿيندو ويو. هن ڏٺو، ماسي جو آخري جملو سندس ماءُ جي منهن تي ڇڻ تيزاب ٿي هارجي ويو. هن جو منهن ڏسڻ جي قابل نہ رهيو! ردا لاشعور مان موٽي شعور ۾ آئي. هن پنهنجي ماءُ ڪان منهن موڙي، ڪنڌ ورائي پنهنجي ماسي ڏي ڇتايو، هن ڏٺو، ماسي جي چهري تان ماتا جا نشان ميٽجي چڪا هئا، هن جو ڪوجهو منهن منور ٿي ويو هو! هن جي ماسي جي چهري تي ڪيس حسن جون تجليون نظر آيون.

ردا ان ئي ڏينهن پنهنجي ماءُ کي وساري ڇڏيو هو. هن ڪي ماءُ ڪان وحشت ٿي پئي هئي. هن پنهنجو پاڻ ڪي ماسي تائين ئي محدود ڪري ڇڏيو هو.

. . . . . . . ماءُ جي عظمت گھٽ نہ ٿي هئي، ماءُ جي معتبري تي آنچ نہ آئي هئي، بس ٿيو رڳو ايترو هو جو ردا جي ماءُ بدلجي ويئي هئي! هاڻي سندس ماسي ئي سندس ماءُ ٿي پئي هئي....!

دارا شام جو جڏهن آفيس کان گهر موٽيو تہ ڏاڍو ٿڪل هو. هُو ايندي ئي بيڊ تي ليٽي پيو ۽ ليٽندي ئي ڪيس ننڊ اچي وئي. هُو ڪافي دير تائين ستل ئي رهيو پوءِ شام جو اڪ ڪليس تہ منهن ڌوئي وڃي بالڪني ۾ پيل ڪرسي تي ويهي رهيو. هن کي اتي ويهندي ڏسي ماسي بہ سندس جي لاءِ چانهہ ناهڻ لڳي. ردا جيان دارا بہ اڪيلو ئي هو. هن وٽ بہ رڳو هڪڙي ماسي هوندي هئي، جيڪا سندس گهر جو ضروري ڪم ڪار ڪندي هئي، فرق رڳو ايترو هو جو ردا جي ماسي سندس سڳي ماسي هئي پر دارا جي ماسي سندس سڳي ماسي نہ هئي. ها پر پوءِ بہ هُوءَ اوپري يا اجنبي نہ لڳندي هئي. هُوءَ دارا جي سڳي ماسي ئي لڳندي هئي.

دارا جي اها عادت هوندي هئي جو هُو اڪثر شام جو چت واري بالڪني ۾ پيل انهي ڪرسي تي اچي ويهندو هو ۽ لهندڙ سج کي ڏسندو هو. دارا جي اها ئي جاءِ ۽ اهو ئي وقت غور و فڪر جي لاءِ هوندو هو. هُو اتي ويهي ماضي حال توڙي مستقبل جي باري ۾ سوچيندو هو. هُو اتي ئي ويهي پنهنجي ناول يا ڪهاڻي جا پلاٽ سوچيندو هو. اتي ئي ويهي چانهہ جي ڪوپ منجهان سپون پريندي، دارا فطرت جا عجيب منظر ڏسند هو. دارا جي شام تقريباً انهي بالڪني ۾ پيل ڪرسي تي ئي بسر ٿيندي هئي. اڄ دارا جون اکيون سج ۾ ڪتل هيون جيڪو شهر جي وڏين وڏين عمارتن ۾ گم ٿيندو تي ويو. شهر جون اوچيون اوچيون عمارتون سج کي وقت کان اڳي ئي لاهي ڇڏينديون آهن. سج کي شهر جي عمارتن ۾ گم ٿيندي ڏسي، دارا جي اکين جي آڏو هن جو ماضي ترورا ڏيڻ لڳو. هُو روز شام جو ڳوٺ جي پاسي واري واهہ جي ڪپ تي وڃي ويهي رهندو هو، ۽ دير تائين وهندڙ پاڻي کي پُر اسرار نگاهن سان ڏسندو رهندو هو. پاڻي جي دائرن جيان هن جي ڪچڙي ذهن ۾ بہ سوچن جا سوين دائرا نهڻ شروع ٿي ويندا هئا پر هُو انهن کي سمجهي نہ سگهندو هو، هُو جڏهن سوچ جي انهن دائرن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ اهي وري ٻئي پل آهستي آهستي ڊهندا ويندا هئا. ائين ئي هُو ڪافي دير انهن

نهندڙ ڊهندڙ دائرن سان گڏ پاڻ بہ نهندو ڊهندو رهندو هو ۽ پوءِ لهندڙ سج ڪي تڪيندو هو، جيڪو واهہ جي ڀي پاسي واري انبن جي وڏي باغ ۾ لهندي نظر ايندو هو. دارا ڏسندو رهندو هو، سج انبن جي وڻن ۾ لهندو هيٺ ٿيندو ديوين جي ڇانيرين ۾ آهستي آهستي گم ٿيندو ويندو هو. پوءِ هُو انهي لهندڙ سج کي هٿ لوڏي الوداع چوندو هو ۽ ٻي صبح جو وري اوڀر کان اڀرندي ڏسي سندس آجيان ڪندو هو. دارا کي فطرت سان عجيب لڳاءُ هو. دارا ڪڏهن بہ خود کي فقط انسانذات سان وابستہ نہ سمجهندو هو بلڪہ هو خود کي ڪائنات جي ذري ذري سان سلهاڙيل سمجهندو هو. ڪائنات جو ذرو ذرو پنهنجي وجود جو حصو سمجهندو هو. ٻيا ٻار شام جو راند ڪيڏندا هئا، موج مستيون ڪندا هئا پر دارا انهن کان دور دور رهندو هو. هُو تنها نظر ايندو هو پر هُو ڪڏهن بہ تنها نہ هوندو هو. هُو فطرت جي ڪنهن نہ ڪنهن منظر سان گڏ گڏ هوندو هو. دارا جون خوشيون توڙي غم بہ ٻين جي لاءِ ٻي سبب هوندا هئا. هرڪوئي دارا کي حيران ۽ پريشان ڏسي سمجهي نہ سگهندو هو تہ آخر هو ڇو ائين گم سم آهي؟ دارا جيترو وقت ماڻهن سان رهندو هو ان کان وڌيڪ جمادات، نباتات ۽ حيوانات سان رهندو هو. دارا انهي ۾ ڏاڍي آسودگي محسوس ڪندو هو.

دارا کي ننڍي هوندي کان ئي پڙهائي سان ڏاڍو چاهہ هوندو هو پر هُو ڳوٺ جي وڏيري جو اولاد هوندي بہ گهڻو اڳتي ڪا بهتر تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو. انهي جو بہ هڪ سبب هو. سبب هي هو جو دارا وڏيري جي ڏاڏي پوٽي زال جو اولاد نہ هو. دارا پنهنجي پيءُ جي پسند واري شادي جي پئداوار هو. دارا جي ماءُ جيئن تہ وڏيري جي ڏاڏي پوٽي نہ هئي ۽ ٻيو تہ هن پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي وڏيري سان پيار جو پرڻو ڪيو هو سو انڪري وڏيري جي گهر ۾ ان جو نالو ئي ڀاڄوڪڙ ٿي پيو، دارا جيڪڏهن وڏيري جي ڏاڏي پوٽي منجهان هجي ها تہ ٻي ڳالهہ هئي پر هن جو قصور اهو هو جو هُو ڪنهن ڀاڄوڪڙ جو پُٽ هو سو وڏيري جي گهر ۾ سيني جي اڪ جو ڪنڊو هو. دارا جي پيءُ کي پنهنجي ڏاڏي پوٽي زال منجهان بہ ٽي پُٽ هئا، پر انهن ۾ ڪو لڇڻ ئي ڪونہ هو. انهن جو پڙهائي سان ڪو لڳاءُ نہ هوندو هو. دارا انهن جي ڀيٽ ۾ ٻنهہ سجاڳ ۽ سرلو هو پر ڳالهہ رڳو ايتري هئي تہ ڏاڏي پوٽي وارا پُٽ ٻُڻ ٻٽياد وارا هئا ۽ دارا ٻي ٻٽياد هو! هُو دارا کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ دادلا هئا. سو هُو جو نہ پڙهيا تہ دارا جي پڙهائي بہ ڪنهن کان هضم نہ ٿي سگهي. بس ائين ئي دارا جيڪو چاهيو سو ٿي نہ سگهيو. دارا سان انهن جو رويو شروع کان ئي اهڙو هو جو هو روز اندر ئي اندر ۾ ڌهي پوندو هو. پر ان

جي باوجود بہ دارا دل هارڻ کان پهرين، نااميد ٿيڻ کان پهرين هر ڀيري وري خود کي حوصلو ڏيندو هو ۽ وري پاڻ کي پاڻ سنڀاليندو هو..... ائين هو روز نهندو روز ڌهندو رهيو.....

ماسي چانهہ کڻي اچي دارا جي اڳيان رکي. ڪوپ جي ڪڙڪي تي دائرا هڪدم ڏنڌلا ٿي ختم ٿي ويا. دارا ڏٺو، سچ اوچين اوچين عمارتن ۾ گم ٿي وقت کان اڳي ئي لهي چڪو هو. دارا هڪ اونهو ساهہ کنيو ۽ انهي اونهي ساهہ ۾ دارا خود کي مشڪل ننڍپڻ کان ويندي هن بالڪني جي آرامده ڪرسي تائين ڏٺو. اهو اونهو ساهہ کڻي دارا چپن ۾ چيو، ”مان تہ شروع کان وٺي روز ڌهندو روز نهندو رهيو آهيان....!“ چانهہ جي سپ پريندي دارا وري پنهنجي ساءِ چوڻ لڳو، ”ڪير احمق پاڻ کي پاڻ تو ڏاهي، مان تہ خود کي سدائين ناهيندو ئي رهيو آهيان پر الئہ چو هر ڀيري وري بہ نهندي نهندي ڌهي ويندو رهيو آهيان!......“

دارا جي موبائل جي گهنٽي وڳي. دارا ڪوٽ جي ڪيسي منجهان موبائل ڪڍي ڪال اٽينڊ ڪئي. ڪيسي منجهان موبائل ڪڍندي دارا کي ائين لڳو ڄڻ ڪيسي منجهان موبائل سان گڏ ڪا ٻي شيءِ بہ نڪتي جيڪا فرش تي ڪري پئي. دارا فون مان فارغ ٿي هيٺ فرش تي نهاريو. دارا جي پيرن ۾ اهو ئي ڪاڳر پيو هو جنهن کي هن آفيس ۾ اهو سوچيندي سوچيندي پنهنجي Signature سان ڪارو ڪري ڇڏيو هو تہ، ’ها! مان Signature ڪندو ئي ناهيان! مان تہ ڪا شيءِ ڊاهيندو آهيان. ڪا ٻي شيءِ نہ بلڪِ پنهنجو پاڻ ئي ڊاهيندو آهيان مان!‘

انهي ڪاري ڪاڳر کي ڏسندي ئي دارا جون سڀئي سوچون گڏمڏ ٿي ويون.........

◯

◘

هڪ تيندي آهي دل جي دنيا، ۽ ٻي تيندي آهي دنيا جي دل! اهي، جيڪي دل جي دنيا ۾ رهندا آهن سي دنيا جي دل مان نڪري ويندا آهن، ۽ اهي جيڪي دنيا جي دل ۾ رهندا آهن سي دل جي دنيا ۾ رهي نہ سگهندا آهن. دارا دل جي دنيا جو ماڻهو هو سو هن هوش سنڀاليندي ئي پنهنجي هڪ ننڍڙي دل جي دنيا آباد ڪري ڇڏي. ڳوٺ جي ٻاهران، ڪٻڙن ۽ ڄِهڙن جي وڻن جي هيٺيان، ڪانئن ۽ ڪاڳرن جا هتراڙو راند ڪا ناهيندي، جيئن خدا مٿي مان منفرد ماڻهو ناهيو، تئين مٿي منجهان دلڪش راند ڪا ناهيندي، بهار جي موسم ۾ پوپٽ پڪڙيندي ۽ سانوڻ جي مند ۾ ڀنيوريون جهليندي ۽ چاندوڪي جي راتين ۾ لڪ لڪوٽي راند کيڏندي دارا زينت سان گڏجي پنهنجي اها دل جي دنيا آباد ڪري ڇڏي. ننڍپڻ ۾ انهن ٻنهي ڄڻن گڏجي هڪ واري جو ننڍڙو گهر ناهيو، اهو واري جو گهر ڏسندي ئي ڏسندي ڏينهون ڏينهن سنگِمرمر جي محلن کان مضبوط ٿيندو ويو. هُو ننڍڙا هئا تہ اها دل جي دنيا بہ ننڍڙي هئي، پر جيئن جيئن هُو وڏا ٿيندا ويا، تيئن تيئن سندن اها دل جي ننڍڙي دنيا بہ وڏي ٿيندي وئي! وقت گذرندو رهيو، وقت ڏاڍي تيزي سان گذرندو رهيو مگر دارا ۽ زينت جي نگاهہ ڪڏهن وقت جي ڪانٽن تي پئي ئي ڪانہ! هنن جي لاءِ وقت اتي ئي بيٺو رهيو، جتي هنن دل جي دنيا جي پهرين ڪاني ڪوڙي هئي. پيار جي انهي پهرين ڪاني کان وٺي دل جي دنيا جي پايہءِ تڪميل تائين هُو ٻئي ڄڻا ڄڻ تہ معراج جي سفر تي هئا، جتي وقت بہ ساڪن ٿي ويو هو!

دل جي دنيا جو ڪو بہ مذهب نہ ٿيندو آهي، ڪا بہ قوم نہ ٿيندي آهي. دل جي دنيا ۾ رنگ نسل، ذات پات توڙي اوچ نيچ جو ڪو بہ تصور نہ ٿيندو آهي. جڏهن تہ دنيا جي دل ۾ اهو سيڪجهہ ٿيندو آهي. دنيا جي دل ۾ انيڪ ديوارون ٿينديون آهن. دنيا جي دل ۾ رنگ نسل ذات پات اوچ نيچ سيڪجهہ ٿيندو آهي. مختصر ايترو تہ دل جي دنيا ۾ دل

ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ ٿيندو آهي! ۽ دنيا جي دل ۾ سيڪجهه ٿيندو آهي سواءِ دل جي!

دل جي دنيا ڏاڍي طاقتور ٿيندي آهي، دل جي دنيا ڏاڍي مضبوط ٿيندي آهي پر دل جي دنيا جڏهن دنيا جي دل سان ٽڪرائبي آهي تہ ريزه ريزه ٿي ويندي آهي، ڇاڪاڻ تہ انهي محاذ تي دل جي دنيا شيشي ڪان وڌيڪ نازڪ ٿيندي آهي ۽ دنيا جي دل پٿر ڪان وڌيڪ سخت!

دارا ۽ زينت جي دل جي دنيا بہ ڏاڍي طاقتور هئي، ڏاڍي مضبوط هئي پر اها بہ جڏهن دنيا جي دل سان ٽڪرائي، تہ ٽائٽينڪ جيان بہ اڌ ٿي وئي! ڳالهہ فقط ايتري هئي تہ دارا ڳوٺ جي وڏيري جو پُٽ هو ۽ زينت انهي وڏيري جي هاري جي ڌيءُ هئي. عجيب الميو هو جو، دارا پڙهي لکي محنت ڪري دنيا ۾ پنهنجو مقام ان ڪري ناهي نہ سگهيو جو هن جي ماءُ زماني جي نگاهن ۾ 'پاجوڪڙ' هئي، ۽ ٻئي پاسي وري هُو زينت سان پيار ڪي پاٽي ڏئي لائون لهي، پنهنجي دل ڪي ان ڪري آباد ڪري نہ سگهيو جو هن جو پيءُ زماني جي نظر ۾ 'وڏيرو' هو! دارا زينت ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ گهڻو ئي ڪجهه وڃايو هو پر، اهو سيڪجهه وڃائڻ جي باوجود بہ هو زينت ڪي حاصل ڪري نہ سگهيو هو! هُو، ڳوٺ جو امير هو، پر هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو جو هُو پنهنجي پاڻ ڪي سيني ڪان وڌيڪ غريب لڳو. هُو، چاهيندي بہ ڳوٺ ۾ رهي نہ سگهيو. ڳوٺ هن جي پيءُ جو هو پر پوءِ بہ هو اتان ڪُوچ ڪري ويو. دل جي دنيا درهم برهم ٿي وئي، زينت هن جي زندگي جي زينت بڻجي نہ سگهي، هن جي زندگي جا سمورا رنگ زنگ ٿي ويا! هڪ دنيا هئي جا اجڙي وئي، ڄڻ تہ اسرافيل صُور ۾ ڦوڪي ڇڏيو ۽ هڪ قيامت برپا ٿي وئي! ايڏو وڏو حادثو ٿي ويو پر وڏيري جي محل جون ديوارون ايتريون تہ اوچيون ۽ مضبوط هيون جو انهن ڪان ٻاهر ٻڙڪ بہ نڪري نہ سگهي! ڪنهن ڪي ڪا خبر ئي نہ پئي تہ دارا ڇو ۽ ڇا جي لاءِ ڳوٺ ڇڏي شهر ۾ هليو ويو! هُن پاسي زينت سان بہ ائين ئي ٿيو. ڇوڪري هئڻ سبب زينت ڪي تہ دارا ڪان بہ وڌيڪ زهر پيئڻو پيو. دارا تہ مرد هو سو ڳوٺ ڇڏي شهر بہ منهن ڪري هليو ويو پر زينت ويچاري تہ گهر جي چائنٽ بہ ٽپي نہ سگهي! جنهن ڏينهن هاري جي ڌيءُ وڏيري جي ننهن بڻجي نہ سگهي! جنهن ڏينهن هڪ غريب هاري جي ڌيءُ هڪ غريب هاري جي ئي پُٽ سان پرڻي، تنهن ڏينهن دارا اهو ديس ئي ڇڏي ويو. پنهنجو سيڪجهه وڃائڻ جي باوجود بہ دارا جڏهن زينت ڪي حاصل ڪري نہ سگهيو تہ هن پنهنجو پاڻ ڪي بہ شهر جي ديوارن جي جهنگ ۾ وڃائي ڇڏيو! اها ڇيت

دارا جي چاتي ۾ هميشه جي لاءِ چيي وئي ته هڪ وڏيري جو پُٽ پنهنجو سيڪجهه وڃائي به هڪ غريب هاري جي ڌيءُ حاصل ڪري نه سگهيو! هن جي لاءِ هر شيءِ سستي هئي سواءِ ان غريب جي ڌيءُ جي! ۽ افسوس ته ان جو سبب به اهو ئي هو ته هُو امير جو پُٽ هو! هن آه ڀري چيو، ”ڪاش! مان غريب هاري جو پُٽ هجان ها!“ بس هن جي آه زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ڪٿي اٽڪي لٽڪي پئي، هن جي آه سٽين آسمان تي اگهامي نه سگهي ۽ هو ڳوٺ ڇڏي شهر ۾ وڃائجي ويو! هن جي وس ۾ سواءِ انهي وڃائجڻ جي ٻيو ڪجهه باقي بچيو ئي نه هو!

ها، دارا جڏهن پنهنجي دل جي دنيا آباد ڪري نه سگهيو تڏهن هن ردِعمل طور خود کي دنيا جي دل جي حوالي ڪري ڇڏيو! هُو ايتري قدر دنيا جي دل ۾ دفن ٿي رهجي ويو جو پنهنجي رت جي رشتن کي به ملي نه سگهيو! دارا جو پيءُ، پنهنجي پُٽ کي ڏونڏاڙي ڏونڏاڙي ٿڪجي پيو پر سندس پُٽ ۾ ساهه پئجي نه سگهيو! نيٺ سندس پيءُ سيئي آسرا پلي نااميد ٿي خالي هٿين موٽي ويو پر دارا زنده ٿي نه سگهيو! دارا جو پيءُ وڏيرو هو، پر غريب ٿي رهجي ويو!

مادي جي تشريح ته ٿي چُڪي آهي پر مادي جي تشخيص اجا اڌوري آهي!......... جيئن پٿر، شيشا توڙي شعلا سڀ مادو ٿيندا آهن، تيئن احساس، جذبا توڙي خيال به مادو ئي ٿيندا آهن، مادي جيان اهي به وزن به رکندا آهن ۽ جڳهه به والاريندا آهن. پر حقيقت هيءَ آهي ته اهي ته هن نظر ايندڙ مادي کان به ڪيئي ڀيرا وڌيڪ وزن رکندا آهن ۽ جڳهه به والاريندا آهن! اهي ماڻهو کي ٽوڙيندا آهن ته ٽوڙي مروڙي ڇڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن جوڙيندا آهن ته جوڙي سجوڙي ڇڏيندا آهن! ها، دنيا جي دل به مادو ٿيندي آهي ۽ دل جي دنيا به مادو ئي ٿيندي آهي. احساسن ۽ جذبن جي ساهمي ۾ دل جي دنيا، دنيا جي دل کان وڌيڪ ڀاري ٿيندي آهي سو تنهنڪري دل جي دنيا جڏهن درهم برهم ٿيندي آهي تڏهن ڪجهه به سلامت نه رهندو آهي سيڪجهه ڊانواڊول ٿي رهجي ويندو آهي. هڪ ٻي اهم ڳالهه اها به، ته جهڙي طرح مادو ڪن مخصوص عملن منجهان گذري پنهنجي حالت بدلائيندو رهندو آهي، تهڙي ئي طرح دل جي دنيا به ڪن مخصوص عملن منجهان گذري پنهنجي حالت بدلائيندي رهندي آهي اها ڪڏهن فنا نه ٿيندي آهي! دارا جي دل به جڏهن دنيا جي دل سان ٽڪرائي ته ريزه ريزه ٿي پئي! بس پوءِ ڪن مخصوص عملن منجهان گذري دارا جي دل جي دنيا جي حالت بدلجي وئي. زينت وارو عشق مس ٻڻجي دارا جي قلم ۾ ڀرجي ويو ۽ دارا عشق مان گذري ليکڪ ٻڻجي ويو. دارا جڏهن دل بدر ٿيو هو

تڏهن هن ردِعمل طور خود کي شهر جي ديوارن سان ٽڪرائي ڇڏيو هو... اها دارا جي خودڪشي هئي. دارا پنهنجو مٿو شهر جي ديوارن سان ٽڪرائي ڇڏيو هو پر دارا مري نہ سگهيو هو. دارا خودڪشي ڪري نہ سگهيو هو، رهندو ڇا ٿيو هو جو شهر جي ديوارن ۾ زور سان لڳل سندس مٿو جڏهن ڦاٽي پيو هو تڏهن سندس مٿي مان وهيل رت دارا جي قلم جي مس تي پئي هئي ۽ اهڙي طرح عجب جهڙو اتفاق اهو بہ ٿي پيو هو جو دارا خودڪشي ڪندي ڪندي هڪ ٻيو جنم وٺي ويو هو...... دارا پوءِ رڳو دارا نہ رهيو هو، هُو هاڻي هڪ نالي وارو ليکڪ بہ ٿي پيو هو!

دارا شهر ۾ ايندي ئي سگريٽ شروع ڪري ڇڏيا هئا. هُو سگريٽ دکائيندو هو ۽ پوءِ انهي سگريٽ مان نڪرندڙ دونهي جي لاٽن ۾ درهم برهم ٿي ويل پنهنجي دل جي دنيا ڏسندو هو....... سگريٽ جي دونهي ۾ هُو پنهنجو ماضي ڏسندو هو. دونهي جي نهندڙ ڌهندڙ چلن ۾ هُو خود کي نهندي ڌهندي ڏسندو هو. دونهين جي دائرن منجهان زينت ليئا پائيندي هئي.... هُو زينت کي ڏسندو هو.... زينت هڪ پل ۾ نهي وري ٻئي پل ۾ ڌهي ويندي هئي. زينت جي انهي نهڻ ۽ ڌهڻ سان دارا بہ نهندو ۽ ڌهندو رهندو هو...... پوءِ جيئن سگريٽ سڙندو رهندو هو تيئن دارا بہ جلندو رهندو هو. دارا سگريٽ جيان سڙڻ لڳو هو...... دارا گهٽو اڳ سگريٽ تي سڙي وجي ها پر ڪيس سيٺ سلامت جهڙو ماڻهو ملي ويو هو جنهن ڪيس ائين مفت مرڻ کان بچائي ورتو هو. پوءِ دارا سگريٽ گهٽائي ڇڏيا هئا. هن زينت کي سگريٽ جي دونهي بدران اگربتي جي دونهي ۾ ڏسڻ شروع ڪيو هو.... هُو روز ڏينهن جي يا رات جي پوئين پهر ۾ پنهنجي ڪمري جون بتيون ڌم ڪري هڪ ڪنڊ ۾ اگر بتيون دکائيندو هو ۽ پوءِ اگربتي جي انهي دونهي ۾ زينت کي تڪيندو رهندو هو! اهو معمول بہ ڳچ عرصو هلندو رهيو هو پر پوءِ جڏهن دارا جو خون آهستي آهستي قلم ۾ مس تي پرجي ويو هو تڏهن آهستي آهستي ٿيندي زينت بہ ڏينهون ڏينهن ڌنڌلي ٿيندي وئي هئي......!

هاڻي هُو لکندو هو يا پڙهندو هو، ياد جيڪڏهن وڌيڪ اداس ڪندي هئي تہ وري هڪ سگريٽ دکائيندو هو، يا پنهنجي ڪمري جون سيئي بتيون ڌم ڪري هڪ ڪنڊ ۾ اگر بتي دکائي ڇڏيندو هو! جيڪڏهن اجا بہ مسئلو حل ٿيندي نہ ڏسندو هو تہ پوءِ نيٺ شراب جو سهارو وٺندو هو! لکڻ، پڙهڻ، سگريٽ دکائڻ، سيئي بتيون ڌم ڪري اگربتي ٻاري ڇڏڻ يا شراب پيئڻ....... دارا سگريٽ کان ويندي شراب تائين انهن سيني عملن ۾ لاشعوري طور تي زينت کي ئي ڳولهيندو هو درحقيقت.......

◘

**ردا** کي اڄ ڪنهن مئگزين کي ڪجهه ٽائيٽل شوٽس ڏيڻا هئا سو هُو ميڪ اپ جي لاءِ روبي بيوٽي پارلر ۾ هئي. روبي سندس ميڪ اپ ڪري رهي هئي. ردا شروع کان وٺي روبي وٽ ئي ايندي هئي. سو روبي آهستي آهستي سندس دوست بڻجي پئي هئي. روبي آهستي آهستي ردا کي ڏاڍو چاهڻ لڳي هئي. هن جي دل ردا سان لڳي ويئي هئي، هُو ردا کي مس ڪندي هئي، روبي ردا تي ذري گهٽ ته عاشق هئي، هڪ ڀيري ته ردا جو ميڪ اپ ڪندي روبي ردا کي چيو، ”جيڪڏهن آئون مرد هجان ها، ته توسان ئي شادي ڪريان ها!“

روبي گهٽو اڳ پيار جو پرڻو ڪيو هو پر بدقسمتي سان اهو پيار جو پرڻو مهيني ٻن ٽائين مس هلي سگهيو هو. ڪجهه ئي مهينن ۾ هن جي مڙس سان عليحدگي ٿي وئي هئي ۽ نيٺ طلاق تي دنگ ٿي ويو هو. طلاق کان پوءِ روبي ٻي شادي نه ڪئي هئي. هن انهن ئي ڏينهن ۾ هي بيوٽي پارلر کولي ڇڏيو هو. پوءِ هن جو جڻ ته بيوٽي پارلر سان ئي نڪاح پئجي ويو هو. هو اڄڪلهه بيوٽي پارلر ۾ ئي هئي. هاڻي هُو اڌ وهي کان ٻه اڳتي وڃي رهي هئي، پر پوءِ به هُن بيوٽي پارلر اڃڻ نه ڇڏيو هو.

روبي پنهنجي گهنجيل هٿن سان هن جو چهرو سنواري رهي هئي. روبي جي هٿن ۾ ڏاڍو قرار هو. هُو جڏهن به ڪنهن جا وار سنواريندي هئي ته ان عورت جون اکيون پورجڻ لڳنديون هيون. ردا کي به هن جي هٿن ۾ اهڙو ئي احساس محسوس ٿيندو هو. ها، هر ڀيري ائين ئي ٿيندو هو پر اڄ الائه ڇو روبي جي هٿن ۾ ردا کي اهو اڳ وارو قرار محسوس نه پئي ٿيو. روبي پنهنجي گهنجيل هٿن سان ردا کي سنواري سينگاري رهي هئي، ردا جون اکيون سامهون واري آئيني ۾ اهو سمورو منظر ڏسي رهيون هيون. ردا ڏسي رهي هئي، ٻه پوڙها هٿ هڪ جوان چهري کي سنواري رهيا هئا! اهو منظر

ڏسندي ڏسندي ردا تي لاشعوري طور دارا حاوي تي ويو. روبي جي گهنجيل چهري ۾ چتائيندي ردا سوچڻ لڳي، آئون جيڪا خود کي ايتري قدر سنواري سينگاري رهي آهيان، منهنجو به انجام اهو ئي ٿيڻو آهي! ردا روبي جي چهري ۾ پنهنجو مستقبل ڏسي حيران ٿي رهي هئي. ردا جو عروج هو ۽ روبي جو زوال! روبي جا گهنجيل هٿ جڏهن ردا جو جوان چهرو سنوارڻ لڳا ته ردا کي اهو منظر ائين ٿي نظر آيو، جيئن زوال جا هٿ عروج کي سنواري رهيا هئا! ردا هڪ عرصي کان روبي وٽ ايندي رهي هئي. روبي ڪيئي ڀيرا سندس ميڪ اپ ڪيو هو پر ردا کي اڳ ڪڏهن به اهڙا عجيب خيال نه آيا هئا. ردا کي سدائين روبي جي هٿن ۾ سڪون محسوس ٿيندو هو، روبي جي هٿن جي ڇهاءُ سان هن جون اکيون پورجڻ لڳنديون هيون پر اڄ انهن خيالن ردا کي اهو سيڪجهه محسوس ٿيڻ نه ڏنو. ردا جي اها بي سڪوني اڄ روبي کي به محسوس ٿي. ردا کي پهرين وانگر پُرسڪون نه ڏسي روبي ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”هاڻي سَنڌن ۾ اڳي وارو ست نه رهيو آهي ردا!“ روبي ڳالهائيندي رهي، ” هاڻي ته ٻيهي ٻيهي به ٿڪجي پوندي آهيان!“

ردا ڪجهه چئي نه سگهي. هوءَ چپ ئي رهي. ڪجهه ترسي روبي وري وراڻي، ”سوچيان ٿي ته هاڻي گهر ويهي آرام ڪريان پر ڇا ڪيان منهنجي گهر ۾ سواءِ پيٽين جي ٻيو ڪو ڀاتي آهي ئي ڪونه!.... سو آرام ڪٿي!“ انسان جي فطرت به ڏاڍي عجيب آهي، جڏهن ڀاتي هوندا آهن ته آرام جي لاءِ فقط پيٽيون ئي چاهيندو آهي، ۽ جيڪڏهن فقط پيٽيون ئي هونديون آهن، تڏهن وري آرام جي لاءِ ڀاتي چاهيندو آهي! ان منجهان ثابت ته اهو ئي ٿو ٿئي ته انسان لاشعوري طور تي آرام ته ڪڏهن چاهيندو ئي ناهي! مرڻ گهڙي تائين به نه! روبي اونهو گهرو ساهه کڻي وراڻي، ”هتي وقت جي گذرڻ جي خبر نه پوندي آهي....!“ روبي سڄو وقت اهڙيون ئي نراسائي واريون ڳالهيون ڪندي رهي ۽ ردا وٽ سواءِ تائيد جي ٻيو ڪجهه به نه هو، گهڻي ڀاڱي ته هُو ڪجهه ٻُڌي به نه رهي هئي! سو هن رڳو ڪنڌ لوڏي بار بار تائيد پئي ڪئي. انهن ئي ڳالهين ۾ ردا جو ميڪ اپ پورو ٿي ويو پر روبي جون اهي ڳالهيون ختم نه ٿيون.....

ردا جو ميڪ اپ ٿيو، ڊريسنگ ٿي هُو بلڪل تيار ٿي وئي. هاڻي هُو شوٽس ڏئي رهي هئي.

”ايڪشن!“

”ريڊي!“

”توري نخريلي مُرڪ بيبي!“
”سائيڊ پوز!“
”ترِڇي نظر!“
”هلڪي شرارتي ادا!“

ردا کي رواجي پوز هنيا، فليش جا تجلا ٿيا. شوٽس ٿي ويا. کي ناز کي نخرا، کي ادائون کي انداز زماني کي پاڳل ڪرڻ جي لاءِ ڪيمرا ۾ محفوظ ٿي ويا ها، اهو سڀ ڪجهه ٿي ويو پر اڳ جڏهن بہ ردا اهڙي عمل منجهان گذرندي هئي تہ ڏاڍي چست هوندي هئي، پر اڄ ائين نہ هو. اڄ هن جي من جي مستي مري ويئي هئي. ڪيمرا جي اڳيان اڄ هُو اها ردا نہ رهي هئي، جيڪا پهرين هوندي هئي! ڪيمرا جي سامهون ردا بناوت تہ پهرين ئي ڪندي هئي، پر اڄ ڪيس واقعي بہ اهو سڀ ڪجهه بناوت ئي لڳو هو! اڄ هن کي ڪيمرا جي سامهون پهريون ڀيرو ڪراهت محسوس ٿي هئي! اڄ ڪيئي ڀيرا فوٽوگرافر کي ڪيس هدايتون ڏيڻيون پيون هيون. اڄ هن کي ڏاڍي مشڪل ٿي هئي. اڄ هُو جڏهن نهي جڙي ڪيمرا جي سامهون ٿي هئي تہ هن جي چهري جي اڳيان روبي جو گهنجيل چهرو تري ٿي آيو ۽ هن کان چستي موڪلائي ٿي وئي. هُو پل ۾ وسامي ٿي وئي. هن جي چهري جا رنگ اڏامي ٿي ويا! اڄ جو ڏينهن ڏاڍو عجيب گذريو هو. ردا وڏي مشڪل سان مئگزين وارن مان جان ڇڏائي سڌو گهر آئي هئي ۽ اچي پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي پئي هئي. هُن کي بوريت جو احساس ورائڻ لڳو هو. هن ماسي کي چانهہ جو چيو هو ۽ پاڻ وري سوچن ۾ گم ٿي وئي هئي. ردا جون اکيون ڪمري جي ڇت ۾ کتل هيون، هُوءَ سوچي رهي هئي، دنيا ۾ سڀ کان وڏو ڌوکو ڪيمرا جي ۽ آئيني جي قسمت ۾ لکيل آهي! انهن ٻنهي جي اڳيان جيڪو بہ ايندو آهي سو بناوت ئي ڪندو آهي! اهو تہ لک شڪر آهي جو اهي ٻئي اکيون هوندي بہ انڌا آهن، جيڪڏهن اهي پنهنجي اکين سان اهو سڀڪجهہ ڏسي سگهن ها، تہ يقيناً اهي پنهنجيون اکيون پاڻ ئي ڪوٽي ڪڍي ڇڏين ها! اهو ڏاڍو عجيب خيال هو! اهو خيال ئي ردا جي لاءِ ڏاڍو اوپرو ۽ اجنبي هو! ردا کي احساس ٿيو تہ اهو دارا ئي آهي، جيڪو پردي جي پُٺيان ڪيس اهو چئي ويو آهي! ردا جي حيراني ۽ پريشاني وڌندي ٿي ويئي. هُو خود کي بدلجندي محسوس ڪري رهي هئي. هو پنهنجي پاڻ کان اوپري اجنبي ٿيندي ٿي وئي! هُو پهرين واري ردا ڳولهي رهي هئي. ڪلندڙ، ٽهڪ ڏيندڙ، پوز هڻندڙ، ناز نخرا ڪندڙ! هو پنهنجو غرور ڳولهي رهي هئي، هُو پنهنجي هستي مستي ڳولهي رهي هئي. هن ڪافي

دير تائين اهو سيڪجهه ڳولهيو پر ڪيس ڪجهه به نه مليو! هن کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هن پنهنجو پاڻ وڃائي ڇڏيو آهي. چانهه آئي، هن چانهه پيتي. ڪجهه دير ۾ ماني آئي، هن ماني کاڌي. ماني کان پوءِ وري چانهه آئي، هن چانهه پيتي. شام لڙي وئي، سج لهي ويو، سڄو ڏينهن گذري ويو پر اهو ڏينهن ردا جي ذهن تي بينل ٿي رهجي ويو. اهو ڏينهن رات تائين ردا جي اکين آڏو ڦرندو رهيو. ميڪ اپ، تياري، روبي جو چهرو... روبي جا گهنجيل هٿ.... هن جو جوان چهرو، روبي جا پوڙها هٿ!... زوال جي هٿن ۾ عروج! روبي جون نراسائي سان ڀرپور ڳالهيون!..... ڪيمرا.....فليش!. . . . اهو ڏينهن گذري نه سگهيو!

ردا جي اکين جي آڏو جڏهن روبي جو چهرو ۽ هن جا هٿ ڦرڻ لڳا، جيڪي هُو بيوٽي پارلر ۾ وڏي اڳيان آئيني ۾ ڏسي رهي هئي، تڏهن ردا کي ائين لڳو، ته توڙي جو روبي جا گهنجيل هٿ ڪيس ناهي رهيا هئا پر هُو درحقيقت ڊهي رهي هئي!..... هن سامهون واري آئيني ۾ پنهنجي مٿان بينل اڏ وهي کان ڇڙهيل روبي جي چهري ۾ چتائي ڏٺو ته هن جون اکيون روبي جي چهري جي گهنجن ۾ ڪُپي ويون! روبي جي چهري جا گهنج آهستي آهستي هن جي ذهن ۾ دائرن ۾ بدلجڻ لڳا! هن جي ذهن ۾ دائرا ٺهڻ لڳا...... هُو انهن دائرن ۾ ڀيهي وئي ته ڪيس انهن دائرن ۾ وري به اهو ئي دارا نمودار ٿيندي نظر آيو، جو بار بار ڪيس اهو چئي رهيو هو ته، ”’ناهڻ‘ کي ڍاهي سگهجي ٿو مگر ’ڍاهڻ‘ کي ڍاهي نٿو سگهجي!“

روبي کان پوءِ هن جي اکين آڏو جڏهن سندس شوٽس ڦرڻ لڳا ۽ هن جڏهن خود کي پوز هٽندي ڏٺو، نهي جُڙي بيهندي ڏٺو ته ڪيس ڏاڍو عجيب لڳو! الٽ جو ڪيس اهو سيڪجهه الٽو محسوس ٿيڻ لڳو. اتي به توڙي جو هُو نهي جُڙي ٿي بيني پر ڪيس لڳي رهيو هو ته هُو نهي نه بلڪ اصل ۾ ڊهي ئي رهي آهي! اتي به ڪيس دارا جو اهو ساڳيو ئي جملو بار بار ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو ته، ”’ناهڻ‘ کي ڍاهي سگهجي ٿو مگر ’ڍاهڻ‘ کي ڍاهي نٿو سگهجي!“

ردا جي بيچيني وڌي ته هُن دارا سان ڳالهائڻ چاهيو. ان جي لاءِ هن ڪال ڪري سيٽ سلامت کان دارا جو نمبر ورتو، ردا جي دل چاهيو ٿي ته هُو دارا سان ڳالهائي. هن گهڻو ئي ڪوشش ڪئي. دارا جي نمبر کي ٽڪيندي ٽڪيندي هن ڪيئي ڀيرا پنهنجي آڱر دارا جي نمبر تي پريس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هر ڀيري هن جو هٿ دارا جو نمبر پريس ڪندي ڪندي رڪجي ٿي ويو! ردا جي ته راند ئي مردن سان هوندي هئي. ردا جو ته ڪم

ئي هو مردن کي ورغلائڻ! ردا جڏهن ڳالهائيندي هئي ته ڪنهن مرد کي مجال ئي نه ٿيندي هئي جو هن جي سامهون ڳالهائي سگهي! ها، اجتائين ردا ڪنهن مرد کي ڳالهائڻ ئي نه ڏنو هو، پر هي ڪهڙو مرد هو، جنهن جو نمبر ملائيندي ملائيندي هر پيري سندس هٿ ڏڪي ڪنبي ٿي ويا! دارا ۾ آخر اهڙو ڇا هو، جو هُو هن سان ڳالهائي نه پئي سگهي! ردا پنهنجي ذهن تي گهڻو ئي زور ڏنو، هُو سوچي سوچي ٿڪجي پيئي پر ڪيس اهو معمو سمجهه ۾ ئي نه اچي سگهيو! هُو دارا کي ڪال ڪري نه سگهي.....

ردا خود کي ريليڪس ڪرڻ خاطر موبائل تي عابده پروين هلائي ڇڏي ۽ اڪيون پوري راڳ جي پناهه ۾ هلي ويئي. عابده جي آواز ۾ صوفياڻو راڳ ردا جي روح جي گهراين تائين لهندو ويو. ڳائيندي ڳائيندي عابده هڪ جاءِ تي هڪ اهڙو دوهو ڇيو جو ردا کي ريورس ڪري وري ٻڌڻو پيو. هن ريورس ڪري اهو دوهو وري ٻڌو.... وري..... بلڪ وري وري ٻڌو! اهو دوهو ٻڌي ردا دل جو غبار هلڪو ٿيندي محسوس ڪيو. هُو پرسڪون ٿي پئي. ڪجهه دير پهرين هن کي ائين ٿي لڳو ته هُو وڃائجندي ٿي وڃي پر هاڻي ان جي برعڪس هن کي ائين ٿي لڳو، جيئن هُو پاڻ کي ڳولهيندي ٿي وڃي! هن زندگي ۾ پهريون پيرو پاڻ کي پاڻ دريافت ڪندي محسوس ڪيو!

ردا موبائل جو ميسيج آپشن استعمال ڪيو. هن اهو عابده جو اچاريل دوهو ٽائيپ ڪيو ۽ اکيون پوري دارا جي نمبر تي اماڻي ڇڏيو. اهو دوهو موڪلي هن دارا جي ڪال اچڻ جي ڊپ کان موبائل ئي آف ڪري ڇڏيو..... اهو دوهو هو،

چِٽي چادر لاهه سَٽ ڪُڙيي، پهن فقيران لوئي!
چِٽي چادر داغ لڳي سي، لوئي داغ نه ڪوئي!

○

◘

اج آچر جو ڏينهن هو، دارا کي آفيس کان موڪل هئي. دارا صبح سوير اٿيو. هن ڪجهه دير مطالعو ڪيو، پوءِ اخبار آئي، هن اخبار کي متاڇري نظر ڏنو ۽ پوءِ ڪجهه دير ٽي وي ڏسي هن پنهنجي دوست منظور موالي جي دڪان جو رخ ڪيو. دارا جي هڪڙي عادت هئي جو هن جو هوٽل بہ مخصوص هوندو هو، هن جو درزي توڙي دڪاندار بہ هڪڙو ئي هوندو هو. هُو پنهنجا واسطا محدود رکندو هو پر مضبوط رکندو هو. دارا جُتي بہ هڪڙي ئي مخصوص موچي کان پالش ڪرائيندو هو. دارا کي شهر ۾ ڏهہ ٻارنهن سال گذري ويا هئا. انهي ڊگهي عرصي ۾ دارا فقيري کان اميري تائين جو سفر ڪيو هو. پر دارا اڄتائين پنهنجو اهو هوٽل، اهو درزي، اهي دڪاندار نہ ڇڏيا هئا، جيڪ ڪيس شهر جي شروعاتي ڏينهن ۾ مليا هئا. دارا جو موچي اڄ بہ اهو ئي ساڳيو هو، نمر جي چانوَ وارو! دارا جو درزي بہ اهو ئي ساڳيو هو، اسٽيشن روڊ جي پاسي وارو مُلان يونس! دارا جو نائي بہ اهو ئي ڏهہ ٻارنهن سال اڳ وارو ئي ساڳيو هو، منظور موالي! دارا جو ٻين سيني واسطيدارن سان بہ واسطو ساڳيو ئي هو پر پوءِ بہ منظور موالي سان

دوستي ڪجھ سوائي ھئس. منظور موالي ڪي ھرڪو ئي منظور موالي سڏيندو ھو پر دارا منظور ڪي نامنظور سڏيندو ھو. منظور اڌ عمر جو چرس جو موالي ھوندو ھو، جنھن جو ھن وڏي شھر ۾ ھڪ ننڍو حجم جو دڪان ھو. منظور جي ھڪڙي خاصيت، جيڪا دارا ڪي دل سان وڻندي ھئي، سا ھي ھئي تہ منظور ڪُتل ھوندي بہ ھميشہ خان نظر ايندو ھو. منظور غريب ھوندو ھو پر ان ھوندي بہ ھُو سدائين تيار رھندو ھو. دارا ڏھن ٻارنھن سالن جي عرصي ۾ منظور جي ڪڏھن ڏاڙھي وڌيل نہ ڏٺي ھئي، وار وڪريل نہ ڏٺا ھئا. ھن جا وار وڏا ھوندا ھئا ۽ ڪلھن تائين ڪِريل ھوندا ھئا. زيتون جي تيل ۾ سدائين ڪارا ڪاريھر پيا لڳندا ھئا. دارا ھڪيپيري ڪائنس وڏن وارن جو سبب پڇيو ھو تہ وراڻيو ھئائين، ”تو ڪي خبر ناھي دارا دلبر! ھنن وڏن وارن ۾ بہ وڏي مستي ھوندي اٿئي! وار جيترا وڏا ھوندا آھن، ھستي ۾ ايتري ئي مستي رھندي آھي!“ ھُو ھر وقت ٺھيل ٺڪيل رھندو ھو. دارا جڏھن تازو تازو عشق جي چوٽ ڪائي پنھنجو مٿو شھر جي ديوارن سان ٽڪرايو ھو تڏھن اھو منظور موالي ئي ھو، جيڪو ڪيس اتفاقي طرح سان سڀ ڪان پھرين مليو ھو. بس ھينئن ٿيو ھو جو دارا شھر ۾ لھي ائين ئي بي منزل رستن تي ھلڻ لڳو ھو، ھلندي ھلندي نيٺ شام تائين ٿڪجي پيو ھو، ھن جي وجود تي بہ ڏاڍو وزن ٿي پيو ھو سو ھن پنھنجو مٿو ھلڪو ڪرڻ خاطر وھنجڻ جو ارادو ڪيو ھو ۽ پوءِ بس ائين ئي ھُو حمام جي چڪر ۾ اچي منظور موالي جي دڪان تي پھتو ھو. منظور موالي ھو مست الست، سو ڪيس ڏسندي ئي شايد سُڃاڻي ويو جو وراڻيو ھئائين، ”ڏاڍو ٿڪل ٿو لڳين! تازو ڦٿيل ٿو لڳين!“ پوءِ بس دارا ڪي بہ رڳو ھلڪي اشاري جي ئي تہ ضرورت ھئي! بس پوءِ ائين ئي دارا پنھنجو سمورو احوال منظور موالي سان اوري ڇڏيو ھو. پوءِ اھو منظور موالي ئي ھو جنھن چرس پياري پياري دارا جي درد کي درد سان ميٽيو ھو. ھن ئي ڪيس سنڀاليو ھو ۽ پنھنجي عشق جا ڪوڙا سچا قصا ٻڌائي ٻڌائي ڪيس زندگي ڏانھن موٽايو ھو. اھو بہ منظور موالي ئي ھو جنھن ڪيس سيٽ سلامت سان ملايو ھو. ۽ پوءِ اھڙي طرح دارا دل جو ڏک پچائي ويو ھو! ڏھن ٻارھن سالن جي عرصي ۾ دارا ننڍي ماٺھو منجھان وڏو ماٺھو ٿي ويو ھو پر ھن پنھنجي شناس نہ وڃائي ھئي. دارا منظور موالي ڪي وساري نہ ڇڏيو ھو، ھُو پنھنجا وار اڄ سوڌو منظور موالي ڪان ئي ٺھرائيندو ھو.

دارا اڄ تقريباً مھيني ڪن ڪان پوءِ منظور موالي وٽ وڃي رھيو ھو. دارا پنھنجي گاڏي تي نڪتو ۽ ڪجھ ئي منٽن ۾ منظور موالي جي دڪان تي اچي پھتو. منظور

موالي جي دڪان تي نصرت فتح علي جي قوالي هلي رهي هئي ۽ هو پاڻ وار ناهڻ واري پِڳل ڪرسي تي مونن ۾ منهن وجهي ’تم اِڪ گورکهه دهندها هو!‘ تي ڪنڌ ڌوڻي رهيو هو. دارا هن کي دور کان ڏٺو ۽ ڪي پل ڏسندو ئي رهجي ويو. منظور موالي جا زيتون جي تيل ۾ تر تيل وڏا ڪارا وار جڻ ته محوِ رقص هئا! دارا اڳ جڏهن به ايندو هو ته گاڏي منجهان لهندي ئي رڙ ڪري ’منظور نامنظور‘ چئي ڪيس ڪيڪاريندو هو پر اڄ هن منظور کي مدهوشي جي عالم ۾ ڏسي اهڙو ڪجهه به نه ڪيو ۽ ان جي بر عڪس چپ چاپ اچي ٻي ڪرسي تي ويهي رهيو. دارا کي ائين لڳي رهيو هو جيئن منظور اڄ محوِ عبادت هو سو انڪري هن به سندس عبادت ۾ خلل وجهڻ مناسب نه سمجهيو. هن مناسب نه سمجهيو ته منظور نامنظور جي عبادت قضا ٿئي سو ماٺ ڪري ويهي رهيو ۽ دير تائين منظور موالي کي جهومندي ڏسندو رهيو. منظور موالي ڪافي دير تائين جهومندو رهيو پر اوچتو بجلي جي وڃڻ جي ڪري نصرت فتح علي جي قوالي بند ٿي وئي ۽ اهڙي طرح منظور جي عبادت به قضا ٿي وئي. بجلي جي وڃڻ تي منظور موالي ڪان ڪو چرڪ نه نڪتو، هن آهستي آهستي پنهنجو منهن مونن منجهان مٿي ڪيو. هن سامهون دارا کي ڏٺو ته مُرڪي ڏنو، ”اڙي دارا دلبر تون ڪيڏي مهل آئين؟!“

” نامنظور صاحب مان ته.........!“ دارا جو منظور جي منهن ڏي ڏٺو ته ڳالهائيندي ڳالهائيندي چُپ ٿي رهجي ويو. هُو منظور جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو. منظور جي ڏاڙهي اڄ وڌيل هئي. ائين لڳي رهيو هو جيئن هن ٻن هفتن کان شيو ئي نه ڪئي هئي. دارا، جيڪو سدائين منظور کي تيار ڏسندو هو، تنهن اڄ جڏهن منظور جي ڏاڙهي وڌيل ڏٺي ته اچرج ۾ پئجي ويو! ”خير ته آهي نامنظور؟“ هن چيو، ”تو کي ڇا ٿي ويو؟“

”ڪُل خير آهي پيارا!“ منظور مسڪرائيندي چيو، ”مون کي اهڙو ڪجهه ناهي ٿيو دارا دلبر!“

”پوءِ يار اڄ تنهنجي هي ڏاڙهي ڇو وڌي پئي آهي؟“ دارا پڇيو.

”اها ته مون پاڻ ڇڏي آهي يار!“ منظور پنهنجي ساءِ چيو، ”جيئي سائين ڪريم شاهه!“

دارا کي ڪجهه سمجهه نه آيو، ”تون ته سدائين تيار رهندو هئين پيارا؟!“

”تيار ته هاڻي ٿيندس پيارا!“ دارا جي وارن کي پاڻي هٽندي منظور وراڻيو.

وڌيل ڏاڙهي ۽ ڳاڙهين اکين ۾ منظور موالي اڄ دارا کي صفا صوفي لڳي رهيو هو.

”تون ته ختم ٿي ويو آهين!“ دارا چيس.

”تون نٿو سمجهين دارا پيارا!“ منظور پنهنجا مست وار پنهنجي چهري تان هٽائيندي چيو، ”عشق دي الٽي چال!“

”اڙي نامنظور! عشق تہ اگ بہ ڪوڙ سارا ڪري چڪو آهين!“ دارا چيس، ”اگ تہ ڪڏهن اهڙي حالت نہ ٿي تنهنجي!“ هن چيو، ”پهرين تہ سدائين تيار رهندو هئين، روز نئين محبوب ڪي پاڻ وٽائڻ جي لاءِ پيو تيل قليل ڪندو هئين!“

”پهرين بندن سان عشق هو، هاڻي خدا سان عشق آهي پيارا!“ منظور دارا جا وار ناهيندي چيو، ”بندن ڪي پاڻ وٽائڻ جي لاءِ پاڻ ناهٽو پوندو آهي، ۽ خدا ڪي پاڻ وٽائڻ جي لاءِ پاڻ ڊاهٽو پوندو آهي دارا دلبر!....... عشق دي الٽي چال!“

منظور موالي جون ڳالهيون ٻڌي، دارا کي اڄ ڏاڍو تعجب لڳي رهيو هو، منظور چيو، ”اصل ۾ هي ڍهڻ ناهي دارا پيارا!“ هن چيو، ”هي ئي نهڻ آهي درحقيقت!.... مگر تون نہ سمجهندين...... عشق دي الٽي چال!“ منظور موالي ڪجهہ ترسي دارا کي چيو، ”تون عشق جي اُلٽي اک سان ٿورو ڏس تہ منهنجو چهرو ڪيڏو نہ زرخيز ٿو لڳي ڏاڙهي سان!...... سچ پچ تہ مون کي تہ هاڻي بنا ڏاڙهي وارا چهرا صفا ويرانا ٿا لڳن!“

”اڄ تہ يار تون صفا صوفي ٿي ويو آهين!“ دارا منظور موالي کي چيو.

”جيئي سائين ڪريم شاهہ!“ منظور موالي آئيني ۾ پنهنجي پاڻ جانچيندي چيو، ”اجا ڪٿي!..... اجا تہ پاڻ کي ناهٽو آهي!“

”ڪير آهي سائين ڪريم شاهہ؟“ دارا پڇيس.

”منهنجو مرشد آهي يار!“ منظور چيس، ”هن جي دعا سان مان هاڻي دنيا جي جهنجهٽ کان آزاد ٿيندو ٿو وڃان!“

دارا حيراني وچان منظور کي ڏسندو رهيو. منظور پاسي واري هوٽل واري کي چانهہ جو چيو ۽ دارا جا وار ناهيندو رهيو. دارا ڪجهہ نہ چيو، منظور موالي وري ڳالهايو، ”يار جڏهن پاڻ کي مڪمل تيار ڪري وننداس تہ پوءِ هي سڀ ڪجهہ چڏي سائين ڪريم شاهہ جي درٻار ۾ هليو ويندس. . . . . اتي ئي وڃي دم پٽيندس. . . اتي ئي وڃي دم ڏيندس!“

دارا ڪان وري بہ ڪجهہ ڳالهايو نہ ٿيو، هُو ماٺ ٿي رهيو. منظور وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”ڏس پيارا، انسان چاهي پاڻ کي ڪيڏو بہ چو نہ ناهي پر آهي تہ وري بہ هڪ گندي قطري جي پيداوار!...... . . . پوءِ هرويرو پاڻ کي ناهڻ جو فائدو!؟“ دارا ڳالهائيندو رهيو، ”بت پرستي اها ٿورئي آهي جيڪا مُلان چوندا آهن.......... اهي مُلان تہ ڪوڙا اٿئي منا!......“ دارا کي اڄ منظور جون ڳالهيون ڏاڍيون عجيب پر ڏاڍيون زبردست لڳي

رهيون هيون. هُو خاموش ٿي ٻڌندو ئي رهيو، ”يار تون ته وڏو پڙهيل لکيل آهين دارا، توکي ته خبر ئي هوندي ته اڳي ماڻهو هر انهي شيءِ جي پوڄا ڪندا هئا جنهن کان کين خوف يا خطرو هوندو هو، جيڪو انهن کان ڏاڍو هوندو هو!“

”ها، اهو ته سچ آهي، اڳي ماڻهن هر انهي شيءِ کي پوڄيندا هئا، جنهن کي پُڄي نه سگهندا هئا!“

”ته پوءِ پيارا ماڻهو اڄ تائين به اتي ئي بيٺل آهن.“ منظور چيو، ”ماڻهو اڄ به انهن جي پوڄا ڪندا تا اڃن جن کي هُو پُڄي نٿا سگهن!“

منظور جي اها ڳالهه ٻڌي دارا جو چهرو سوال بڻجي منظور ڏي نهارڻ لڳو. منظور چيو، ”ڏس ته سهي، ننڍا ماڻهو وڏن ماڻهن کي ڪيئن نه پيا پوڄين!“ هن چيو، ”غريب ماڻهو امير ماڻهن جي اڳيان ڏس ته ڪيئن تا هٿ جوڙين!“

دارا حيراني وچان منظور جي منهن ۾ تڪيندو رهيو، هن کان اڄ ڪجهه ڳالهايو ئي نه پئي ٿيو، منظور ڪجهه ترسي وري ڳالهايو، ”رڳو پٿر ۽ پتل جي مورتين جي آڏو ڪنڌ جهڪائڻ ڪفر ناهي دارا، شيشي ۽ لوهه جي گاڏين جي جي غلامي به ڪفر آهي پيارا!“

هوٽل تان چانهه اچي وئي. منظور چانهه ڪوپن ۾ پري هڪ ڪوپ دارا کي ڏنو ۽ ٻيو پاڻ چپن تي چاڙهيندي وري وراڻيو، ”اهي مُلان ماڻهن کي دوزخ جا دڙڪا ڏئي ڊيڄاريندا آهن.... چوندا آهن... دوزخ ڪڏهن به ڪونه پربو!“ منظور اهو چئي پنهنجي پيٽ ڏي آڱر ڪئي ۽ چوڻ لڳو، ”هي آهي دوزخ!..... هي دوزخ ڪڏهن به ڪونه پربو پيارا!“

دارا جو دماغ چرخ ٿيڻ لڳو. هن ڪڏهن تصور ئي نه ڪيو هو ته منظور اهڙيون ڳالهيون ڳالهائي سگهي ٿو! ”بُت جي پوڄا حرام آهي!“ منظور پنهنجي بدن تي هٿ ڦيري چيو، ”پيارا ان جو مطلب آهي ته هِن بُت جي پوڄا حرام آهي!“

”يار منظور تون ته واقعي صفا صوفي ٿي ويو آهين!“ دارا چانهه پيئندي چيو.

”صوفين جا پنڌ پري آهن پيارا!..... صوفي ته سائين ڪريم شاهه آهي!“ منظور چيو، ”اهي سڀ ڳالهيون انهي مرشد مون کي ٻڌايون آهن پيارا!“ هن چيو، ”آئون هن جي حاضري تي ويو هئس ته سندس ڪچهري نصيب ٿي!...... شهر کان دور هڪ ويراني ۾ سائين جي دربار آهي!“ منظور چانهه جي سرڪ پريندي چيو، ”سائين چيو، ڳوري کي سدائين پنهنجي رنگ جو فڪر هوندو. ڪاري کي ڪهڙو فڪر. . . .پاڻ کي ناهڻ وارو ته

پيو چنڊ ڦوڪ ڪندو، پاڻ کي ڏاهڻ واري کي ڀلا ڪهڙي پرواهه؟!. . . . .عشق دي اُلٽي چال!“

”واهه يار!.... ماڻهو توکي منظور موالي ٿا چون پر تون ته منظور مولائي ٿي ويو آهين صفا!“ دارا چيو، ”يار ڪڏهن مان به سائين ڪريم شاهه جي حاضري ضرور ڀريندس!“

انهن ڳالهه پي پوري ڪئي، دارا وري دهرايو، ”يار سائين ڪريم شاهه وٽ مان به ايندس ڪڏهن!“

”ها ضرور اچجان!“ منظور دارا کي چيو.

۽ پوءِ دارا موڪلائيندي چيو، ”اڄ تمام زبردست ڪچهري ٿي پنهنجي پيارا!“

منظور موڪلائيندي دارا کي چيو، ”ماڻهو سمجهن ٿا ته مان پنهنجي پاڻ کي ڏاهي رهيو آهيان، پر دارا دلبر ائين ناهي“ منظور مرڪندي چيو، ”آئون ته اصل ۾ هن بُت کي ڏاهي پاڻ کي ناهي رهيو آهيان...... عشق دي الٽي چال......!“

دارا جو اڄ منظور سان ڏاڍو عجيب ملڻ ٿيو. هُو اتان ڪان ٿي گهر آيو. هو وهنجي سهنجي تيار ٿيو، وري سيٺ سلامت سان به ملڻ ويو. هن اتي ئي منجهند واري ماني کاڌي. سيٺ سلامت ڪان ٿي گهر واپس آيو ته ان وقت شام ٿي چڪي هئي، دارا وري فريش ٿي انهي ئي شام واري جاءِ تي يعنىٰ بالڪني ۾ پيل ڪرسي تي ويهي رهيو ۽ منظور موالي جي ڳالهين جي سحر ۾ گم ٿي ويو. هن کي منظور جي هڪ هڪ ڳالهه ڏاڍي وزن واري محسوس ٿيڻ لڳي. هُو ڪافي دير تائين انهي اجوڪي گفتگو جي تصور ۾ غرق رهيو، اوچتو هن جي موبائل جي ميسج ٽيون وڳي. هو پل ۾ پاتال مان نڪري ٻاهر پنهنجي جاءِ تي اچي ويو. هن موبائل کيسي مان ڪڍي ميسيج پڙهيو،

چِٽي چادر لاهه سَٽ ڪُڙيي، پهن فقيران لوئي!
چِٽي چادر داغ لڳي سي، لوئي داغ نه ڪوئي!

انهي دوهي جي هيٺيان لکيل هو،

I am Rida.

اهو پڙهندي ئي دارا جي اکين آڏو ردا ترورا ڏيڻ لڳي! هن کي ردا جو اهو جملو به ياد اچي ويو هو، جيڪو هن ڪائنس آٽوگراف وٺندي چيو هو ته: ”اوهان Signature ڪري رهيا آهيو يا ڪا شيءِ ڏاهي رهيا آهيو!“ ردا جي انهي ياد سان دارا جي چهري تي هلڪي

مسڪراهٽ ڦهلجي وئي. هُن ردا جو موڪليل اهو دوهو ورائي پڙهيو. دارا انهي دوهي تي ذرا غور ڪيو ته ڪيس معلوم ٿي ويو ته ردا اهو دوهو ڏانهنس ڇو موڪليو! دارا کي محسوس ٿيڻ لڳو ته ردا تي به انهي پهرين ملاقات جو سحر اڃا طاري آهي. دارا اهو دوهو هڪ ڀيرو وري دهرايو،

چِٽي چادر لاهه سَٽ ڪُڙيي، پهن فقيران لوئي!
چِٽي چادر داغ لڳي سي، لوئي داغ نه ڪوئي!

اهو دوهو دهرائيندي ڪنهن ڀيري ڪيس منظور موالي جو اهو جملو ياد آيو، جنهن ۾ هن چيو هو ته ”سائين چيو، ’ڳوري کي سدائين پنهنجي رنگ جو فڪر هوندو. ڪاري کي ڪهڙو فڪر؟!‘“

# ”ايڪشن!“

”ريڊي!“
”ٿوري هلڪي مسڪراهٽ!“
”چهرو ذرا هن پاسي!“
”اکين ۾ خمار!“
”نظر ترڇي!“
”سائيڊ پوز بيبي!“

وغيره وغيره اهڙا لفظ هئا جيڪي ردا جي ڪنن روز تي ٻڌا! اها ردا جي زندگي هئي. ردا جو ڪم ئي جلوه گري هو، جادوگري هو. هر وقت تيار رهڻ، مسڪرائيندو رهڻ ۽ پنهنجي پاڻ کي ناهڻ، اهو سڀ ته ردا جي معمول جو حصو هو، پر دارا جي ملاقات کان پوءِ هُو انهن سيني ڪمن کان بيزار ٿي پئي هئي. هن کان آهستي آهستي اهو سڀ ڪجهه ڇڏائبو ٿي ويو. هن کي شوٽس کان، ماڊلنگ کان، اداڪاري کان چڙ اچڻ لڳي هئي. هر وقت پنهنجو پاڻ کي ناهيندي رهڻ هن کي بيوقوفي لڳڻ لڳي هئي. جڏهن ٻه هُو ڪنهن شوٽنگ يا ماڊلنگ جي لاءِ پاڻ ناهيندي هئي ته ڪيس دارا جو لڪيل اهو جملو ياد اچڻ لڳندو هو ته، ’ناهڻ کي ڏاهي سگهجي ٿو مگر ڏاهڻ کي ڏاهي نٿو سگهجي!‘

بس پوءِ آهستي آهستي ٿي هن کان اهو ڪم ڇڏائجي ويو هو. ان کان اڳ ۾ ردا جو موبائل هر وقت سندس ڪن تي ئي رهندو هو، پر پوءِ اهو ٻه آهستي آهستي ڪن کان هٽ، هٽ کان پرس ۽ پرس کان پوءِ آهستي آهستي ٿيندو بيڊ تائين ئي محدود ٿي ويو. ڪال ڪرڻ وارا ڪال ڪري ڪري ٿڪجي پيا، جڏهن ڪين ڪجهه ٻه حاصل نه ٿيو تڏهن

نيٺ مايوس ٿي انهن به وجي ڪي ٻيا در جانچي ڇڏيا. ردا ڪي گھٽو ئي ڊائريڪٽرن توڙي ٻين مئگ وارن اداڪاري ۽ ماڊلنگ جي لاءِ زور پريو ۽ ڪيس روشن مستقبل جون ضمانتون ڏنيون پر ردا ڪان اهو سڀ ڪجھ ڏينهون ڏينهن دور ٿيندو ويو. ردا رات جون محفلون به ويران ڪري ڇڏيون هيون. هن مجرا ۽ رقص سڀ ڇڏي ڏنا هئا. ردا ڪافي ڏينهن ڪان بيوٽي پارلر تي به نه وئي هئي. روبي، جيڪا ذري گهٽ متس عاشق هوندي هئي تنهن به ڪيس فون ڪري به ٿي پيرا ملي وڃڻ جو چيو هو پر ردا ان سان ملڻ به وجي نه سگھي هئي. ردا هاڻي بس گھر تائين ئي محدود ٿي رهجي وئي هئي.

حقيقت هي هئي ته ردا جڏهن پنهنجي ماضي قريب جو سوچيندي هئي ته ڪيس به ڏاڍو عجيب لڳندو هو. هُو ته هر وقت تيار رهڻ پسند ڪندي هئي. هو سڄو ڏينهن آئيني جي اڳيان ويني هارسينگار ڪندي هئي، صبح ڪان شام تائين پئي پنهنجي پاڻ ڪي ناهيندي هئي! هن ته زندگي ۾ ڪڏهن اهو تصور به نه ڪيو هو ته هُو ڪو ايتري قدر بدلجي ويندي! اهو سوچي سوچي ردا ڪي خود ڪي ڏاڍي حيراني ٿيندي هئي، هن ڪي خود ڪي سمجھ ۾ نه ايندو هو ته آخر دارا جي ڳالهين ۾، هُن جي نگاهن ۾، هُن جي آٽوگراف واري هڪڙي جملي ۾ اهڙي ڪهڙي فولادي طاقت هئي جنهن ڪائنس سيڪجھ ڇڏائي ڇڏيو هو! ردا ڪي سمجھ ۾ نه ايندو هو ته دارا سان ملي ڪيس اچانڪ ئي اچانڪ ڇا ٿي ويو آهي!!

”ردا توڪي ڇا ٿي ويو آهي؟“ ماسي ڪافي ڏينهن جي صبر ڪان پوءِ نيٺ اج ڳڻتي واري لهجي ۾ پڇيو.

”ڪجھ نه ماسي!“ ردا اهوئي عام جواب ڏنو.

”تو پنهنجو ڌنڌو چو ڇڏي ڏنو آهي؟“ ماسي چيو، ”ائين ڪندين ته پوءِ ڪم ڪيئن هلندو ردا؟“

”ماسي مون ڪان اهو ڪم نٿو ٿئي هاڻي بس!“ ردا چيو.

”پر چو؟“ ماسي پڇيو.

”الله چو ماسي!“ ردا چيو، ”بس مون ڪان نه ٿيندو اهو سيڪجھ هاڻي؟“

”ته پوءِ تون ڇا ڪندين ٻيو؟“ ماسي چيو، ”پنهنجو گذر سفر مشڪل ٿي پوندو!“

”................“ ردا خاموش ٿي وئي. هن ڪجھ نه ڪڇيو.

”پنهنجو اهو ئي ڪم آهي، پنهنجو جسم پاڻ ڪي پالي ٿو!“ ماسي چيو، ”پاڻ جسم ڪي جسم جي لاءِ ئي ڪپائيندا آهيون.....“ ماسي وات ۾ پان وجهندي وراڻي، ”مان ته

تي وئي آهيان پوڙهي! منهنجي جسم جو تہ ڪو ئي خريدار ئي ناهي!“ ماسي ٻئي ڪمري ۾ ويندي چيو، ”تون بہ جيڪڏهن ڏنڊو نہ ڪندين تہ مفت مري ويندين سين!“

ماسي هلي وئي ۽ ردا جي دماغ ۾ اهو جملو گونجندو ڇڏي وئي تہ، ”پاڻ جسم کي جسم جي لاءِ ئي کپائيندين آهيون!“

ردا ڏاڍي اداس ٿي وئي. ردا اڄهامي وئي. ردا کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هُو ڇا ڪري. سڄو ڏينهن گذري ويو. شام لڙڻ لڳي، ردا انهن ئي سوچن ۾ اداس ئي رهي تہ هُو ڇا ڪري!.....

نيٺ جڏهن سڄ شهر جي ديوارن ۾ لڪڻ لڳو تہ ردا منهن ڌوئي فريش ٿي. پوءِ هن باهر جو رخ ڪيو. ردا کي ٻاهري ويندي ڏسي ماسي جي چهري تي اميد جون ريکون ايري پيون. هن هٿ مٿي ڪري الله جو شڪر ادا ڪيو.

ماسي سمجهي رهي هئي تہ ردا تي سندس ڳالهين جو اثر ٿي پيو آهي ۽ هو پنهنجي ڌنڌي تي وڃي رهي آهي. هن کي پڪ ٿي تہ ردا ڪا شراب ۽ ڪباب جي محفل مچائڻ وڃي رهي آهي.

◘

**دارا** اڄ هڪ نئون ناول شروع ڪيو هو. هن ڪجھ صفحا لکيا هئا پر پوءِ هُو يڪدم وري لکڻ واري ٽيبل تان اٿي ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو هو. اڄ هن جي دل اداس هئي. اڄ هن کي زينت ڏاڍي ياد اچي رهي هئي. پاڻي جڏهن پُل ڪان مٿي چڙهڻ لڳو ته دل جو غبار لاهڻ خاطر دارا سيٺ سلامت جو رخ ڪيو هو ۽ شراب جو بندوبست ڪيو هئائين. سيٺ سلامت ڪيس گهٽو ئي چيو هو ته ”اڄ محفل تا مچايون، يار تا گهرايون، گڏجي تا پيون ۽ جيون.“ پر دارا سيٺ ڪان هٿ ٻڌي وڏي مشڪل سان جان ڇڏائي هئي. هُو شام جو موٽي آيو هو. هن شراب جي بوتل پنهنجي ڪمري ۾ رکي ۽ پاڻ فريش ٿيڻ جي لاءِ واش روم ويو ۽ پوءِ ڪجھ فريش ٿي، هُو بالڪني ۾ پيل ڪرسي تي اچي وينو هو. ماسي ڪيس اتي وينل ڏسي معمول مُطابق چانهه ناهڻ لڳي هئي، پر اڄ هن ماسي کي چانهه ناهڻ ڪان روڪي ڇڏيو هو. هُو پنهنجي اوچي ڪمري ڪان هيٺ واري هلندڙ ڦرندڙ دنيا ڏسي رهيو هو. هيٺ ڪائنات جڻ ته ڪيڙن ماڪوڙن تي مشتمل هئي. دارا جون اکيون جڏهن شهر جي ڳلين تي ڄمي ويون ته دارا کي ڪنهن پل شهر جي انهن تنگ گلين ۾ پنهنجي ڳوٺ جون وڏيون ويڪريون گهٽيون نظر اچڻ لڳيون. اهو ڳوٺ جنهن جي هر شيءِ حسين هئي. هر منظر پيارو هو. اهو ڳوٺ جنهن ۾ هن جي لاءِ هر جاءِ تي مزو ئي مزو هوندو هو سواءِ پنهنجي گهر جي! هن کي پنهنجي گهر ۾ چين ئي نه ايندو هو. گهر جا ڀاتي هن جي لاءِ اوپرا هئا. پر ڳوٺ جا ٻيا سڀ ماڻهو هن کي پنهنجا لڳندا هئا. دارا کي ڳوٺ جا فطرت سان ڀرپور منظر به ڏاڍا وڻندا هئا. پوءِ آهستي آهستي هن کي جڏهن زينت ملي وئي هئي ته هن جي زندگي ۾ عجيب انقلاب اچي ويو هو. هن کان پنهنجي گهر جي اڪيلائي وسري وئي هئي. هن ۽ زينت هڪٻئي سان گڏجي تصور

ٿي تصور ۾ پنهنجو هڪ ننڍڙو الڳ گهر ٺاهي ڇڏيو هو. انهي گهر جي ٺهڻ کان پوءِ انهن ٻنهي جا جسم رڳو پنهنجي پنهنجي الڳ الڳ گهرن ۾ رهندا هئا پر سندن روح هر وقت انهي ٿي ننڍڙي گهر ۾ گڏ ٿي رهندا هئا، جيڪو انهن گڏجي تصور ٿي تصور ۾ ٺاهي ڇڏيو هو. هنن ٻنهي هڪٻئي جي زندگي ڏاڍي حسين ڪري ڇڏي هئي. هنن هڪ ٻئي جي بي رنگ جيون ۾ انيڪ رنگ ڀري ڇڏيا هئا. پر اهي رنگ گهڻوڏير جٽاءُ ڪري نه سگهيا هئا. اهي رنگ تمام جلد اڏامي ويا هئا. ڪمري جي بالڪني ۾ ويني ويني، شهر جي تنگ گلين ۾ نهاريندي نهاريندي دارا اهي سڀ رنگ ٺهندي ڊهندي ڏٺا!.......

دارا جي دل ڀرجي آئي، دل جي ڀرجڻ سان اکيون به ڀرجي آيون. دارا سڄو سارو ڀرجي پيو. دارا هارجڻ لڳو پر هارجڻ کان پهرين دارا بالڪني مان اٿي ڪمري ۾ آيو. هن پنهنجي ڪمري جي لائٽ ڏم ڪئي. هن اگربتي دکائي. پوءِ هن شراب کي جام ۾ لاٿو ۽ جام کي چپن تي چاڙهي، اگربتي جي دونهي جي ٺهندڙ ڊهندڙ دائرن ۾ زينت کي ٺهندي ڊهندي ڏسڻ لڳو........

دارا رفته رفته وقفي وقفي سان شراب کي پنهنجي دل جي غبار تي اوتي رهيو هو. ٻاهر سج لهي چڪو هو، شهر جون بتيون ٻري چڪيون هيون. ماسي در تي آئي ۽ دارا کي چيائين، ”ڪا ڇوڪري آئي آهي ابا. تنهنجو پئي پڇي.“

”ڇوڪري؟“ دارا کي حيراني ٿي، پر هن ڪجهه ترسي ماسي کي چيو، ”ڀلي اچي ماسي.“

ماسي هلي وئي ۽ ڪجهه لمحن ۾ ڇوڪري اچي وئي.

در کليو، دار ڏٺو، در تي ردا بيٺي هئي.

”ردا...... تون!“ دارا ڀاڻمرادو وراڻيو.

دارا ردا کي ڏسي حيران ٿي ويو ۽ ردا دارا کي ڏسي! دارا جي پيشاني تي پگهر هو. هن جي هٿ ۾ شراب هو. دارا جي اکين ۾ خمار هو. ردا اهو سيڪجهه ڏاڍي اچرج وچان ڏسي رهي هئي.

دارا ردا کي حيراني منجهان ڏسي رهيو هو پر هن کي جڏهن ردا جي حيراني جو اندازو ٿيو ته هن پاڻ سنڀالي ڪيس اندر اچڻ جو چيو. ”اچ.... اچ.. اندر اچ ردا!“

”اوهان جي عبادت قضا ڪري ڇڏيم شايد!“ ردا وراڻي.

”نه نه ردا!“ جام خالي ڪندي دارا چيس، ”ايترو ڪمزور زاهد ناهيان مان!“

دارا جي دل تان سارو غبار لهي ويو. هاڻي هُو خود کي پهرين کان ڪافي هلڪو محسوس ڪري رهيو هو. دارا ماسي کي ردا جي لاءِ چانهه جو ناهڻ جو چيو ۽ پوءِ هُو ٻئي ڳالهائڻ لڳا.

”اج لڳي ٿو ڪو ئي درد حد کان وڌي ويو هو!..... اج لڳي ٿو موت اوهان جي تمام قريب کان گذري وئي دارا صاحب!“ ردا ويهندي چيو.

دارا ڪجهه مسڪرايو، ۽ ماٺ ٿي رهيو.

”اوهان جون سڀ ڳالهيون ياد اٿم دارا صاحب!“ ردا چيو، ”اوهان ئي چيو هو نہ تہ، ’زندگي جڏهن موت کان بدتر ٿي پوندي آهي، تڏهن آئون هن شراب سان زندگي کي موت کان بهتر بڻائي ڇڏيندو آهيان.‘“.... ردا وراڻي، ”اوهان ئي چيو هو تہ، ’جيئن پاڻي واچوڙي کي ناپر ۾ آڻي ڇڏيندو آهي، تيئن شراب مون کي ناپر ۾ آڻي ڇڏيندو آهي!‘“

ردا جون سڀ ڳالهيون دارا کي دل سان لڳيون، پر هن انهن سيني کان لنوائيندي ردا کان پڇيو، ”انهن ڳالهين کي ڇڏ، تون ٻڌا اڄ ڪيئن مون وٽ هلي آئي آهين؟“

دارا جو اهو سوال ٻڌي ردا ڪجهه اداس ٿي وئي هن جي منهن جو پنو لهي ويو. هُوءَ ڪجهه ڳالهائي نہ سگهي.

دارا ردا جو چهرو زرد ٿيندي ڏٺو تہ وراڻيو، ”خير تہ آهي ردا؟.... تون اداس ڇو ٿي پئين؟“

ردا شراب جي جام ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ انهي تان نظرون هٽائيندي هن دارا کي چيو، ”سچ ٻڌايان دارا صاحب؟“

”ها ها... ڇئو ڇا مسئلو آهي؟“ دارا هڪدم وراڻيو.

ڪمري جي ڇت ڏي اکيون ڪري ردا هڪ ٿڌو ساهہ کڻي چيو، ”مون کي الئہ ڇو اڄ زندگي موت کان بدتر لڳي!“ دارا اهو ٻڌي ڪجهه حيرت ۾ پئجي ويو. ردا کي پل رکي وري ڳالهايو، ”اڄ دل تي ڏاڍو غبار ٿي پيو، ايتري قدر جو اڄ دل چاهيو ٿي تہ پکي تي لٽڪي پوان!......بجلي ۾ هٿ وجهي ڇڏيان!.....ڪنهن واهہ ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيان!...... پر پوءِ اوهان جي ٻڌايل ڳالهين مون کي ائين ڪرڻ نہ ڏنو.“ ردا وراڻي، ”بس پوءِ مان اوهان وٽ هلي آيس!“ هن چيو، ”مان ناپر جي تلاش ۾ آئي آهيان دارا صاحب!“

دارا ردا جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ پوءِ هُو ردا جي لاءِ هڪ جام ناهڻ لڳو.

ردا اهو ڏسي وراڻي، ”نہ نہ دارا صاحب، مان شراب پيئڻ نہ آئي آهيان اوهان وٽ!“

”تہ پوءِ...“ دارا پڇيو.

”اوهان ئي تہ چيو هو نہ تہ، ’شراب پيئبو ناهي، شراب اوتبو آهي!‘“ ائين چئي ردا ڪجھ لمحا ماٺ رهجي وئي ۽ پوءِ وري وراڻي، ”دارا صاحب، اوهان جڏهن ڳالهايو هو تڏهن مون کي ائين لڳو هو جڻ شراب اوتجي رهيو هو!...... اوهان کي خبر ناهي دارا صاحب، اها سڄي رات آئون سمهي نہ سگهي هئس!...... . . بس مان اڄ ڏاڍي اداس هئس سو انڪري ئي اوهان ڏي هلي آيس.“

”تون بہ بلڪل نيڪ وقت تي ئي آئي آهين ردا!“ دارا چيو، ” اڄ مان بہ ڏاڍو اداس هئس.“

”ڇا لاءِ اداس هئا اوهان؟“ ردا پڇيس.

دارا ڪجھ ماٺ رهي چيو، ”ٻڌائيندس تہ وري اداس ٿي پوندس!.... ۽ اوهان کي بہ اداس ڪري ڇڏيندس... ” دارا وري ڳالھ جو رخ مٽائيندي چيو، ”ڇڏ ان ڳالھ کي ڪا ٻي ڳالھ ڪر ردا!“

ايتري ۾ ماسي ردا جي لاءِ چانھ کڻي آئي. ردا ڏاڍي بي تڪلفي سان چانھ ناهي پيئڻ لڳي. ماحول هاڻي پهرين وارو ڳنڀير نہ رهيو هو، هاڻي هُو ٻيئي اداس نہ هئا. هُو ٻيئي اڄ پنهنجي پنهنجي منهن ڏاڍا اداس ٿيا هئا پر هڪٻئي سان ملي هنن جو غبار ڪافي هلڪو ٿي پيو هو.

”ملڻ سان هر چيز وڌندي آهي، سواءِ درد جي!“ دارا وراڻيو، ”درد، ملڻ سان گهٽجي ويندو آهي ردا!“

”درد نہ گهٽبو آهي دارا صاحب!“ ردا وراڻي، ”درد جو احساس ڪجھ گهٽجي ويندو آهي!“

”درد بہ تہ هڪ احساس ئي آهي ردا!“ دارا ڪجھ خاموش رهي وراڻيو، ”پاڻ ٻئي اڄ ڏاڍا اداس هئاسين... تو وٽ بہ درد هو، مون وٽ بہ درد هو، مگر ڏس، ملياسين تہ درد گهٽجي ويو آهي نہ ردا!“

ردا، دارا جي انهي ڳالھ کي رد ڪري نہ سگهي. هن جي چهري تي زرد ئي سهي پر هلڪي مسڪراهٽ ڦهلجي وئي...... . . . .

ردا چانھ پي رهي هئي دارا ماٺ ويٺو هو.

دارا کي ماٺ ڏسي دارا چانھ جي ڪوپ مان سپ پريندي مرڪندي چيو، ”اوهان منهنجي سامهون شراب پيئڻ ڇڏي ڏنو، پر آئون اوهان جي سامهون چانھ پيئڻ نہ ڇڏينديس.“

”اها ڳالهه نه هئي ردا،“ دارا وراڻيو، ”منهنجي فطرت آهي، آئون ڏوهه ۽ ثواب ڪنهن جي سامهون نه ڪندو آهيان! پنهنجي منهن ڪندو آهيان!“

”چانهه پيئڻ ته نه ڏوهه آهي ۽ نه ثواب!“ ردا پڇيو، ”پر شراب. . .. ؟!“

”ها، چانهه ته نه ڏوهه آهي نه ئي ثواب!“ دارا مسڪرائيندي جواب ڏنو، ”پر شراب ڏوهه به آهي ۽ ثواب به!“

”جواب ته ڏاڍو سٺو آهي پر رواجي آهي!“ ردا چيو.

”ڪيئن؟“ دارا پڇيو.

”مون کي خبر آهي ته هاڻي ڦري سِري اوهان اهو ئي شعر ٻڌائيندؤ ته،

شراب کا اپنا کوئي صريح رنگ نهين هوتا،
شراب تجزيئہ احتساب کرتي هي!
جو اهل دل هين، بڑهاتي هي آبرو ان کي،
جو بي شعور هين ان کو خراب کرتي هي!

” ته پوءِ؟“ دارا چپ چوريا.

ردا وري ڳالهائڻ لڳي، ”هر بي نمازي اهو ئي چوندو آهي ته درجا دلين تي آهن، ٻڌائي کهڙي نماز پڙهي؟ بابا بلهي شاهه کهڙا روزا رکيا؟ پر چا ڪيترا بي نمازي آهن جيڪي ٻڌائي جهڙا آهن؟ ڪيترا بي روزه آهن جيڪي بابا بلهي شاهه ٻڌيا آهن؟؟؟“

ردا جڏهن ڳالهائي ماٺ ڪئي ته دارا چيو، ”ها، ائين ته بلڪل آهي!..... پر هڪ ڳالهه پڇان؟“

ردا ماٺ ۾ ئي ها ڪئي.

”ڪيترا نمازي آهن، جيڪي ٻڌائي جهڙا آهن؟..... ڪيترا روزيدار آهن، جيڪي بابا بلهي شاهه ٻڌيا آهن؟؟!“

اهو ٻڌي ردا لاجواب ٿي وئي. هُوءَ ڪجهه ڪچي نه سگهي.

ردا چيو، ”اهو بحث ئي اجايو آهي ردا!“

ڪجهه دير ٻنهي مان ڪنهن به ڪونه ڳالهايو، پوءِ ڪجهه ترسي ردا وراڻي، ”ڪجهه به آهي پر مون کي ائين ٿو سمجهه ۾ اچي ته جنهن شيءِ کان منع ٿيل آهي سا ته گناهه ئي آهي!“

دارا اهو ٻڌي مسڪرائي ڏنو. دارا جي اها مسڪراهٽ ردا کي سمجهه ۾ نه آئي. هُوءَ سوال ٻڻجي دارا جي منهن ۾ گهورڻ لڳي. دارا چيو، ”ڪجهه انڪار، انڪار نه ٿيندا آهن.“ دارا چيو، ”ڪي انڪار به اقرار ئي ٿيندا آهن ردا! ....... تون ته اهي ڳالهيون بهتر نموني سمجهي سگهين ٿي!“

اهو ٻڌي ردا جڏهن دارا ڏي متوجه ٿي ته دارا وري ڳالهايو، ” ڏس نه، اڪثر ائين به ٿيندو آهي جو جيڪڏهن ڪو عاشق پنهنجي محبوب سان محبت جو اظهار ڪندو آهي تڏهن محبت هوندي به محبوب نخرو ڪندي، اقرار جي بدران انڪار ئي ڪندو آهي! هاڻي تون پاڻ ئي ٻڌاءِ ڇا اهو انڪار، انڪار هوندو آهي؟.........“ ردا ڪان اڳ ۾ دارا پاڻ ئي جواب ڏنو، ”نه! هرگز نه! مان ته چوان ٿو انهي انڪار جهڙو ڪو اقرار هوندو ئي ناهي!“

دارا جي اها ڳالهه ٻڌي ردا به مُرڪي پيئي. هُو ائين ڪرڻ ڪان رهي نه سگهي.

”تون منع جي ڳالهه ٿي ڪرين ردا ته هاڻي منهنجي ڳالهه ٻڌ!“ دارا ڪيس مڪمل طرح متوجه ڪري وراڻيو، ”روڪيل ڳالهه ڪان رهي وڃڻ ئي گهرجي، اهو ته بلڪل درست آهي پر ردا، ڪو ڪو روڪڻ، روڪڻ نه هوندو آهي، ڪو روڪڻ، رغبت لاءِ ئي هوندو آهي!“

ردا ڏاڍي دلچسپي سان دارا جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي. دارا پنهنجي منفرد انداز سان ڳالهائيندو رهيو هو، ”فرض ڪر آئون هينئر توکي اهو چوان ته، ’پُنتي مُڙي نه ڏس!‘ ته ظاهر آهي ان ئي لمحي تنهنجي ذهن ۾ اهو خيال ايندو ته پُنتي مُڙي ڏسان! منهنجي انهي روڪڻ سان ئي تنهنجي ذهن ۾ پُنتي ڏسڻ جي لاءِ رغبت پيدا ٿيندي!“ دارا ڪجهه لمحا ترسي وراڻيو، ”هاڻي انهي ئي ساڳي ڳالهه کي ابتو ٿا ڪريون!“ دارا ڳالهائڻ لڳو، ”هاڻي ڏس ردا ان ڳالهه جو هڪ مطلب اهو به ٿيو ته آئون جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ پُنتي مُڙي ڏسڻ جي رغبت پيدا ڪرڻ چاهيان ته پوءِ ممڪن آهي ته ائين ئي چوان ته، ’پُنتي مُڙي نه ڏس!‘ صاف ڳالهه اها ردا ته، ڏس، مان جيڪڏهن اهو چاهيندس ته تون پُنتي مُڙي ڏس ته پوءِ توکي پُنتي مُڙي ڏسڻ ڪان منع ڪري ڇڏيندس!..... ان منع جو مطلب منع هرگز نه ٿيندو ردا جي!“

ردا چانهه جي ڪوپ منجهان آخري سپ پريندي چيو، ”دارا صاحب اوهان جي ڳالهه ته تمام زبردست آهي پر مون کي هڪڙي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي.“ ردا وراڻيو، ”محبت ۾ ته ناز ۽ نخري جي گنجائش هوندي ئي آهي پر حلال ۽ حرام واري ڳالهه کي رومال ۾ ويڙهڻ جي ڪهڙي ضرورت؟“

”ضرورت آهي ردا صاحبہ!“ دارا وراڻيو، ” رومال ۾ ويڙهيل ڳالهه اهو ئي سمجهي سگهندو آهي جيڪو ذهني طور قابل هوندو آهي. ڪم عقل ماڻهو رومال ۾ ويڙهيل ڳالهه سمجهي نه سگهندا آهن ردا!“ دارا پنهنجي چهري تان وار هٽايا ۽ پاڻي جو گلاس پريندي ڳالهائڻ لڳو، ”تون ڪم عقل ناهين ردا، تون پاڻ ئي سڀ سمجهي ويندين، آئون توکي رڳو ايترو ٻڌايان ٿو ته، اهي جيڪي رومال ۾ ويڙهيل ڳالهه بہ سمجهي نه سگهندا آهن سي ڪم عقل شراب جي قابل نه هوندا آهن، سو انهن جي لاءِ شراب حرام ئي آهي. اهي، جيڪي شراب کي نشو ٿا سمهجن، اهي جن جي مٽي کي ڦيري اچي ويندي آهي، تن کي بيشڪ منع ٿيل آهي.“ دارا پاڻي جو گلاس هڪ ئي ساهي ۾ پيو، خشڪ نڙي آلي ڪئي ۽ ڳالهه پوري ڪندي وراڻيو، ” باقي اهي، جيڪي رومال ۾ ويڙهيل ڳالهه سمجهي ويندا آهن، اهي جيڪي هن جي قابل هوندا آهن، ڪم عقل نه هوندا آهن، تن جي لاءِ هي، نه ڏوهه آهي نه ثواب!..... اهي ڏوهه توڙي ثواب کان گهڻو اڳتي هوندا آهن!“

دارا جي اها ڳالهه ردا جي چهري تي هڪ پياري مرڪ وکيري وئي، اها مرڪ ان ڳالهه جو ثبوت هئي ته هُو ڪم عقل نه هئي، ڪيس دارا واري ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي هئي.

دارا ڪجهه دير ترسيو ۽ پوءِ وري وراڻيو، ”جيڪڏهن خدا حضرت آدمؑ کي جنت واري ان وڻ جي ويجهو وڃڻ کان نه جهلي ها، ته هُو ايترو جلد جنت منجهان نه تڙجي ها!........ ممڪن هو ته هُو اجاتائين جنت ۾ ئي هجي ها!“ دارا مسڪرائي ڪليل دري کان ٻاهر نهاريو ۽ ڳالهه پوري ڪندي وراڻيو، ”ممڪن هو ته اجا تائين حضرت آدمؑ کي انهي وڻ ڏي وڃڻ جو خيال ئي نه اچي ها!!“

ردا ائين محسوس ڪري رهي هئي جڻ مٽس شراب اوتجي رهيو هو. هُن جا چپ چُپ هئا. هُن جي چهري تي رڳو حيراني ۽ وجداني جون لهرون نهنديون ۽ ڊهنديون ٿي رهيون. هُوءَ جڻڪِ شراب ۾ غوطا کائي رهي هئي. ردا جي پُرڪيف حالت تي دارا کي رشڪ اچڻ لڳو. هُو ڳالهائڻ بند ڪري ردا جي چهري تي رقص ڪندڙ خمارن کي ڏسڻ لڳو. ڪجهه دير جي مشاهدي کان پوءِ دارا ردا جي پٽرائجي ويل اکين جي آڏو هٿ

هِلائي ڪيس هوش ۾ آندو ته ردا پاڻ سنڀالي وراڻي، ” اوهان جون ڳالهيون مون تي شديد اثرانداز ٿينديون آهن دارا صاحب!.... اوهان جي لفظن ۾ الائي ته ڪهڙو جادو آهي!“

”هاڻي مڪڻ نه هڻ... خبر اٿم ته بور ٿي رهي آهين جام،“ دارا چيو، ”ماسي ڪي چانهه جو چوان ٿو.“

ردا مرڪندي وراڻي، ”نه، بور ته هرگز نه ٿي آهيان پر چانهه گهرايو، پيئداسين.“

دارا ماسي کي گهرائي چانهه جو چيو ۽ پوءِ هي وري ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

”دارا صاحب اوهان کي سچي ڳالهه ٻڌايان.“ ردا وراڻي.

”نه،“ دارا چيو، ”اوهان ڪوڙي ڳالهه ٻڌايو،“

دارا جو خيال هو ته سندس اهو جملو ٻڌي ردا کان ٺهڪ نڪري ويندو پر اهڙو ڪجهه به نه ٿيو. ردا کي سنجيده ڏسي دارا به سنجيده ٿيندي پڇيو، ”ٻڌاءِ ردا ڪهڙي ڳالهه ٿي ٻڌائين؟“

”دارا صاحب، مون سان هڪ مسئلو ٿي پيو آهي.“ ردا وراڻي.

” ڪهڙو مسئلو ردا؟“ دارا وڌيڪ سنجيده ٿيندي وراڻيو.

”۽ اهو به ٻڌايان ته مون سان اهو مسئلو اوهان ئي ڪيو آهي دارا صاحب!“ ردا چيو.

”..... پر ڪهڙو مسئلو؟“ دارا عجب مان پڇيو.

”دارا صاحب، سچ اهو آهي ته مان اوهان کان پهرين ڏاڍي خوش هئس. مان هر وقت تيار رهندي هئس.“ ردا جون اکيون جهڪي ويون، ”دارا صاحب منهنجو ته ڏنڊو ئي هو پاڻ ڏاهڻ سان، سو آئون پاڻ ڏاهيندي رهندي هئس هر وقت!“ ردا دارا ڏي نهاريو ۽ چيو، ”پر دارا صاحب، اوهان سان ملڻ کان پوءِ مون کان اهو سڀڪجهه ڇڏائجي ويو آهي! اوهان سان ملڻ کان پوءِ منهنجي لاءِ پاڻ ڏاهڻ ، هر هر تيار رهڻ، اهو سڀڪجهه ڏاڍو اوپرو ٿي پيو آهي دارا صاحب!“ ردا چيو، ”دارا صاحب، پهرين آئون روز راتيون وڏن ماڻهن جي محفلن ۾ گذاريندي هئس، انهن کي شراب پياريندي هئس، پر اوهان سان ان رات واري ملاقات ۾ الائي ته ڇا هو جو ان کان پوءِ مون کي ڪا محفل سجائي ئي نه ٿي!..... اوهان کي سچ ٿي ٻڌايان دارا صاحب ته ان رات کان پوءِ هڪ رات وڏي مشڪل سان آئون ماسي جي زور پرڻ تي هڪ محفل ۾ وئي هئس مگر مان اتان تمام جلد ئي واپس موٽي آئي هئس!. . .. ” ردا جي چهري تي ڪروڌ جا آثار ظاهر ٿيا، هن چيو، ”مون جڏهن انهن کي شراب پيئندي ڏٺو ته مون کي الائي ته ڇا ٿيو جو منهنجي طبيعت ئي خراب ٿي پئي، بس آئون اٿي هلي آيس......!“

دارا اهو ٻڌي ردا جي چهري ۾ وڃائجي ويو........

”دارا صاحب، مون اهو سيڪجهه چڙي ڏنو آهي.....“ ردا وراڻي، ”دارا صاحب........“

هُوءَ ڪجهه چوندي چوندي رڪجي وئي....

”ها؟؟“ ردا پڇيو.

”اڄ ماسي ڏاڍي تلخ ٿي پئي، چيائين، ’تون اگر اهو ڏنڊو نه ڪندين ته ڪائينديون سين ڇا؟‘“ ردا جو ڪنڌ وري هيٺ ٿي ويو. هُو ڪجهه لمحا ترسي وراڻي، ”مون ماسي کي چيو، ’مان ڪو بيو ڏنڊو ڪنديس.‘ ته ماسي چيو، ’توکي هرڪوئي سُڃاڻي ٿو سو توکي بيو ڪو ڪم ملندو ئي ڪونه هاڻي!‘“

دارا اداس ٿي ويو، ردا جون اکيون پرجي آيون، هُوءَ وراڻي، ”دارا صاحب، ماسي جي اها ڳالهه ٻڌي مان اڄ وڏي مشڪل سان تيار ٿيس، ٻاهر نڪتس.... مون کي وڃڻو ڪنهن ٻي جاءِ تي هو پر منهنجا پير اوهان جي دروازي هليا آيا!.....“ ردا جون اکيون ڇلڪي پيون....

اها درد ڪٿا ٻڌي دارا جي دل ڀرجي آئي پر هن ڳوڙها نه ڳاڙيا، هن ردا جا ڳوڙها اگهندي وراڻيو، ”تنهنجا پير بلڪل درست جاءِ تي توکي وٺي آيا آهن ردا!“ دارا پاڻي جو گلاس پري ردا کي ڏنو ۽ پوءِ ڪيس اتي ئي ويهاري پاڻ ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو. ماسي چانهه کڻي آئي. هن چانهه رکي ۽ چپ چاپ هلي وئي. دارا ٻئي ڪمري مان موٽي آيو. ردا چانهه ڪوپن ۾ لاٿي. دارا سامهون ويهندي پنهنجي گوڏي تي ئي رکي بلينڪ چيڪ تي Signature ڪئي ۽ ردا کي ڏيندي چيائين، ”تو کي گهبرائڻ جي ڪا ئي ضرورت ڪانهي!.... توکي جيتري به ضرورت هجي سا پوري ڪر.“

ردا چيڪ ورتو.... ردا ڳالهائڻ چاهيو پر هن کي لفظ نه نٿي مليا شايد..... دارا ردا ڏي ڇتايو، ردا جون اکيون بلينڪ چيڪ تي ٽيل دارا جي تي Signature ڪتل هيون......

◘

اج دارا جو سڄو ڏينهن فيلڊ ۾ وزٽ ڪندي گذريو هو. هُو ڏاڍو ٿڪل هو، هُو پنهنجي آفيس پهتو. اڄ ڪافي دير ٿي چڪي هئي، سو سمورو اسٽاف هن کان اڳ هليو ويو هو. آفيس خالي هئي، رڳو اڪيلو فضلو هو، جو سندس انتظار ۾ وينو هو. دارا پنهنجي آفيس واري ڪمري ۾ داخل ٿيو. هن ڪرسي تي پاڻ اڇلايو ۽ گهنٽي وڄائي فضلو کي گهرايائين. فضلو آيو ته کيس چانهه جو چيائين، ”يار تنهنجي چانهه پيار، مان رڳو تنهنجي چانهه جيڪري آيو آهيان.“

فضلو حڪم جو بندو هو سو دير ئي نه ڪيائين، ويو ۽ ٿوري ئي دير ۾ چانهه ٺاهي ڪٽي آيو. دارا فضلو جي چانهه پيتي ۽ پوءِ سڌو گهر روانو ٿيو.

دارا گهر آيو ۽ ايندي ئي بيڊ تي ليٽي پيو. ماسي کيس محسوس ڪيو ته اٿي وڃي ماني تيار ڪرڻ لڳي. دارا نه جهڙو آرام ڪيو ۽ پوءِ ماني کان پهرين وهنجي سهنجي فريش ٿي آيو. هن کي هاڻي ٿڪاوٽ جو احساس نه رهيو. هن تيار ٿي ماني کاڌي ۽ پوءِ اڌورو ناول لکڻ ويهي رهيو. هُو ناول جي ڪردارن ۾ گم هو جو ماسي سندس ڪمري ۾ آئي، ”دارا پُٽ، تنهنجا مهمان.“

” سيٺ سلامت.....؟“ هن پنهنجي چپن ۾ چيو.

” نه نه پُٽ.“ اهو ٻڌي ماسي وراڻيو، ”هُو ته قاتل ڪپڙن ۾ ڪي صفا ابوجهه تا لڳن.... الائي ڪير آهن، تو وٽ آيا آهن.“

اهو ٻڌي دارا کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو، پر هن ماسي کي چيو، ” ٺيڪ آهي، تون هل. مان پاڻ ئي اچان ٿو، ڏسان ٿو ته ڪير آهن...“

ماسي اهو ٻڌي هلي وئي. دارا ڪمپيوٽر آف ڪيو ۽ هيٺ انهن ماڻهن سان ملڻ هليو ويو.

دارا تنها ئي رهندڙ ماڻهو هو. هڪ ليکڪ هجڻ جي باوجود به دارا نه محفلن ۾ ويندو هو نه ئي ڪن ادبي پروگرامن ۾ شرڪت به ڪندو هو، سو هن جا واسطا به ايترا وسيع نه هئا. جڏهن به ماسي اچي ڪيس چوندي هئي ته، ”دارا پُٽ، تنهنجا مهمان.“ ته هُو اهو سمجهي ويندو هو ته سيٺ سلامت پاڻ هوندو يا پنهنجي ڊرائيور کي موڪليو هوندائين. هُو پوءِ اهو به سمجهي ويندو هو ته هوندو ڪو گهمڻ ڦرڻ جو پروگرام يا ڪا شراب شباب جي محفل! بس سيٺ سلامت جو مزاج ئي اهڙو هوندو هو توڙي جو ڪيس خبر به هئي ته دارا جي طبيعت تنها پسند آهي، پر تنهن هوندي به هُو هرويرو به دارا کي زوري به گڏ رکندو هو. جڏهن به ڪا محفل مچندي هئي ته دارا وٽ پاڻ ايندو هو يا پنهنجو ڊرائيور موڪليندو هو. جيڪڏهن سيٺ سلامت کان سواءِ ڪو ٻيو هجي ته دارا هرگز نه هلي پر دارا سيٺ سلامت جي دل جي پورائي کان واقف هوندو هو سو انڪار نه ڪندو هو ۽ هليو ويندو هو، پوءِ توڙي جو اتي وڃي، دارا جهڙو هوندو هو تهڙو نه هوندو هو، پر سيٺ سلامت جي دل ضرور رکندو هو.

اڄ به ماسي جڏهن ڪيس مهمانن جو ٻڌايو ته پهرين هن ائين ئي سمجهيو پر پوءِ جڏهن ماسي ڪيس ڪجهه ٻيو ٻڌايو ته هُو انهن مهمانن بابت سوچيندو سوچيندو هيٺ لهي آيو. هيٺ لهڻ تائين ڪيس ذهن ۾ نٿي آيو ته آخر اهڙا ڪهڙا مهمان آيا هوندا...؟“

دارا هيٺ مهمان_خاني ۾ آيو ته اتي ويٺل ٻن ٻهراڙي جي پوڙهن کي ڏسي سندس حيراني جي حد نه رهي. هن جي ذهن جي اسڪرين تي سالن جو ماضي لمحن ۾ ڦري ويو... هن ڏٺو اهي سندس ڳوٺ جا ماڻهو هئا، جمعو ۽ صابو. جمعو ۽ صابو قاتل ڪپڙن ۾ سندس عاليشان مهمان_خاني ۾ ويٺا هئا ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڪشادي ۽ قيمتي سجاوٽ واري ڪمري کي اچرج وچان ڏسي رهيا هئا. دارا جڏهن ڪمري ۾ داخل ٿيو ته هُو دارا کي سوٽ بوٽ ۾ ڏسي وڏيڪ تعجب ۾ پئجي ويا. جمعو ۽ صابو دارا کي

ڏسندي ئي اٿي بينا ۽ جهڪي هٿ ڏنائون. دارا انهن جو ڏاڍي چاهه سان آڌر ڀاءُ ڪيو. دارا جو ورتاءُ ڏسي جمعو ۽ صابو ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ويهي بي تڪلف ٿي ڳالهائڻ لڳا. جمعي چيو، ”رئيس اوهان ته يڪو ڳوٺ ڏي لڙي ئي ڪونه ڏنو! اڄ اسان جو اچڻ ٿي ويو سو سوچيو سين ته آيا ته هونئن ئي آهيون، سو اوهان ڪي به ڏسندا هلون.“

صابو چيو، ”سائين شهر جون ابتيون سبتيون ڳليون اسان اڻ پڙهيلن ڪي سمجهه ۾ ئي نه ٿيون اچن، اوهان جو به اصل وڪ وڪ تي پڇائيندا پڇائيندا آيا آهيون.“

”چاچا ڀلي آيا، مون کي سچ ته ڏاڍي خوشي ٿي آهي اوهان کي ڏسي، ٻڌايو خير سان شهر اچڻ ٿيو.“ دارا پڇيو، ”اوهان ته ايندا ئي ناهيو!“

”ها رئيس اسان غريب ماڻهو بيمار ٿيون ته ڪو اچون باقي نه ته عمر ئي گذريو وڃي، شهر اچڻ ئي نٿو ٿئي،“ صابو چيو، ”شهر سچ پچ سائين ته اسان کي ته اصل پاڻ ئي نٿو پوي! رڳو هُل، رڳو دونهون..... اسان جو ته ساهه ٿو گهٽجي شاباش هجي اوهان شهر وارن کي سائين...“

” ها چاچا ائين ته آهي، پر ٻڌايو ته، اوهان ڪنهن جي دوا وٺڻ آيا اڄ؟“ دارا پڇيو.

”ابا هُو سدوري واري ننهن زيني ويچاري پوين پساهن ۾ پئي آهي شهر جي اسپتال ۾، سو اسان ان کي ڏسڻ آياسين.“ جمعي وراڻيو.

جمعي جو اهو جملو ٻڌي دارا جو دل ئي دهلجي ويو. ”زيني.... زينت...!“ هن چپن ۾ اچاريو.

”ها سائين اها ئي.... سائين اوهان کي ته خبر آهي ته ڳوٺ ۾ نه ڪو ڪو قابل ڊاڪٽر نه ڪو ڪو حڪيم طبيب!... ٻيو ته سدورو ويچارو پهرين ئي صفا پاپ لڳو پيو هو سو علاج ٿيو ڪو نه چوڪريءَ جو... بس هاڻي ويچاري وڃي جو گهٽي ۾ پئي ته پني سني هتي ڪٺي آيا آهن.“ جمعي ڳالهايو ته وري صابو شروع ٿيو، ”سائين اسان جيڪا حالت ڏسي آيا آهيون ته الله کي وڏي قاقت آهي باقي چوڪري ۾ هاڻي ڪو حال ڪونهي!“

”ويچاري ننڍي نيٽي چوڪري هئي...“ جمعي وراڻيو.

”ٻيو ته ادا زال جو هوندو آهي مڙس!“ صابو وراڻيو، ”سهرو هجي توڙي ڪير هجي پر جيڪڏهن مڙس ۾ لڇڻ ناهي ته پوءِ مائي مُڙس هوندي به جهڙي ٻيوه!“

”بروبر ادا،“ جمعي ڳالهايو، ”اهڙي مڙس ڪان ته نياڻي مئي سهسائي چڱي ته چڱو!“ جمعي چيو، ”ربو آهي موالي، گهر ۾ رهي ئي ڪونه! انهي جانور کي نه ڪو اون نه الڪو..... سو بس نياڻي ويچاري مفت مري وئي!“

”بس ادا ويچاري جي قسمت ئي اهڙي هئي ڪا!“ صابو سڄو ڏوهه قسمت تي ڏيندي وراڻيو.

صابو ۽ جمعو ٻئي زينت جي ابتر حالت تي ڳالهائيندا ئي رهيا ۽ دارا چپ چاپ ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو ۽ دل ئي دل ۾ ريزه ريزه ٿيندو رهيو. دارا پاڻ کي پڇندو پُرندو محسوس ڪيو. هن کي ردا جو اهو جملو ياد آيو، ” اوهان Signature ڪري رهيا آهيو يا ڪا شيءِ ڊاهي رهيا آهيو؟“ دارا خود کي اندر ئي اندر ۾ ڊهندي ڏٺو.....

جمعي ۽ صابو جي لاءِ چانهه_پاڻي نوڪر کڻي آيو ته هنن زينت جي حالت تي آهه و زاري ڇڏي، هيڏي هوڏي نهاري دارا کان پڇيو، ”ابا شادي ڪانه ڪئي اٿئي ڇا؟“

دارا اهو سوال ٻڌو ته سندس روح ويتر رهڙجي ويو. هُو تار تار ٿي ويو. پر هن پاڻ تي ضبط آندو ۽ انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي ڇڏيو.

صابو چيو، ”سائين هاڻي ته ڪري ڇڏ! گهر واري کان سواءِ گهر ڪهڙو سائين؟“

”ها، اهو ته آهي!“ دارا دل تي پٿر رکي وراڻيو.

جمعو ۽ صابو ڪجهه ئي دير ويٺا، ۽ پوءِ موڪلائڻ جي لاءِ اٿيا.

دارا جمعي ۽ صابو کان اسپتال جو نالو پڇيو ۽ کين الوداع ڪري ڇڏيو.

جمعي ۽ صابو کان موڪلائي دارا ڳرا ڳرا قدم کڻندو مٿي پنهنجي ڪمري جي دروازي تي آيو ۽ اتي ئي بيهي رهيو. ڪي گهڙيون اتي ئي اداس بيهڻ کان پوءِ دارا بالڪني ۾ پيل پنهنجي ڪرسي تي ويهي رهيو ۽ وقت کان اڳ شهر جي ديوارن ۾ لڪندڙ سج جي اجهامندڙ ڪرڻن کي گهورڻ لڳو... دارا کي هر طرف زينت ئي زينت نظر اچي رهي هئي. شهر جي ديوارن ۾، سج جي اجهامندڙ ڪرڻن ۾... هر منظر ۾...... زينت. .. . . زينت. .. . . . زينت. . . . ..

دارا جي ذهن تي زينت تري رهي هئي. هُو زينت جي باري ۾ ئي سوچي رهيو هو. ماسي پنهنجي معمول مطابق چانهه کڻي آئي. هو چانهه پئيندي انهي اڻ تڻ ۾ مبتلا هو ته زينت وٽ وڃي يا نه وڃي! وڃڻ جا ته کوڙ سارا سبب هئا پر نه وڃڻ جو فقط هڪڙو ئي ڪارڻ هو. اهو ڪارڻ هي هو ته هن هميشه زينت کي ڪلندي ٽهڪ ڏيندي ڏٺو هو، هن غريب جي ڏيءُ هوندي به زينت جي منهن تي سدائين مرڪون ڏٺيون هيون. هن زينت جو چهرو سدائين ٽڙيل ئي ڏٺو هو، اڄ جڏهن هن کي خبر پئي ته اهو چهرو اجهامندو ٿو وڃي ته هن ۾ اهو روشن چهرو اجهامندي ڏسڻ نٿي چاهيو. هن پاڻ ۾اڄ ايتري سگهه نٿي ساري جو هُو انهي ٽهيل ٽڪيل زينت کي اڄ ڊهندي ڏسي! هن جي شادي جڏهن

زينت سان تي نہ سگهي هئي تہ هُن شهر جو منهن ڪندي بہ زينت کي مُڙي نہ ڏٺو هو، چاڪاڻ تہ هن ۾ ايتري همت نہ هئي جو هُو زينت کي اداس ڏسي سگهي ها! ها، سو اڄ هُو ڏاڍو اداس هو ۽ پريشان بہ هو. اڄ چانهہ ڪيئن ختم ٿي وئي سا بہ ڪيس خبر ئي نہ پئي. دارا جڏهن اسپتال وڃڻ جو سوچيو تہ هن جو وزن ڏهوڻو ٿي پيو، پر پوءِ بہ سندس پيرن ۾ ڪا اهڙي طاقتور زنجير هئي جا ڪيس گهلي گاڏي تائين ڪٺي آئي! دارا گاڏي ۾ ويهندي ماسي کي چيو، ”مون کي شايد واپسي ۾ دير ٿي وڃي، تون منهنجو انتظار نہ ڪجان ماسي!“ هن اهو چيو ۽ اسپتال روانو ٿي ويو. دارا شهر جي گلين منجهان آهستي آهستي گاڏي هلائيندي ٿي ويو. ها، گاڏي تمام آهستي هلي هئي پر پوءِ بہ اسپتال تمام جلدي اچي وئي! دارا ڳرن قدمن سان هيٺ لٿو ۽ اسپتال ۾ داخل ٿيو. اتي هن صديق، قالو ۽ جاڙي کي ڏٺو جيڪي بينچ تي اداس وينا هئا. دارا کي ڏسي انهن جي اکين ۾ هڪ چمڪ ڊوڙي وئي. دارا کي ڳوٺ وارا ڏاڍو چاهيندا هئا. دارا رئيس جو پُٽ هو پر ڳوٺ وارن سان هرگز اهڙو سلوڪ نہ ڪندو هو جهڙو سندس پاءُ ڪندا هئا. ڳوٺ وارا دارا جي پائرن کان بيزار هوندا هئا پر دارا اهڙو نہ هو سو دارا مان سڀئي خوش هوندا هئا. دارا جي ڳوٺ مان وڃڻ کان پوءِ انهن اڄ ڪيس پهريون ڀيرو ڏٺو هو تہ ڏاڍا خوش ٿي پيا هئا. دارا انهن سان مليو، حالي احوالي ٿيو ۽ پوءِ انهن کان زينت جي ڪمري جو پڇيائين، ۽ مٿي ويندڙ چاڙهي چڙهڻ لڳو. چاڙهي تي مٿي چڙهندي چڙهندي دارا جي دل تہ اهو ٿي چاهيو تہ يڪو ئي مٿي هليو وڃي پر دارا جا قدم ٻي منزل کان مٿي وڃي نہ سگهيا. دارا مٿي پُڇي ريسيپشن تان زينت جو ڪمرو معلوم ڪيو ۽ پوءِ زينت جي ڪمري ڏانهن هلڻ لڳو. زينت، سامهون واري ڪمري ۾ هڪ گدلي بيڊ تي ليٽي پئي هئي. دارا جا قدم اتي ئي رڪجي ويا. دارا جون اکيون پٽرائجي ويون. ”زيـ....نت!“ هن جي چپن بي ساختہ اچاريو.

هن ڏٺو، زينت بہ شهر جي سڄ جيان وقت کان اڳ لهندي ٿي وئي! هُن جا وار اٽيا هئا، لٽا ليڙون هئس. زينت جي چهري تان مرڪون غائب هيون. هن جو حسن زوال پذير ٿي چڪو هو... هُو صفا ختم ٿي نظر آئي. دارا کي گهڙيون اتي بيٺو رهيو پر ماڻهن ۽ ڊاڪٽرن جي گهٽي اچ وڃ جيڪري هُو اتي بيهي نہ سگهيو. دارا آهستي آهستي زينت جي ڪمري ڏانهن وڌي ويو. دارا زينت جي ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ هن ڏٺو، سندس سهرو ڪنڌ ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري وينو هو، جڻ تہ زينت جون آخري گهڙيون ڳڻي رهيو هو. هن جي چهري تي ايتري تہ بيزارگي هئي جو دارا کي ائين ٿي لڳو جڻ جيڪڏهن هن جي

وس ۾ هجي ته هينئر ئي ننهن ئي ننهن جي نڙي تي ننهن ڏئي ڇڏي. هن جو به ڏوهه ڪو نه هو، زينت جي زندگي جي ڪا اميد باقي نه هئي، رهندو هن جي آخري هڪ هڪ گهڙي متس وڏيري جو قرض ويتر وڌائيندي تي وئي! هُو ڏاڍو لاچار هو، مجبور هو. سدوري جيئن ئي دارا کي ڏٺو ته ٿوال چندي متي اٿيو ۽ يڪدم اچي جهڪي سلام ورايائين. دارا هن کي دلداري ڏني ۽ ڪجهه رقم به ڏني. سدوري کي اهو سنو ته نه پئي لڳو پر هن جي حالت ئي اهڙي هئي جو هُو انڪار ڪري ئي نه پئي سگهيو. سدوري پئسا ورتا ۽ دل ئي دل ۾ دارا جي لاءِ چانهه وٺي اچڻ جو خيال ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

دارا هاڻي زينت کي تڪي رهيو هو. زينت جون اکيون بند هيون، ڪاري سائي ڪيس وڪوڙي وئي هئي. هُو پويان پساهه ڪٽي رهي هئي. دارا هارايل جواري وارا قدم کڻندو آهستي آهستي اچي زينت جي پيراندي کان ويهي رهيو. دارا زينت جي چهري ۾ چتائي رهيو هو. دارا جون اکيون زينت جي چهري تي ٽڪيل رهيون پر زينت جو چهرو آهستي آهستي ڌنڌلو ٿيندو ويو، اگربتي جي دونهي ۾، سگريٽ جي دونهي ۾، ڇلڪندڙ جام ۾ ايرندڙ، لهندڙ، نهندڙ ڊهندڙ لهرن جي دائرن ۾.......! ۽ انهن لهندڙ ايرندڙ ۽ نهندڙ ڊهندڙ دائرن ۾ وري ڪيس اهو ماضي ياد اچڻ لڳو هو، اهو خار ٻڻجي ويل، گلابن جهڙو ماضي! زينت سان گڏ گهاريل هڪ هڪ گهڙي ڏاڍي تيزي سان دارا کي انهن دائرن ۾ ترورا ڏيندي وئي! دارا دير تائين زينت جي چهري ۾ انهي ماضي کي گهوريندو رهيو پوءِ هن ڏٺو، آهستي آهستي حسين ماضي جا اهي سمورا پل دائرن جيان محدود ٿيندا ٿيندا زينت جي اجهاميل اکين ۾ گم ٿي ويا. زينت جون بند اکيون ڄڻ دارا جي انهن شهيد لمحن جون قبرون هيون. زينت جون اکيون دارا جي شهيد ماضي جون مزارون هيون. اڄ زينت جي پيراندي کان ويني ويني دير تائين دارا زينت جي انهن اکين جي کلڻ جو انتظار ڪندو رهيو. شايد دارا کي هرويرو به اهو وهم هو ته زينت جون اکيون کلنديون ۽ انهن منجهان ماضي جا شهيد لمحا زنده ٿي اٿي پوندا ۽ هُو انهن شهيدن کي وري شهيد ٿيڻ نه ڏيندو! هُو هميشه جي لاءِ انهن کي سنڀالي رکندو! ها، دارا جي پاڳل دل ۾ شايد اها ئي ڳالهه هئي، سو هُو ڪافي وقت کان زينت جي اکين ۾ پنهنجيون اکيون بنا ڇنڀڻ جي کپائي وينو هو. هڪ سراب منجهان گذري، هڪ مدت جي سفر کان پوءِ نيٺ دارا جون اکيون جڏهن اجهامڻ لڳيون تڏهن هن ڏٺو ته زينت جون اکيون کلڻ لڳيون. زينت جون اکيون کلندي ڏسي دارا جي چهري تي زندگي موٽي آئي. آهستي آهستي ٿي زينت جون اکيون ته کلي ويون مگر انهن ۾ دفن ٿيل ماضي جا شهيد لمحا

اتي نہ سگهيا! اهو ڏسي دارا جو چهرو وري اداس ٿي ويو. زينت جون اکيون جيئن ئي کليون تہ انهن دارا کي ڏٺو ۽ پوءِ بس ڪليل ئي رهجي ويون! زينت دارا کي پنهنجي سامهون ڏسي دنگ رهجي وئي! هن جي چپن ۾ چُرڻ جي سگهہ نہ رهي هئي پر زينت ساري سگهہ ميڙي سهيڙي سندس نالو اچاريو، ”دا........را.....!“

دارا جي نالي سان گڏ زينت کان هڪ گهري اونهي سرد آهہ نڪري وئي. انهي آهہ جي پُٺيان وڏي آهہ و زاري هئي جنهن جي عزاداري جي لاءِ بہ عمريون درڪار هيون، مگر زينت وٽ وقت جي ڏاڍي ڪمي هئي سو اهو ڪيڏارو زينت جي انهي هڪڙي آهہ ۾ دٻجي دفن ٿي ويو!

زينت سان ڳالهائڻ جي لاءِ اڄ دارا وٽ بہ ڪيئي درد هئا. دارا هن کي ٻڌائڻ ٿي چاهيو تہ هُو ڇا جي لاءِ ڳوٺ مان زينت کان بنا موڪلائڻ جي ئي شهر هليو آيو هو! دارا ڪيس اڄ ٻڌائڻ ٿي چاهيو تہ ڪائنس وڇڙي، هُو ڪيڏو برباد ٿيو آهي! هُو ڪيڏو ڊهي ويو آهي! هن ڪيڏو ڀوڳيو آهي، ۽ اڄ تائين ڀوڳي ئي رهيو آهي! اڄ تائين مسلسل ڊهي ئي رهيو آهي! پر دارا جي حالت بہ زينت واري ساڳي ئي هئي سو هن بہ پنهنجي پٽرائجي ويل چپن سان وڏي مشڪل سان زينت جو نالو پنهنجي زبان تي آندو! ”زيـ.....نت.......!“ دارا کان بہ انهي نالي سان گڏ هڪ اونهي گهري آهہ نڪري وئي ۽ اهو سيڪجهہ انهي آهہ ۾ دٻجي دفن ٿي ويو!

سدورو چانهہ کڻي آيو، هن دارا کي چانهہ پيري ڏني ۽ ماضي حال جون خبرون چارون ڏيڻ وٺڻ لڳو. پر دارا کي ڪائي ڪل نہ هئي. هُو فقط زينت جي چهري ۾ گم هو، هن جي هٿن پاٽمرادو سدوري کان چانهہ ورتي، هن جا چپ پاٽمرادو ئي سدوري سان ڳالهائيندا رهيا.

زينت بہ انهن سمورين گهڙين دوران دارا کي ئي تڪيندي رهي! هو دارا کي سوٽ بوٽ ۾ ڏاڍو تيار ڏسي رهي هئي. دارا کي تيار ڏسي زينت اکيون جهڪائي پنهنجي قاتل چتيون لڳل ڪپڙن ڏانهن ڏٺو! هن جڏهن دارا تان نگاهون هٽائي پنهنجا حال ڏٺا تہ ڏاڍي اداس ٿي وئي. زينت پنهنجي ئي پر ۾ انهي تصور ۾ ٻڏي وئي جيڪو حقيقت ٿي نہ سگهيو! زينت سوچڻ لڳي: ڪاش! جيڪڏهن دارا سان سندس شادي ٿي وڃي ها تہ اڄ هن جا حال ههڙا نہ هجن ها، هُو بہ دارا وانگر بلڪل تيار هجي ها، هُو جواني ۾ جهور نہ ٿئي ها، هُو علاج جا پئسا نہ هئڻ ڪري نہ مري ها! زينت سوچڻ لڳي، ڪاش! دارا سان شادي ٿي پوي ها تہ ڪيڏو نہ ڀلو ٿي پوي ها! اهو تصور ڏاڍو حسين هو پر اکين جي آڏو

واري تلخ حقيقت زينت کي گھڻي دير انهي تصور ۾ رهڻ نه ڏنو! هُو پنهنجي حقيقت ۾ موٽي آئي ۽ مايوس ٿي وئي، ۽ مايوس به ايتري جو ڪيس موت جو به ڪو ڊپ نه رهيو هو. پهرين ته اجا جيئڻ تيئن پر اج دارا کي عمدي اعلىٰ لباس ۾ ڏسي زينت جي دل پنهنجي زندگي مان پرجي وئي. هن هاڻي واقعي به مرڻ ٿي چاهيو بس! چاڪاڻ ته هن جي زندگي جي حقيقت هي هئي ته هُو دارا جي زال هجڻ بجاءِ ربو جي زال هئي. هن جو مڙس دارا نه هو، جيڪو هينئر سندس سامهون وينو هو، بلڪِ هن جو مڙس اهو ربو هو جيڪو زال جي اهڙي حالت هوندي به وڏيري جي ڍورن ۾ خوش هو. اها ته شابس هئي سندس سهري سدوري کي جنهن پني پٽي به، ڪيس آخري گهڙين ۾ شهر جي اسپتال پڙو اچي ڪيو هو، نه ته ربو جي آسري تي ته هُو اتي ئي تڙپندي رهي ها، يا شايد هينئر تائين مري به چڪي هجي ها! زينت کي سندس حقيقت رئاري ڇڏيو. هن جي پترائجي ويل اکين منجهان ڳوڙها چشما تي ڦُٽي پيا!

”امان چا ٿيو... زيني!“ سدوري جي اک زينت جي ڳوڙهن تي پئي ته هن هڪدم زينت کي پڪاريو. سدورو اتي وٺس آيو، ”مان ڊاڪٽر کي وني ٿو اچان پُٽ!...“ اهو چئي سدورو تڪڙو تڪڙو ٻاهر هليو ويو.

دارا ڪوشش جي باوجود به ڪجهه ڳالهائي نه سگهيو، هن زينت جي مٽي جي هينيان پنهنجو هٿ ڏئي ڪيس آٿت ڏيڻ جي ڪئي. زينت دارا کي قريب تر ڏسي پنهنجا چپ چورڻ جي ڪوشش ڪئي. دارا کي لڳو هُو ڪجهه ڳالهائڻ ٿي چاهي، دارا پنهنجي چهري جي تاثرات سان ڪيس ڳالهائڻ جي لاءِ همٿائڻ لڳو. زينت هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي پوري سگهه ميڙي سهيڙي آخري جملو ڳالهايو ۽ پوءِ هميشه جي لاءِ ماٺ ٿي وئي..... زينت جو دارا سان ڳالهايل ٽٽل ڦٽل لفظن وارو اهو جملو هو، ” دارا.... تون .... ته ڏس.. . نـــ .. . . هي ..... وئين...... پر.... پر....... پ....ر مان... ت ت ته ڍهي و ويس...... دا...را!“

◘

”دارا.... تون .... تہ ڏس.. . نـــ . . . هي ..... وئين...... پر.... پر....... پـ...ر مان... تہ تہ تہ ڊهي و ويس...... دا...را!“ زينت جا اهي آخري لفظ دارا جي دماغ ۾ ائين گهمي رهيا هئا جيئن فرعون جي نڪ ۾ مڇر! زينت جا اچاريل اهي آخري ٽٽل ڦٽل لفظ دارا ڪي ٺوڙي ڦوڙي رهيا هئا! دارا پنهنجي ڪمر ۾ ڏاڍو ڪميٽيڊ رهندو هو پر انهن لفظن جي لرزش ڪيس ٻئي ڏينهن آفيس وڃڻ نہ ڏنو هو! دارا ساري رات اکين تي گذاري هئي، ڪيئي ڀيرا ماسي بہ ڪائنس پڇيو هو تہ، ”چا ڳالهہ آهي ابا؟“ مگر هن هر ڀيري ”ڪا ڳالهہ ناهي ماسي تون وڃي چانهہ ناهي اچ!“ چئي ڪيس روانو ڪري ڇڏيو هو.

”دارا.... تون .... تہ ڏس.. . نـــ . .. هي ..... وئين...... پر.... پر....... پـ...ر مان... تہ تہ تہ ڊهي و ويس...... دا...را!“ دارا ڪي سوٽ بوٽ ۾ تيار ڏسي زماني سان گڏ زينت بہ اهو ئي سمجهيو هو تہ دارا پاڻ ڪي ناهي ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب هو جو هن اهي لفظ اچاريا هئا. اِهي، اهي لفظ هئا جيڪي ٻڌڻ کان پوءِ دارا ڪي پنهنجو لباس ڪنڊا بنجي چُڀڻ لڳو

هو! دارا جي دل چاهيو تي تہ اهو سيڪجهہ ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏي! هن کي پنهنجي وجود منجهان وحشت ٿيڻ لڳي! اهو ئي افسوس هو، جو پل پل دارا کي اڏوهي جيان اندر ئي اندر کائي کوکلو ڪندو تي ويو.

دارا جي دل تي ڏاڍو غبار تي پيو هو، اهڙو غبار اڳ ڪڏهن نہ ٿيو هئس. هن جو ڏينهن انهي ئي ڪمري ۾ گذري ويو. هن ماني بہ نہ جهڙي ڪاڏي ۽ بس چپ چاپ بيڊ تي ليٽيو رهيو. هن پنهنجي سوچ مٽائڻ جي لاءِ ڪيئي تي وي چينل مٽايا پر هر چينل تي ڪيس هڪ ئي چهرو نظر تي آيو، جواني ۾ جهور تي ويل چهرو! درد جي علامت بنجي ويل چهرو! سوال . . . . . . سوال ڪيئي سوال بڻجي ويل چهرو! زندگي جي آخري سرحد تي بيٺل، موت جي منهن ۾ ويندڙ اداس ۽ ڪمزور چهرو! هر چينل تي ڪيس بس هڪڙو ئي جملو بريڪنگ نيوز بڻجي هلي رهيو هو ، ”دارا.... تون .... تہ ڏس.. . نـــ . . . . هي ..... وئين...... پر.... پر....... پـــر مان... تہ تہ تہ ڊهي و ويس...... دا...را!“

شام تي تہ دارا پنهنجي ڪمري جي لائٽ ڊم ڪئي، هن اگربتي باري، سگريٽ دکايو ۽ شراب کي جام ۾ لاٿو! هن سگريٽ جي دونهين ۾ چتايو، هن اگربتي جي خوشبودار، محوِ رقص دونهين ۾ گهوريو، هن شراب جي جام ۾ ايرندڙ لهندڙ لهرين ۾ نهاريو. هُو هميشہ ائين ئي ڪندو هو. دارا جڏهن بہ حد کان وڌيڪ پاش پاش تي پوندو هو تڏهن ائين ئي ڪندو هو، هُو انهن دائرن ۾ پنهنجو حسين ماضي ڏسندو هو، هُو انهن نهندڙ ڊهندڙ دائرن ۾ زينت جو جوان کلندڙ مُرڪندڙ ٽهڪ ڏيندڙ چهرو نهندي ڊهندي ڏسندو هو. هن زينت کي انهن دائرن ۾ هميشہ نهندي ڊهندي ضرور ڏٺو هو مگر هن زينت کي جواني ۾ جهور ٿيندي، نہ ڏٺو هو، هن ڪڏهن زينت کي درد جي علامت ٿيندي نہ ڏٺو هو، سوال . . . . . . . سوال ۽ ڪيئي سوال ٿيندي نہ ڏٺو هو، هن ڪڏهن زينت جي چهري کي زندگي جي آخري سرحد تي بيٺل نہ ڏٺو هو، هن انهن دائرن ۾ زينت جو ايترو اداس ۽ ڪمزور چهرو نہ ڏٺو هو! پر اڄ...... اڄ هن ڪافي دير انهن نهندڙ ڊهندڙ دائرن ۾ زينت جو اهو کلندڙ ٽهڪندڙ جوان چهرو ڳولهيو پر ڪيس اهو چهرو نظر ئي نہ اچي سگهيو! بس پوءِ اڄ جڏهن آخر تائين ڪيس زينت جو اهو چمڪندڙ چهرو نظر نہ آيو تڏهن دارا کي شدت سان اهو احساس ٿيڻ لڳو تہ زينت تہ سندس دنيا مان گهڻو اڳ ئي وڃي چڪي هئي، پر پوءِ بہ هن جو هڪ اڃاتو احساس سندس دل ۾ ضرور رهجي ويو هو. دارا کي انهي احساس جو بہ شعوري طور تي ڪو علم نہ هو، پر حقيقت هي ئي هئي تہ دارا لاشعوري طور تي انهي احساس جي دم سان هيستائين جو سفر ڪري سگهيو هو!

سگريٽ جي دونهين جي ڇلن ۾ گم ٿي ويڻ، اگربتي جي خوشبودار دونهين جي محوِ رقص دائرن ۾ وڃائجي وڃڻ ۽ شراب جي جام ۾ نهندڙ ڍهندڙ لهرن ۾ لڙهي وڃڻ، اهي سڀ زينت جي انهي احساس جون نشانيون هيون جيڪو زينت جي وڃڻ کان پوءِ دارا جي دل ۾ باقي رهجي ويو هو. انهي احساس جو احساس دارا کي اڳ ڪڏهن به نه ٿيو هو، پر اڄ، جڏهن دير تائين ڪيس زينت جو اهو چهرو نظر نه اچي سگهيو هو تڏهن، زينت سان گڏ اهو احساس به مري ويو هو، ۽ اڄ ئي دارا کي انهي احساس جي مري وڃڻ جو احساس ٿيو هو. اها رات، رات نه هئي، قيامت هئي جا ٽي گذري! صبح ٿيو ته دارا کي ڪئلنڊر ٻڌايو ته اڄ آچر آهي. هن جو خيال هو ته آفيس ۾ وڃي هِن هُن سان وقت گذاريندو پر هاڻي هن جي لاءِ وقت وڏو مسئلو بڻجي پيو. دارا کي سيٺ سلامت جو خيال آيو پر سيٺ سلامت جي طبيعت ۾ سنجيدگي ئي نه هئي، هو هر وقت ڪلندو ڪلائيندو رهندو هو سو دارا کي اڄ اتي وڃڻ مناسب نه لڳو! دارا جي طبيعت به ڏاڍي عجيب هئي. ماڻهو جڏهن اداس ٿيندا آهن تڏهن اهڙا ماڻهو ڳولهيندا آهن جيڪي کلندڙ ۽ ڪلائيندڙ هجن ته جيئن درد ڪجهه هلڪو ٿئي پر دارا زهر جو علاج زهر سان ڪندڙ هو، زخم کي زخم سان پريندڙ، درد جو علاج درد سان ڪندڙ هو سو دارا کي درد جي تلاش هئي. دارا دير تائين سوچيندو رهيو ۽ پوءِ هُو پنهنجي ڪمري مان نڪتو، هيٺ لٿو ۽ گاڏي ڪيي منظور موالي ڏي روانو ٿي ويو. دارا جي گاڏي جي رفتار تيز نه هئي، هُو پنهنجي رمز ۾ سفر ڪندو منظور جي دڪان تي پهچي ويو. هن گاڏي بيهاري، ڪنڌ ورائي دڪان ڏي ڏٺو، ته ڪيس دڪان بند نظر آيو! دارا کي اهو ڏسي ڏاڍي حيراني ٿي ۽ پريشاني به ٿي، هُو ڪجهه گهڙيون پريشاني جي عالم ۾ اتي ئي بيٺو رهيو، پوءِ ڪيس پاسي واري ڪنهن ٻئي دڪان واري ٻڌايو ته منظور موالي جو دڪان هفتي کان بند آهي، هُو مولائي سيڪجهه ڇڏي سائين ڪريم شاهه ڏي هليو ويو آهي! دارا جڏهن اهو ٻڌو ته ڏاڍو اچرج ۾ پئجي ويو. دارا جي دل ڏاڍي اداس هئي. هن وٽ هاڻي ٻي ڪا به واهه نه هئي، هن گاڏي کي نئون رُخ ڏنو ۽ ڪنهن کان سائين ڪريم شاهه جو ڏس پنڌ پڇي انهي ڏي روانو ٿي ويو. گاڏي هلندي رهي ۽ هن بابا بلهي شاهه جو راڳ لڳائي ڇڏيو. راڳ به ڏاڍي عجيب شيءِ ٿيندي آهي! انسان جي فطرت آهي، جو ڪيس جيڪڏهن توري ڇهندڙي به لڳندي آهي ته ان کي تڪليف ٿيندي آهي! ڪو به انسان پنهنجي مرضي سان توري به درد جي تمنا نه ڪندو آهي، پر راڳ اها واحد شيءِ آهي، جو راڳ جي ٻُڌڻ سان توڙي جو پُراڻا ڦٽ به تازا ٿي پوندا آهن، توڙي جو زخمن کي اجا به هوا لڳندي آهي، پر

پوءِ بہ انسان وري وري راڳ ٻُڌڻ جي تمنا ڪندو آهي! ڪو بہ ماڻهو سُتل سور جاڳائڻ نہ چاهيندو آهي پر ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي، جو ماڻهو اهو ئي ڪلام ورائي ورائي ٻُڌڻ جي تمنا ڪندو آهي، جنهن جي ٻُڌڻ سان سُتل سُور جاڳي پون! جيئن جيئن اهو راڳ هلندو رهيو تيئن تيئن دارا جي دل جي ڪيفيت بہ تبديل ٿيندي رهي. دارا تي هڪ خاموش وجد طاري ٿيندو ويو. دارا پنهنجي پر ۾ تصوف جو عجيب نظارو ڪندو ويو. اهو راڳ ٻڌندي ٻڌندي دارا جي دل جي اسڪرين تي ڪوئي مدهوش ۽ پُرڪيف مست الست ديوانو يگانو محوِ رقص ترڻ لڳو. ڪو ئي هو، جنهن جا وار وڌا هئا، جنهن جا انگ پيوت هئا، جنهن جي چتن منجهہ چاڪي هئي، ها، ڪوئي اهڙو مستانو هو جو ساري دنيا کان بيگانو هو، دنيا جهان تہ ڇا پر هن کي پنهنجي بہ ڪا خبر نہ هئي! هُو پنهنجي مستي ۾ مست هو. هُو مدهوشي ۾ گم هو. هُو زماني جي هر غم کان آجو هو، آزاد هو. دارا بابا بلهي شاهہ جو راڳ ٻڌندو رهيو ۽ انهي مست الست جي مستي جو مشاهدو بہ ڪندو رهيو. ان وچ ۾ دارا جي گاڏي شهر لتاڙي ويراني ڏي وري وئي، هن جهر جهنگ جهاڳيا ۽ ٻہ ٽي ڪلاڪن جي ڊگهي سفر کان پوءِ پڇائيندي پڇائيندو نيٺ وڃي هڪ بر ۾ لڳل بازار ۾ پهتو. جتي سائين ڪريم شاهہ جو ڏيرو هو.

دارا پنهنجي گاڏي هڪڙي پاسي ڪري بيهاري ۽ پاڻ لهي وڃي ٻہر جي هيٺيان واري نلڪي منجهان هٿ منهن ڌوتائين. هو اجا نلڪي منجهان نڪتو ئي مس هو جو هن جي نظر هڪ اهڙي همراهہ تي پئي جنهن جي هٿن ۾ ڪنگڻ هئا، ڪنن ۾ واليون هيون، هن کي ڪارو جُبو پاتل هو، هن جي ڏاڙهي وڌيل هئي، وار وڌا هئس. انهي همراهہ دارا کي ڏسندي ئي دارا کي هيڪر تہ اهو ئي مست الست دنيا جهان کان بيگانو ديوانو مستانو ياد اچي ويو جيڪو بابا بلهي شاهہ جي راڳ تي سموري سفر دوران سندس دل تي ترندو رهيو هو، پر پوءِ دارا جلد ئي ان شخص کي سڃاڻي ورتو ۽ کيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. اهو ڪاري جُبي وارو همراهہ ڪو ٻيو نہ هو بلڪِ منظور مولائي ئي هو. منظور مولائي نلڪي تي مٿ پرڻ آيو هو. منظور بہ دارا کي اتي ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو ۽ خوش بہ ٿيو. هن اتي دارا جو وڏي دل سان آدرڀاءُ ڪيو ۽ کيس وڃي سائين سان ملايو. منظور مولائي جي برعڪس سائين ڪريم شاهہ کي اڇو پهراڻ پاتل هو، هن جي چتن ۾ چاڪي نہ هئي، هن جي هٿن ۾ ڪي ڪنگڻ نہ هئا. باقي سائين جا وار وڏا هئا جيڪي ڪلهن تي لڙڪي رهيا هئس. سائين جي چهري ۾ نُور چمڪي رهيو هو. هُو اتي موجود مڙني ۾ منفرد نظر اچي رهيو هو. سائين جي سيني ساٿين کي ڪارا جُبا پاتل هئا، انهن جا انداز منظور

مولائي جهڙا ئي هئا. انهن کان سواءِ ٻيا ٻه ڪافي مُريد وينل هئا. هڪ ڳالهه جيڪا دارا کي ڪجهه نئين نظر آئي، سا اها هئي ته سائين ڪريم شاهه پنهنجي مريدن سان بلڪل گڏيو وينو هو، سائين ٻين مُرشدن وانگر الڳ ٿلڳ پنهنجي هستي مستي رکندڙ نه هو. منظور مولائي دارا کي ونني سڌو اچي سائين سان ملايو ۽ سندس نيڪ ناڪ تعارف به ڪرايائينس. سائين ساڻس ڏاڍي پنهنجائپ منجهان مليو ۽ کيس پنهنجي پر ۾ ويجهو ڪري ويهاريائين.

”ابا پلا ٻڌايو ته معاف، بندي وانگر ڪجي يا خدا وانگر؟“سائين ڪريم شاهه جي چهري تي عجيب پُر اطمينان مُرڪ ڦهليل هئي.

وينلن سيني سائين جي انهي سوال جي جواب ۾ورراٽيو، ”سائين خدا وانگر ڪجي!“

”ابا خدا ته اڌورو معاف ڪندو اٿئو!“ سائين جي چهري تي ساڳي ئي پُر اطمينان مُرڪ ڦهليل رهي.

”سائين اهو وري ڪيئن؟“ سيني پڇيو. دارا به ڪن ڏنو.

”اهو وري هينئن جو هن ڏسو حضرت آدمؑ کي به اڌورو معاف ڪيو هو نه!“

وينلن کي اجا به ڳالهه دماغ ۾ نه ويني، سندن چهرا وري به سوال ئي بڻيا رهيا. اهو ڏسي سائين وراڻيو، ”ابا الله جيڪڏهن آدمؑ کي پورو معاف ڪري ها ته هينئر پاڻ جنت ۾ ڪونه هجون ها!!“

سيني جڏهن اهو ٻڌو ته کلي پيا. دارا کي به اهو ٻڌي سائين تي ڏاڍو پيار آيو. دارا کي ان لمحي ائين لڳو جيئن سائين وتائي فقير جو ٻيو جنم هو! سائين جي ڪچهري ۾ وينو ته دارا جي ڪيفيت ڪجهه توازن ۾ آئي، کيس پهرين کان ڪجهه نه ڪجهه فرحت محسوس ٿيڻ لڳي، يا شايد ملڻ سان درد جو احساس ڪجهه گهٽجي ويو هو. هُو چپ چاپ ويهي سائين جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو.

ڪچهري منجهان ڪنهن نوجوان پڇيو، ”سائين ماڻهو ته سڀ هڪجهڙا آهن پوءِ ڪو هندو ڪو مسلمان، ڪو سِک ته ڪو عيسائي.... اهو سڀ ڪيئن ٿيو؟ ۽ ڪيسيتائين هلندو اهو؟“

”ابا ڳالهه ٻڌ،“ سائين وراڻيو، ”هن دنيا ۾ اچي انسان ته هونئن ئي لوڙي پيو، پر خدا ته انسان کان به وڌيڪ پيو لوڙي!“

نوجوان سميت ڪنهن کي به اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه آئي. سائين وراڻيو، ”ابا پهرين خدا سج، چنڊ ۽ تارن ۾ قيد هو، پوءِ هوا، باهه ۽ پاڻي ۾ قيد ٿيو، ان کان پوءِ وري وڻن،

جانورن ۾ ماڻهن ۾ قيد ٿي ويو ۽ ان ڪان پوءِ هاڻي وري اهو مسجد مندر ۽ گرجا ۾ قيد آهي پيو وري چا..... . ..!“

دارا اهو ٻڌو ته ڪيس ڏاڍا عجيب خيال اچڻ لڳا، هن سوچيو، چا خدا به ارتقا جي عمل منجهان گذرندو رهيو آهي چا؟.... نه نه نه!! ائين ته نه آهي!..... پوءِ وري اهو ڳجهه ڳولهڻ جي لاءِ سائين جي چيل ڳالهه تي وري غور ڪيو، ’پهرين خدا سج، چنڊ ۽ تارن ۾ قيد هو، پوءِ هوا، باهه ۽ پاڻي ۾ قيد ٿيو، ان ڪان پوءِ وري وڻن، جانورن ۽ ماڻهن ۾ قيد ٿي ويو ۽ ان ڪان پوءِ هاڻي وري اهو مسجد مندر ۽ گرجا ۾ قيد آهي.‘ ان ڳالهه تي ڪي گهڙيون ڏاڍي ڏيان سان سوچڻ ڪان پوءِ دارا کي ڪجهه ڪجهه سمجهه ۾ اچڻ لڳو. دارا پنهنجي چپن ۾ چيو، ”يعنيٰ عقيدو ئي خدا آهي!“ سائين ڪريم شاهه دارا ڏي ائين نهاريو جو دارا کي ائين لڳو جيئن هن سندس اها سموري اڻ چئي ڳالهه سمجهي ورتي هجي!

سيئي هڪ ڪنان ٿي سائين جي ڳالهه ٻڌي رهيا هئا، سائين مسڪرائيندي وراڻيو، ”اڳي اڻڳڻيا خدا هوندا هئا، پوءِ اهي آهستي آهستي ٿيندا ٿيندا گهٽبا ويا. هاڻي وڃي هڪ خدا باقي رهيو آهي!“

سائين ڪريم شاهه اهو آخري جملو اهڙي انداز ۾ ادا ڪيو جو وري دارا جي دل ۾ خيال آيو، ”هڪ به ته عدد آهي! هڪ به ته ڳڻجي ٿو!.... جيڪڏهن هڪ آهي ته پوءِ هڪ سؤ به هوندا! هڪ هزار هڪ لک به....!“ پر اتي ڪي اهڙي ذهني سطح جا ماڻهو نه ويٺل هئا، جو اهڙيون ڳالهيون سمجهي سگهن ها سو دارا چاهيندي به اهو ڪجهه چئي نه سگهيو ۽ ماٺ رهيو، ۽ چپ چاپ ٻڌندو رهيو. ڪچهري ڳچ دير هلندي رهي، پوءِ ماني جو وقت ٿيو ته گهڻا ساٿي اتي موڪلائڻ لڳا. سائين ڪين ماني جو چيو مگر سيئي ’مهرباني‘ ڪندا روانا ٿيندا ويا. دارا به ٻين وانگر ’مهرباني‘ ڪئي پر دارا کي سائين ۽ منظور مولائي روڪي ورتو، منظور چيس، ”يار دارا پيارا ماني ڪائي پوءِ وڃ!“ ته دارا ويهي رهيو.

دارا ۽ سائين گڏجي ماني کاڌي، تنهائي جي انهن لمحن ۾ دارا پنهنجي دل ۾ ڳُتڪندڙ اهو خيال سائين سان اوريو ۽ وراڻيو، ”سائين هڪ به ته عدد آهي! هڪ به ته ڳڻجي ٿو!.... جيڪڏهن هڪ آهي ته پوءِ هڪ سؤ به ٿي سگهن ٿا! هڪ هزار هڪ لک به....!“

دارا جي اها ڳالهه ٻڌي سائين ڪريم شاهه جي نوراني چهري تي ڦهليل پُرنور مُرڪ ۾ ويتر واڌارو اچي ويو. هن دارا ڏي مُرڪي ڏٺو ۽ پوءِ صبر جو اشارو ڪري ماني کائڻ لڳو.

ڪجهه ئي دير ۾ جڏهن سائين ۽ دارا ماني کائي واندا ٿيا تڏهن سائين دارا کي پنهنجي سامهون ويهاريو ۽ وراڻيو، ”سچي دنيا ’خدا! خدا!‘ تي ڪري پر خدا کي تمام گهٽ ماڻهو سمجهن ٿا!“ سائين چيو، ”خدا اهو هرگز ناهي جيڪو زمانو سمجهي ٿو! ياد رک ته فقط ’خدا‘ خدا ناهي ابا!..... تون بلڪل درست آهين ته هڪ ٻه ته عدد آهي، هڪ ٻه ته ڳڻبو آهي! هڪ، هڪ سؤ، هڪ هزار، هڪ لک اهي سڀ برابر ئي آهن! زمانو خدا کي ’هڪ‘ چئي درحقيقت خود ئي خدا کي هڪ الڳ وجود ۾ ويڙهي ٿو ڇڏي! خدا هڪ ئي آهي پر ائين نه جيئن زمانو چوي ٿو، جيئن زمانو سمجهي ٿو!“ سائين ڪريم شاهه مُرڪندي وراڻيو، ”الله هڪ ناهي. .. . هڪ الله آهي. .. . بس هڪ الله!!“ دارا کي سائين ڪريم شاهه جون ڳالهيون ڳهنديون ويون، هُو چپ چاپ ٻڌندو رهيو ۽ ائين خماربو ويو ڄڻ مٿس شراب اوتجي رهيو هو، سائين وراڻيو، ”’تون‘ مڪمل ايمان ناهي. .. . مڪمل ايمان آهي، ’تون هي تون‘!. .. . چاڪاڻ ته صرف ’تون‘ چوڻ سان هڪدم ’مان‘ جو تصور اچي ٿو!. . .جيئن تو کي هڪ خدا سان هڪ سؤ، هڪ هزار، هڪ لک جو تصور اچي ويو. .. . “ سائين وراڻيو، ” ’تون‘ درحقيقت ’مان‘ جي ئي دليل آهي بابا. . .. ۽ ’مان‘ شرڪ آهي! ڪفر آهي!. .. . ’تون هي تون‘ مڪمل ايمان آهي، چاڪاڻ ته ’تون هي تون‘ منجهان ’مان‘ جو تصور نٿو ابري! ’تون هي تون‘ مان ڪو ٻه ٻيو تصور نٿو اچي! سو بس اهو ئي مڪمل تصور آهي!“ سائين جو چهرو پهرين کان اڃان ٻه وڌيڪ پُر نور ٿيندو ويو، سائين ڳالهائيندو ويو، ” ’خدا‘ خدا هرگز ناهي، بلڪِ ’خدائيت‘ خدا آهي!.... ’خدا‘ خدائيت آهي. خدائيت عدد ناهي، خدا کي ڳڻپ سگهجي ٿو پر خدائيت کي ڳڻپ نٿو سگهجي! خدائيت کي الڳ ڪري نٿو سگهجي، نه ئي خود انهي خدائيت کان الڳ ٿي سگهجي ٿو!!!!“ سائين ڪريم شاهه الهندي طرف اشارو ڪندي، وراڻيو، ”جس آهي مديني واري ميرؐ کي جنهن خدا جي تصور کي، وجود کان آزاد ڪري ڇڏيو!....... مندر ۾ مورت آهي، گرجا ۾ صليب آهي، مگر ڏسو ته مسجد ۾ ڪجهه ٻه ناهي!...“

دارا ٻه اهو ٻڌي مُرڪي ڏٺو، ڄڻ هن جي بدن تان ڪو وڏو وزن لهي ويو دارا خود کي هاڻِ پهرين کان گهڻو هلڪو محسوس ڪري رهيو هو. پوءِ دارا منظور مولائي سان کي گهڙيون ڪچهري ۾ گذاريون ۽ پوءِ سائين کان موڪلائڻ لڳو. سائين ڪريم شاهه دارا

جي ڇهري ۾ گهوريو ۽ ڪيس موڪلائڻ مهل چيائين، ”دارا، ٻوٽو ٻج ڪان شروع ٿيندو آهي ۽ پوءِ جڏهن پاڻ ٻج جهليندو آهي تڏهن واپسي ڏي رُخ ڪندو آهي؛ پوءِ فنا جو راهي ٿيندو آهي. ڪائنات جي هر شيءِ ائين ئي اٿئي؛ هر چيز جڏهن نهي بس ٿيندي آهي تڏهن ان ئي نقطي تان ڊهڻ شروع ٿي ويندي آهي! هر چيز نهڻ ۽ ڊهڻ ۾ ئي لڳي پئي اٿئي بابا!“

دارا سائين جي اها ڳالهه ٻڌي ڪي گهڙيون اتي ئي رڪجي ويو. دارا کي ائين لڳو ڄڻ سائين ڪريم شاهه کي سندس دل جي حال جي سموري سُڌ آهي. دارا ويندي ويندي وري ويهي رهيو. ديوار جي ٽيڪ ڏئي دارا سائين جي سامهون ويهي رهيو. هن کي سائين ڪريم شاهه مسيحا نظر ٿي آيو، هن کي ائين لڳو جيئن سائين سندس درد ڪان بخوبي واقف آهي. ”سائين..... آئون روز روز نهي ڊهي، نهي ڊهي ٿڪجي پيو آهيان!“

”ته پوءِ پاڻ کي ڍاهي ڇڏ بابا!“ سائين دارا کي چيو، ”هر شيءِ نهندي آهي ته پوءِ ئي متس ڊهڻ واجب ٿي پوندو آهي!“....... ”تون پاڻ کي پاڻ ئي ڍاهي ڇڏيندين ته بس پوءِ توکي مڪتي ملي ويندي!...... صوفي مونن ۾ منهن وجهي ڇا ڪندا آهن؟..... مومن مسجد ۾ وجي ڇا ڪندا آهن؟........ اهي سڀ پنهنجي پاڻ کي ڍاهي ئي ته ڇڏيندا آهن بابا!“

دارا جڏهن سائين ڪريم شاهه واتان اها ڳالهه ٻڌي ته ڪيس پنهنجو اهو جملو ياد آيو جيڪو هن ردا کي آٽوگراف ڏيندي ٽشو پيپر تي لکيو هو، ’ناهڻ کي ڍاهي سگهجي ٿو مگر ڍاهڻ کي ڍاهي نٿو سگهجي!‘ اهو ياد ايندي ئي دارا جون الئه چو اکيون پرجي آيون.

سائين جي ڇهري تي مُرڪ هئي ۽ دارا جي اکين ۾ ڳوڙها!

”تنهنجي اکين ۾ ڳوڙها آهن ۽ منهنجي منهن تي مُرڪون آهن!.....“ سائين دارا کي چيو، ”تنهنجي ڳوڙهن ۽ منهنجي مُرڪن جي وچ ۾ ايترو ئي فاصلو آهي، جيترو تون ڏسين پيو ابا!“

دارا جا ڳوڙها بي اختيار ڳڙي پيا هئا. سائين پنهنجي پهراڻ جي دامن سان دارا جا ڳوڙها اگهيا. سائين جي انهي عمل سان ڪيس زينت ياد اچي وئي، هُو جڏهن پنهنجي دل جا درد ٻڌائيندي زينت جي آڏو روئي پوندو هو ته زينت پنهنجي پوتي جي پلاند سان سندس ڳوڙها اگهندي هئي. دارا کي ان وقت به اهڙو ئي احساس ٿيندو هو جهڙو هينئر ڪيس ٿي رهيو هو!

ڪجھ دير جي خاموشي رهي. تنهن ڪان پوءِ دارا وراڻيو، ”صوفين جي دنيا ڏاڍي پُرسڪون ٿيندي آهي سائين.“ دارا چيو، ”سائين آئون جڏهن گهڻو بيچين ٿيندو آهيان ته بابا بلهي شاهه جو ڪلام يا ڀٽائي سگهوري جو راڳ لڳائي ڇڏيندو آهيان.... بس پوءِ مون کي ائين لڳندو آهي، جيئن منهنجي ڪلهي ۾ ڪينرو آهي، مان جوڳي آهيان، مست الست آهيان..... منهنجي ڪائي منزل ڪانهي، مون کي فقط هلندو ئي رهڻو آهي، هلندو ئي رهڻو آهي، پوءِ بس مان پنهنجي پر ۾ هلندو ئي رهندو آهيان، هلندو ئي رهندو آهيان.... ڪنهن هڪ طرف منهن ڪري هلندو ئي رهندو آهيان مان......!!“ دارا وراڻيو، ”مون کي بابا بلهي شاهه جو اهو دوهو ڏاڍو وڻندو آهي سائين:

**چـــل بُـــلهيا! چـــل اوتي چليي، جتي ســـاري انّي!**

**نا ڪو ئي سادِي ذات پڇاڻي، نا ڪوئي سانون منّي!“**

سائين جي مُک واري مُرڪ وڌيڪ گِهري ٿي وئي، هن دارا کي چيو، ”خبر ٿئي صوفي ڇا ٿيندو آهي؟“

دارا پنهنجيون آلوده اکيون مٿي کڻي سائين ڪريم شاهه جي چهري ڏي نهاريو. سائين وراڻيو، ”صوفي ٻار ٿيندو آهي!..... يا ائين کڻي چئجي ته ٻار صوفي ٿيندا آهن!. . . ٻار تصوف جو آئينو ٿيندا آهن! تو جيڪڏهن سچو ۽ مڪمل صوفي ڏسڻ چاهين ته ڪنهن درگاهه جو در نه جهلجان، تون گلي ۾، گهر ۾، مٽي ۾، گپ ۾ راند ڪندڙ ڪن ٻارن کي ئي ٿورو ڇتائي ڏسي ڇڏجان! ائين ڪندين ته توکي پوري طرح سان سمجھ ۾ اچي ويندو ته ته صوفي ڇا ٿيندا آهن؟ تصوف ڪهڙي تعليم آهي؟؟ پوءِ توکي تصوف کي پرکڻ جي لاءِ ٿها ڪتابن جا نه پڙهڻا پوندا! نه ئي اجائي مٿا ماري ڪرڻي پوندي!“ دارا کي ائين لڳي رهيو هو جڻ مٿس شراب اوتجي رهيو آهي. هُوءَ چُپ چاپ ٻڌندو رهيو، سائين چيو، ”هر ماڻهو پيدا ٿيندو آهي، پوءِ جوان ٿيندو آهي، پوءِ پوڙهو ٿيندو آهي ۽ پوءِ مري ويندو آهي! ها نه بابا؟“

”ها سائين بلڪل!“ دارا اقرار ڪيو.

”پر صوفي ائين نه ڪندو آهي بابا!“ سائين ڪريم شاهه وراڻيو، ”صوفي ٻار ٿيندو آهي پر جوان نه ٿيندو آهي، نه ئي پوڙهو ٿيندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو صوفي ڪڏهن مرندو ئي ناهي!“ سائين ڪيس مسڪرائيندي چيو، ”صوفي جو سفر اُبتو سفر آهي... صوفي واپسي جو مسافر هوندو آهي. صوفي ماءُ جي پيٽ منجهان ٻار ٿي ايندو آهي، ۽ پوءِ هتي جيستائين رهندو آهي، تيستائين ٻار ئي رهندو آهي، هُو جواني ڏي وک

وڏائي پيريءَ جو خسارو نه ڪٽندو آهي! ماڻهو ماءُ جي پيٽ منجهان ايندا آهن ۽ اڳتي قبر ۾ هليا ويندا آهن پر صوفي ائين نه ڪندو آهي، صوفي ماءُ جي پيٽ منجهان ايندو آهي ۽ واپس ماءُ جي پيٽ ۾ هليو ويندو آهي بابا!.... . . .. .عشق دي اُلٽي چال!“

دارا کي سائين ڪريم شاهه جون ڳالهيون دل سان لڳيون. هن جي دل به چاهيو ٿي ته هُو به منظور مولائي وانگر سيڪجهه ڇڏي سائين وٽ اچي آرامي ٿئي پر هُو چاهيندي به اڃ ائين ڪري نٿي سگهيو. هُو اتي جيترو ٿي سگهيو وينو ۽ پوءِ سائين کان موڪلائي واپس روانو ٿيڻ لڳو. منظور موالي ٻاهر گاڏي تائين ساڻس گڏ آيو. ۽ پوءِ دارا کي روانو ڪري هُو وري سائين جي اوتاري ڏي هليو ويو.

دارا جي دل تان زينت جو زخم ذرا به هلڪو نه ٿيو هو، پر سائين ڪريم شاهه جي ڳالهين منجهان اهو ضرور ٿيو هو جو هن تي جڻ ته شراب اوتجي ويو هو جو انهي جي سرور ۾ درد جي احساس جي شدت ۾ ڪنهن قدر ڪمي آئي هئي. سائين جون ڳالهيون دارا جي دل تي مرهم ٿي رکجي ويون هيون. دارا کي اڄ فرار جو هڪ ٻيو رستو هٿ اچي ويو هو.

شام جا پاڇا لڙي رهيا هئا، دارا جهرجهنگ منجهان واپس شهر ڏي اچي رهيو هو. هن شام جي سج کي هڪ عرصي کان پوءِ شهر جي ديوارن ۾ وقت کان اڳ ۾ ئي لهڻ بدران ٻهراڙي جي ميدانن ۾ لهندي ڏٺو هو. هن اڄ هڪ عرصي کان پوءِ سج کي آخري نظر تائين لهندي ڏٺو ۽ هٿ لوڏي کيس الوداع به ڪيو هو. ها، اڄ هن ٻالڪپڻ جي عادت ورجائي هئي پر اڄ ۾ ۽ انهي ٻالڪپڻ ۾ وڏي وٿي اچي وئي هئي. دارا اها وٿي ختم نه ڪري سگهيو. ان کان اڳي جو زينت جو درد، سائين جي اوتيل شراب تي حاوي ٿي وڃي ها، دارا وري بابا بلهي شاهه جي شاعري عابده جي آواز ۾ لڳائي ڇڏي ۽ پوءِ انهي سحر ۾ گم ٿيندو ويو. ڪجهه ئي لمحن ۾ وري دارا جي سامهون اهو ئي وڏن وارن وارو وري اهو ئي ساڳيو مست الست ترورا ڏيڻ لڳو،جيڪو بابا بلهي شاهه جي راڳ تي جهومي نچي رهيو هو......

□

**ردا** ڪافي ڏينهن کان گهر کان ٻاهر نہ نڪتي هئي. ردا ڪافي عرصي کان بلڪل بدلجي وئي هئي. هُوءَ هاڻي اها نہ رهي هئي جهڙو هن بابت عام خلق ۾ تصور هو. هن شوبز جي دنيا کي الوداع چئي ڇڏيو هو. ڪيئي شوٽس، ڪيئي محفلون ڪيئي دعوتون هن نڪرائي ڇڏيون هيون. ردا جي دروازي تي هاڻي اڳي واري رونق نہ رهي هئي. هن پنهنجي سيني واسطيدارن سان مڪمل طرح ڦٽائي ڇڏي هئي. هن سيني کي نااميد ڪري ڇڏيو هو. ردا جو موبائل فون بہ هاڻي رڳو ميوزڪ تائين ئي محدود ٿي ويو هو. هڪ عرصو ٿيو هو جو ردا جي دروازي تي ڪنهن دستڪ ئي نہ ڏني هئي، هڪ عرصو ٿيو هو جو ردا کي ڪنهن جي فون بہ نہ آئي هئي. پر ردا کي ان ڳالهہ جو ڪو بہ غم نہ هو، هُوءَ ان تبديلي تي بلڪل بہ اداس نہ هئي. هوءَ ذرا بہ پنهنجي ڪيئي تي پشيمان نہ هئي. ردا هاڻي عام گهريلو ڇوڪري وانگر رهڻ لڳي هئي. هن جي زندگي منجهان ناهہ_نوهہ نڪري ويئي هئي. اهو سيڪجهہ ڪو بہ ڄاڻي واڻي ڪري ئي نٿو سگهي، اهڙي قسم جي تبديلي تہ پاڻمرادو ئي اچي ويندي آهي، انسان بي اختيار بدلجي ويندو آهي. پهاڙن منجهان چشما پاڻمرادو ڦاٽي نڪرندا آهن، اهي ڪير کوٽي نہ ڪيندو آهي، برندڙ جبلن منجهان لاوا بہ ڪوئي ٽڪر ٽوڙي نہ ڪيندو آهي، اهي پاڻ ئي پاڻ اوچتو نڪري پوندا آهن. انسان سان بہ ساڳي ئي حالت ٿيندي آهي، ڪي، ڪي وڏيون وڏيون ناقابلِ تصور تبديليون بہ ڪنهن محنت مشقت سان يا سوچ ويچار سان نہ ايندئون آهن،

اهي بس اوچتا اچي ويندا آهن ۽ پاڻمرادو اچي ويندا آهن. ائين ڪٿي چئجي ته انسان جي اندر به ڪيئي پهاڙ آهن، جبل آهن، انهن پهاڙن ۽ جبلن جون چوٽيون شعور جون چوٽيون هونديون آهن، ۽ انهن شعور جي وڏن وڏن پهاڙن ۽ جبلن جي هيٺيان ڪيئي لاشعور جا ڪٿي تڏا تڏا چشما ته ڪٿي وري برندڙ جلندڙ لاوا دٻيل هوندا آهن، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ئي پاڻ ڦاٽي ٻاهر نڪري پوندا آهن! اهي لا شعور جا لاوا ۽ چشما بيدار نفسن ۾ اڪثر ڦاٽي پوندا آهن نه ته ڪوڙ سارن جي عمر ئي ائين گذري ويندي آهي، پر پهاڙ پُرزا ٿي نه سگهندا آهن، اهي لاشعور جا لاوا ۽ چشما انهن سان گڏ قبر ۾ ئي دفن ٿي ويندا آهن! ها، سو ردا به پاڻ مرادو ئي بدلجي ويئي هئي، هن خود کي نه بدلايو هو، بلڪِ ڪا بيخودي هئي، جنهن هُن کي بدلائي ڇڏيو هو.

ردا جي زندگي ۾ آيل اهڙي تبديلي، ساڻس گڏ رهندڙ ماءُ جهڙي ماسي لاءِ ڏاڍي حيراني ۽ پريشاني جي ڳالهه هئي. هُوءَ ردا جي باري ۾ اهو سوچي اداس ٿيندي رهندي هئي ته هينئر سندس جواني ۾ ئي اهڙا حال ٿي ويا آهن ته پوءِ پيريءَ ۾ ڇا ٿيندس! هُوءَ اڪثر موقعو وٺي ردا کي گهڻو ئي سمجهائيندي هئي پر ردا کي دارا جو سهارو هوندو هو سو هُوءَ ماسي کي هر پيري اهو چوندي هئي ته، ”ماسي الله ڏيندو... رزق جو نيڪو هن جو آهي!“ ردا ماسي سان اڪثر دارا جون ڳالهيون ڪندي رهندي هئي پر ماسي جي عمر جو اهو ئي تجربو هو سو هُو اهوئي سمجهندي هئي ته هينئر ردا جي جواني آهي سو ڪجهه نه ڪجهه ملي به پيو پر پوءِ جڏهن وارن ۾ چاندي لهندي ته ڪير حال به نه پڇندو! ماسي جي پرورش اهڙي ماحول ۾ ٿي هئي جتي عورتون جواني ۾ ايترو ڪمائي وينديون هيون جو پوءِ جيڪڏهن پيريءَ ۾ ڪير نه به پڇي ته به وقت گذري ويندو هئن. بس اها ئي ڳالهه هئي جيڪا ماسي کي پريشان ڪندي رهندي هئي.

ردا جي دل ته گهڻو ئي چاهيندي هئي ته ڪيس اهڙي ڪا نوڪري هجي جو هُو ڪجهه نه ڪجهه عزت سان ڪمائي سگهي ۽ گهر جي پوري ڪري سگهي پر مسئلو هي هو جو هڪ ته ردا ايترو پڙهيل نه هئي ۽ ٻيو ته شهر ۾ هرڪوئي ڪيس ٻئي تعارف سان سُڃاڻيندو هو سو هرڪوئي ڪيس ڏسندو به ٻي نگاهه سان هو. بس اهوئي سبب هو جو هن ڪڏهن نوڪري جي تلاش جي جرئت ئي نه ڪئي.

اڄ ماسي هڪ ڀيرو وري ڪيس اهو ئي ساڳيو ترانو ٻڌايو هو. سو اڄ هن جو موڊ خراب ٿي پيو هو. ردا ماٺ ڪري اچي پنهنجي ڪمري ۾ ويهي رهي هئي ۽ ماسي جي تراني بابت سوچي رهي هئي. هُو انهي سوچ ۾ ويٺي هئي جو ماسي ڪجهه ئي دير ۾

وري چانهه جو ڪوپ ناهي اچي ردا جي سامهون رکيو. ماسي جي اها عادت هوندي هئي جو هُو پهرين وڙهندي هئي ۽ پوءِ وري پرچائڻ جي خاطر اهڙو طريقو استعمال ڪندي هئي. جلدي جلدي ۾ هڪڙي گرم گرم چانهه ناهي ايندي هئس. ردا کي به ماسي جي پرچائڻ واري انهي انداز تي ڏاڍو پيار ايندو هو. ڪيڏي به ڪاوڙ هوندي هئس ته اها انهي گرم چانهه سان پل ۾ ٺڏي ٿي ويندي هئس. ردا وٽ چانهه آئي ته هن ماسي جي محبت تي مسڪرائي ڏنو. اداسائي اڏامي ويس. ردا خاموشي سان چانهه جي ڪوپ منجهان پيئڻ لڳي. ردا چانهه پيئندي پيئندي اڄ وري نوڪري ڪرڻ جي باري ۾ سوچي رهي هئي پر وري ڪيس اهي ئي ساڳيون سوچون ورائي ٿي ويون. هن چانهه جي ڪوپ مان  آخري سپ پري ته سندس ذهن ۾ آيو ته دارا صاحب، دنيا وارن کان گهڻو مختلف آهي، هُو  NGO`S ۾ ئي سدائين ڪم ڪندو رهندو آهي، سو ڇو نه انهي سان وڃي احوال ڪجي. بس پوءِ اهو خيال ايندي ئي ردا اٿي ۽ دارا ڏي رواني ٿي.

ردا اڄ گهر کان ٻاهر نڪتي ته ڪيس سيڪجهه نئون نئون پئي لڳو. ردا اڄ ڪافي ڏينهن کان پوءِ پنهنجي گهر منجهان ٻاهر نڪتي هئي، هن جڏهن ٻاهر جا منظر ڏٺا ته ڪيس پنهنجو ماضي ترورا ڏيڻ لڳو، هُو ڪيڏي ڦڙتي ۽ چستي سان نڪرندي هئي، پوءِ اڪثر ته ڪيس روبي وٽ وڃڻو هوندو هو، هن کي گهر جي گهٽي تان اچي نئين سج نئين گاڏي ڪٽندي هئي. هُوءَ سڌو روبي وٽ ويندي هئي، پوءِ اتان کان تيار ٿي پوءِ ئي رواني ٿيندي هئي. پر اڄ جڏهن هُو پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪتي هئي ته ڪيس ڪا گاڏي ڪٽڻ ڪونه آئي هئي. اڄ هُن وٽ رڪشا هئي پر ردا خود کي رڪشا ۾ گاڏين کان وڌيڪ پُر سُڪون محسوس  ڪري رهي هئي. . ردا کي اڄ روبي جي ياد آئي ته هن سوچيو ته دارا جي آفيس ويندي ويندي وات تي اڄ روبي وٽان به ٿيندي ويندي! هن رڪشا واري کي روبي ڏي هلڻ جو اشارو ڪيو.

ردا روبي جي بيوٽي پالر وٽ پهتي ته هن ڏٺو، روبي جو بيوٽي پارلر بند لڳو پيو هو. پاسي ۾ هڪ پنو لڳل هو، جنهن تي روبي جي موت  جو اطلاع ڏنل هو! ردا جڏهن اهو اطلاع نامو پڙهيو ته هن جو روح رڙي پيو! هن جي دل کي ڏاڍو گِهرو صدمو رسيو! هن جي دل اجهامي ويئي، هن سوچيو ته واپس هلي وڃي پر وري سوچيائين ته واپس گهر به ڇا وڃي ڪندي؟ درد آهي سو ان لاءِ به دارا ئي بهتر نڪاٽو آهي، سو بس روبي کي ياد ڪندي ردا دارا ڏي هلي ويئي. . . .

ردا دارا جي آفيس وئي، پر خبر پيس تہ دارا صاحب جي طبيعت ٺيڪ ناهي سو هُو موڪل تي آهي. اهو ٻڌي ردا دارا جي گهر ڏي رواني ٿي.

★★★

زينت جي موت، دارا کي اندر ئي اندر کان ٽوڙي مروڙي رهي هئي. زينت جو ڳالهايل آخري جملو دارا جي وجود کي اڌوهي جيان کائي رهيو هو. دارا صفا ٽٽي پيو هو، هُو هفتي کان آفيس بہ نہ ويو هو. هن جا وار بہ وکري ويا هئا، هن جي ڏاڙهي بہ وڌي وئي هئي. آفيس جو سجو عملو ڪائنس حالي احوالي تي ويو هو. سيٺ سلامت بہ ٻہ ٽي ڀيرا ٿي ويو هئس، پر هن تي ڪنهن جي اچڻ وڃڻ جو ڪوئي اثر نہ ٿيو هو. دارا ڪنهن کي بہ اصل حقيقت نہ ٻڌائي هئي. دارا دل جو درد دل ۾ ئي رهڻ ڏنو هو. دارا هفتي کان يڪو گهر تائين ئي محدود رهجي ويو هو. ردا جي ماءُ جهڙي ماسي جيان دارا جي بہ ماءُ جهڙي ماسي هئي، جيڪا دارا جي اهڙي حالت جيڪري ڳڻتين ۾ ڳرندي رهندي هئي. ماسي اهو سوچي سوچي پريشان پئي ٿيندي هئي تہ آخر هن کي اوچتو اهڙو ڇا ٿي ويو آهي جو سجو سجو ڏينهن هڪ ئي ڪمري ۾ بند ٿيو پيو آهي! ماسي کي ائين لڳو ڄڻ تہ ڪيس ڪا نظر لڳي ويئي آهي سو هن وجي نظر جو ڏاگو بہ وٽايو ۽ اچي دارا کي ٻانهن ۾ ٻڌائي. سيٺ سلامت دارا کي گهٽو ئي سمجهايو تہ اسپتال هلون پر دارا لنوائيندو رهيو. اڄ ماسي اداس ويٺي پنهنجي پر ۾ دارا کي دعائون ڪري رهي هئي جو ڪنهن پل دروازي واري گهنٽي وڳي. ماسي سوچيو تہ سيٺ سلامت هوندو پر هن جڏهن دروازو کوليو تہ ٻاهر ردا بيٺي هئي. ردا پهرين بہ هڪ ڀيري دارا جي گهر آئي هئي سو ماسي ڪيس اڄ ڏسندي ئي سُڃاڻي ويئي. ماسي کي ياد هو تہ پهرئين ڀيري جڏهن ردا آئي هئي تہ دارا جو ساڻس ڏاڍو سُٺو وقت بسر ٿيو هو سو اڄ هن ردا کي ڏٺو تہ ڏاڍي سَرهي ٿي پئي. ماسي دروازو کوليو ۽ ڏاڍي پيار سان ردا سان ملي. ”دارا آهي ماسي؟“ ردا پڇيو.

”ها ها پُٽ!“ ماسي چيو، ”صاحب کي الائي تہ ڪنهن جي ڪهڙي نظر لڳي وئي آهي جو نڪو ٿو دوا وٺي ۽ نہ ئي ٿو ٺيڪ بہ ٿئي، تون ڇڱو جو آئي آهين، اڄ سمجهائينس تہ سيٺ سلامت سان گڏجي اسپتال تہ وڃي!“ ماسي دارا جي دروازي تائين ردا سان

مسلسل ڳالهائيندي آئي. هن ردا کي دارا جي دروازي تي ڇڏيو ۽ پاڻ وجي چانهه تيار ڪرڻ لڳي.

دارا بيڊ تي ليٽيو پيو هو، بابا بلهي شاه جي وائي هلي رهي هئي. دارا جون اکيون بند هيون. هن جي شيوَ وڌيل هئي، وار وکريل هئس. دارا جي ابتر حالت ڏسي ردا کي گهڙيون ته اتي دروازي تي ئي بيٺل رهجي ويئي. دارا صفا مست الست ملنگ لڳي رهيو هو. ڪجهه گهڙيون بيهي جڏهن ردا پنهنجو پير اڳتي وڌايو ته سندس سينڊل جي ٺپڪي تي دارا جو سحر ٽٽي پيو، هن جون اکيون کلي پيون.

اڄ ردا خود به ڏاڍي اداس هئي، هُو خود به اندر ئي اندر پڃي پُري پيئي هئي، پر وري اڄ هن دارا جي حالت ڏٺي ته هن کان پنهنجو غم ئي وسري ويو. زينت جي موت، روبي جي موت جي مقابلي ۾ گهٽي گهٽ ڏُڪدائڪ هئي سو روبي جي موت جو غم، پاڻمرادو زينت جي موت جي غم ۾ غرق ٿي ويو! ائين ئي ميٽجي ويندو آهي، درد سان درد!

" اوهانجي عبادت قضا ڪري ڇڏيم شايد!" ردا ڏاڍي اداس لهجي ۾ وراڻيو.

"نه نه ردا!" دارا بيڊ تي ويهندي وراڻيو، "ايترو ڪمزور زاهد ناهيان مان!" دارا جو آواز جهيڻو هو.

ردا کي ياد آيو ته هوءَ جڏهن پهريون ڀيرو دارا وٽ آئي هئي تڏهن دارا شراب پي رهيو هو ۽ هن ڪيس اهو ئي پهريون سوال ڪيو هو ۽ پوءِ دارا به ڪيس اهو ئي جواب ڏنو هو جيڪو هن اڄ ڏنو! ردا وري به ڪيس پهرين ملاقات وارو جملو ورجائيندي چيو، "اڄ لڳي ٿو ڪو ئي درد حد کان وڌي ويو!..... اڄ لڳي ٿو موت اوهان جي تمام قريب کان گذري وئي دارا صاحب!"

دارا جي انهي جملي جي جواب ۾ هن ڀيري دارا اهو ئي پهرين ملاقات وارو ساڳيو جملو نه وراڻيو. هن ڀيري دارا چيو، "ردا، درد هڪ عرصي کان حد کان وڌي ويو آهي!.........آئون هڪ عرصي کان موت جي پُنيان ڊوڙي رهيو آهيان پر موت مون کي پُڄڻ نٿي ڏئي ردا!"

ردا پهرين ئي دارا جي حالت ڏسي پريشان ٿي پئي هئي پر دارا جو اهو جملو ٻڌي ردا اداس ٿي وئي. "ڇا ٿيو آهي دارا صاحب؟" ردا پڇيو، " خير ته آهي؟"

دارا ردا جي چهري ۾ چتايو ته ڪيس عجيب پنهنجائپ نظر آئي. دارا کي ردا جو رُخ پنهنجي وجود جو آئينو ٿي لڳو. هونئن ئي هُو ٻئي جڏهن کان هڪٻئي سان مليا هئا ته کين هڪ عجيب پنهنجائپ جو احساس ٿيو هو. هنن ٻنهي کي ائين ٿي لڳو ڄڻ هنن جو

جنم جنم ڪان رشتو آهي، ائين ٿي لڳو جيئن هُو بيئي هڪبئي جا ئي آئينا هئا. ردا سان دارا جي جيڪا پهرين ملاقات ٿي هئي، ان ملاقات ئي ردا جي زندگي ۾ حيراني جي حد تائين انقلاب آڻي ڇڏيو هو. هُن زندگي ۾ ڪڏهن اهو سوچيو به نه هو ته هُو ايتريقدر بدلجي ويندي! دارا جي داخلا، ردا جي لاءِ جڻ ته هڪ رشتي جو اضافو بڻجي پئي هئي. هن جو دارا سان جڻ ته هڪ اڄاتو رشتو ٿي پيو هو. هُو جڏهن به اداس ٿيندي هئي، اپاٽڪي ٿيندي هئي ته ڪيس دارا جون ڪيل ڳالهيون فولادي قوت بخشي ڇڏينديون هيون. هن سماج ۾ رهندي ردا جيڪو رستو مَتايو هو، سو انتهائي اوکو هو پر اهو دارا ئي هو، جنهن جي ڏِي ڪيس انهي سفر ۾ هيل تائين ثابتِ قدم رکيو هو.

”ڇا ٿيو آهي، خير ته آهي مون کي ٻڌاءِ!“ ردا بار بار پڇي رهي هئي. دارا ڪان ڪيئي ڀيرا اهو سوال ماسي به پڇيو هو، دارا ڪان اهو ساڳيو سوال ڪيئي ڀيرا سيٺ سلامت به پڇيو هو، پر ردا جي پڇڻ جو انداز ئي اهڙو هو جو دارا کي خبر هئي ته هُو جيڪڏهن ڪجهه به لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو ته به اها ردا جي سامهون ناڪام ئي ويندي! ردا جي اکين ۾ لهندڙ آلاڻ مان ئي دارا کي اهو اندازو ٿي ويو هو ته ردا ۾ ۽ ماسي ۾ وڏو فرق آهي، ردا ۾ ۽ سيٺ سلامت ۾ وڏو فرق آهي. دارا جي اهڙي حالت ڏسي، هر ڪنهن جي اکين ۾ آلاڻ لٿي هئي. آلاڻ، سيٺ سلامت جي اکين ۾ به لٿي هئي، آلاڻ ماسي جي اکين ۾ به لٿي هئي، ماسي جا ته ڳوڙها به ڳڙي پيا هئا پر ، اهڙي آلاڻ دارا کي اڳ ڪنهن جي به اکين منجهه نظر نه آئي، جهڙي هُن جي لاءِ اڄ ردا جي اکين ۾ لهي آئي هئي! دارا ردا جي چهري ۾ جڻ ته پنهنجي درد جو عڪس ڏسي رهيو هو، ردا سان جڻ ته هن جو ڪو ازلي رشتو هو، سو اهو ئي سبب هو، جو اهو درد، جيڪو هُن ڪنهن سان به نه ونڊيو هو، سو درد به دارا، ردا ڪان لڪائي نه سگهيو. هن اڄ ردا کي پنهنجي زندگي جي سموري درد ڪٿا ٻڌائي. دارا هن کي پنهنجي ڳوٺ ڪان وٺي ان رات زينت جي آخري جملي تائين وارو سڄو سارو الميو به ٻڌايو ۽ جيءُ پري رنو! ردا سامهون ڪان اٿي آئي ۽ اچي دارا جي پر ۾ ٿي ويني. درد جي ڪٿا ٻڌائيندي ٻڌائيندي دارا جو ڪنڌ ردا ڪلهي تي ڪِري پيو ۽ هن جون اکيون ردا جي جهولي ۾ ڳڙنديون رهيون. دارا جون اکيون ڳڙندي ڳڙندي ئي پورجي ويون. ردا دارا کي پنهنجي هنج ۾ ڪري ڇڏيو ۽ سندس وارن ۾ پنهنجيون آڱريون ڦيرڻ لڳي. دارا جي ماءُ ڪيس جنم ڏيندي ئي مري وئي هئي، هُن کي ماءُ جي هنج نصيب نه ٿي هئي. دارا انهي مزي ڪان پيدائشي محروم رهيو هو. پر اڄ ردا جڏهن ڪيس پنهنجي هنج ۾ ڪري سندس وارن ۾ پنهنجيون آڱريون ڦيريون هيون ته

ڪيس ائين لڳو هو، ردا، ردا نہ هئي، ڇڻ تہ دارا جي ماءُ هئي، جيڪا قبر مان نڪري پنهنجي مامتا جو قرض لاهڻ لڳي هئي! دارا کي ائين لڳو ڇڻ هُو ننڍڙو ٻار هو جيڪو پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ آرامي هو. دارا تي ڇڻ تہ شراب اوتجي رهيو هو. هُو اهڙي طرح الوپ ٿي ويو هو جو هن قيامت جي ڏينهن بہ اٿڻ نہ ٿي چاهيو. ماسي گهٽو اڳي ئي ردا جي لاءِ چانهہ ٺاهي ڇڏي هئي، پر هُو ڪيئي پيرا دروازي تان ٿي چپ چاپ موٽي ويئي هئي. نيٺ جڏهن شام جا پاڇا لڙڻ لڳا ۽ سج شهر جي ديوارن ۾ لڪڻ لڳو هو تڏهن ماسي ٻيهر چانهہ ٺاهي ۽ اندر کڻي آئي. ماسي چاٽي واٽي بہ ڪڙڪي سان چانهہ کي ٽيبل تي رکيو تہ جيئن دارا جون اکيون کلي وڃن. چانهہ جي ڪڙڪي تي دارا جون اکيون کليون. هن اکيون مٿي کڻي ڏٺو. ردا جي اکين منجهان بہ ڳوڙها ڪريا ۽ سندس جسم ۾ جذب ٿي ويا. دارا جو سڄو وجود ردا جي انهن ٻن ڳوڙهن سان ڏوڀجي ويو. انهن ٻن ڳوڙهن سان ئي زينت جي تصوير ڪجهہ ڏنڌلي ٿي ۽ دارا زندگي ڏي موٽ ڪاڏي!

ردا اٿي چانهہ ٻن ڪوپن ۾ لاٿي ۽ پوءِ هُو ٻئي چانهہ پيئڻ لڳا. هنن ٻنهي منجهان ڪنهن ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو. ٻئي ماٺ رهيا. ماحول ۾ رڳو چانهہ جي سرڪين جو ئي آواز ٿي آيو رکي رکي! انهي خاموشي ۾ ڪوڙ سارو شور بہ سمايل هو، جنهن ۾ ڪو ئي آواز نہ هو. انهي دوران ردا جي اندر ۾ آهستي آهستي ڪا آنڌ مانڌ شروع ٿيڻ لڳي هئي. جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو ردا جي انهي آنڌ مانڌ ۾ شدت ايندي ٿي وئي. چانهہ جا ڪوپ خالي ٿي ويا ۽ ردا جي دل پرجي آئي، سج لٿو، اوندهہ ڇائنجڻ لڳي تہ ردا کو ڏيئو روشن ڪرڻ چاهيو.

”دارا صاحب!“ ردا جهيڻي آواز ۾ پڪاريو.

”جي ردا!“ دارا جو لهجو ڳرو هو.

”هڪ ڳالهہ چوان؟“ ردا گهٻرائيندي گهٻرائيندي چيو، ”اگر اوهان غلط نہ سمجهو تہ!“

”چئو ردا!“ دارا چيو، ”ڇا ڳالهہ آهي؟“

ردا کي گهڙيون همت سهيڙي گڏ ڪئي پر سگهہ نہ ساري سگهي ۽ ماٺ ٿي وئي!

”چئو ردا!“ دارا ڪيس ڏاڍي پنهنجائپ منجهان چيو، ”ٻڌاءِ نہ ڪهڙي ڳالهہ؟..... مان هرگز غلط نہ سمجهندس ردا تون چئو پليز...“

ردا وري ڪجهہ چوڻ جي لاءِ چپ چوريا پر وري بہ لفظ سندس نڙيءَ ۾ ئي اٽڪي پيا ۽ هُوءَ وڏي ڪوشش جي باوجود بہ ڪجهہ چئي نہ سگهي! ”ڪ.ڪ.ڪنهن ٻ.ٻ . ..ٻئي پيري دا.دارا صاحب!“ ردا ڏکي ڏکي اهو چيو ۽ پوءِ وڃڻ جي لاءِ اٿي بيٺي، ”م.م.مان

هلان تي ها.هاٽي!“ ردا جون ڄاڙيون ڏڪي رهيون هيون. هن ۾ الائي جي ڪٿان ايتري حساسيت اچي وئي هئي!

دارا جي دل ۾ تجسس وڌندو ويو. هُو ردا سان هيٺ دروازي تائين آيو، ۽ دروازي تي دارا کي روڪي پڇيائين، ”ڳالھ ٻڌاءِ پوءِ وڃ ردا پليز.....!“

ردا گهٽو ئي دارا کي ”N.N..Next time! N.N..Next time!“ چيو پر دارا سندس رستو روڪي بيٺو رهيو.

نيٺ ردا آخري لمحن ۾ پنهنجي پوري سگهه يڪجا ڪئي ۽ ڪجهه لمحن جي وڏي ڪوشش کان پوءِ ڏڪندي ڪنبندي وراڻي، ”اوهان م م مون سان ش شادي ڪندا دارا صاحب؟.....“

ردا جو اهو جملو ٻڌي دارا کي لمحا پترائجي ويو. ردا پنهنجي پاڻ ۾ پهرين کان ڪجهه وڌيڪ سگهه محسوس ڪئي ۽ وراڻي، ”دارا صاحب! مان زينت نه تي سگهنديس...... پر پوءِ به .... الله جو.......“ ردا ڳالهائيندي ڳالهائيندي رڪجي وئي.....

دارا پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ڪن پل کان پوءِ ورائي ردا ڏي ڏٺائين. ردا جون اکيون هن جي چهري ۾ سوال ٻڌجي چتائي رهيون هيون. ردا جي معصوم منهن منجهه گهوريندي دارا جي چهري تي پاڻمرادو اقرار جا آثار ظاهر ٿي پيا. اقرار جا اهي آثار ٻئي لمحي مُرڪ ٻڌجي پيا... ردا اها مرڪ ڏٺي ته کيس پنهنجي سوال جو جواب ملي ويو. هن به مُرڪي ڏنو ۽ دارا جي ٻانهن جي هيٺيان کان ٿي ٻاهر هلي وئي...... ردا موڪلائيندي موڪلائيندي دارا سان هڪ نئون رشتو جوڙي هلي وئي.

□

**دنيا** جي هر شيءِ، جمع ٿيڻ سان وڌندي آهي، انساني جذبا به ائين ئي آهن، محبت به ملڻ سان وڌندي آهي، خوشي به جڏهن خوشيءَ سان ملندي آهي ته وڌي ويندي آهي مگر درد جڏهن درد سان ملندو آهي تڏهن گهٽجي ويندو آهي! ائين ڪٽي چئجي ته درد جڏهن درد سان ملندو آهي ته دوا ٿي پوندو آهي! دارا به درد هو، ردا به درد ئي هئي، سو هڪ درد جڏهن ٻئي درد سان مليو ته درد گهٽجي ويو! زخم زخم سان پرجي ويو. درد درد سان ميٽجي ويو......! دارا ۽ ردا جڏهن پنهنجا درد ورهائي ڇڏيا ته خوش ٿي ويا.

دارا ۽ ردا جڏهن هڪٻئي کي تسليم ڪيو ته، ٻنهي کي اها ئي تصديق ٿي ته اهي هڪٻئي جو ئي آئينو آهن. اهي ٻئي هڪ ئي تصوير جا ٻه پاسا ٿي لڳا. دارا ۽ ردا کي تقدير اهڙي موڙ تي ملايو هو، جو هاڻي هُو ٻئي هڪٻئي جي لاءِ لازم و ملزوم ٿي پيا هئا. جيڪڏهن هُو هڪٻئي سان نه ملن ها ته شايد ٻيئي ڄڻا فنا ٿي وڃن ها! هر شيءِ ٺهندي ۽ ڊهندي رهندي آهي، اهو ئي فطرت جو ازلي قانون آهي. دارا ۽ ردا به ڊهي چڪا هئا، بس سو انڪري ئي هاڻي شايد هنن کي ٺهڻو ئي هو. هنن ٻنهي هڪٻئي کي زندگي ڏي موٽايو هو. هنن هڪٻئي جي زندگي ۾ رنگ ڀريا هئا. هاڻي هنن کي پنهنجي زندگي پهرين کان ڪافي بهتر لڳي رهي هئي. هو ٻيئي ڄڻا ڊهي ڊهي وري ٺهي پيا هئا. هُو ٻيئي ٻڌل هئا، هنن هڪٻئي سان گڏجي هڪٻئي کي ناهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

هُو هڪٻئي کي ناهي رهيا هئا. هڪٻئي کي سنڀالي رهيا هئا. هڪٻئي جا وکريل وجود ميڙي سهيڙي رهيا هئا.

هاڻي ردا روز کيس فون ڪندي هئي، موڪل واري ڏينهن وٽس ايندي هئي. ردا جڏهن وٽس ايندي هئي ته ماسي کي به چانهه ناهڻ نه ڏيندي هئي. هُوءَ پاڻ بي تڪلف ٿي چانهه ناهيندي هئي ۽ ماسي کي به ڏيندي هئي ۽ دارا سان گڏجي پيئندي هئي. بالڪني ۾ هاڻي موڪل واري ڏينهن هڪڙي ڪرسي وڌي وئي هئي. ردا ان ڏينهن دارا جي ڪمري جي صفائي به پاڻ ڪندي هئي، ردا ان ڏينهن هر ڪم پاڻ ئي ڪندي هئي. ردا جي سڀاءُ ۾ عجب پنهنجائپ هئي. زندگي ۾ ردا جي اچڻ سان دارا زينت کي وساري ته نه سگهيو پر ايترو ضرور هو جو جيڪڏهن دارا جي زندگي ۾ ردا نه اچي ها ته زينت کان پوءِ هُو زندگي ڏي موٽي ئي نه سگهي ها.

موڪل واري ڏينهن ردا جڏهن دارا وٽ ايندي هئي ۽ چانهه ناهيندي هئي، ماني تيار ڪندي هئي ۽ دارا جي ڪمري جي صفائي ڪندي هئي تڏهن اهي سڀ ڪم ڪندي ڪندي ردا کي عجيب قسم جي خوشي محسوس ٿيندي هئي. خوشي شراب وانگر کيس رڳ رڳ ۾ ڊوڙندي محسوس ٿيندي هئي. هُو ان ڏينهن پنهنجي جسم ۾ حرارت محسوس ڪندي هئي.

دارا کان پهرين ردا جي زندگي کهڙي هوندي هئي! هر شيءِ هوندي هئي. هر وقت تيار رهندي هئي. ماڊلنگ، شوٽنگ، پوءِ دعوتون، پوءِ محلفون، پوءِ شراب، پوءِ عياشي...... نوٽن جي برسات...... شهرت... دولت... هر شيءِ! ڪا رات خالي نه هوندي هئي، ڪو ڏينهن واندو نه ويندو هو.... اخبارن وارا، رسالن وارا، ڪمرشلز وارا، اسٽوڊيوز وارا.... ڊائريڪٽرز... ويوورز... وڏيرا... جاگيردار.. ڪامورا... سياستدان.... جتي ڪٿي رڳو ’ردا‘، ’ردا‘ ئي هوندي هئي. هر ڪنهن جي چپن تي بس ردا هوندي هئي...... ها اهو سڀڪجهه هوندي به اهڙو سڪون ۽ اطمينان ڪٿي به نه هوندو هو....... جيڪو هاڻي دارا جي انهي اقراري مُرڪ کان پوءِ کيسِ نصيب ٿيو...... ڇو؟؟....

هڪ ڀيري دارا جي ڪمري جي صفائي ڪندي ردا جڏهن انهي ’ڇو؟؟....‘ جو جواب دارا کان پڇيو ته دارا تمام مختصر جواب ڏيندي وراڻيو، ”ڇو جو پهرين تو وٽ سڀڪجهه هو مگر ردا نه هئي!“

ردا جڏهن دارا جو اهو جواب ٻڌو ته ڪيس ائين لڳو ڄڻ هُوءَ ان ڪان پهرين سماج ۾ اگهاڙي هئي، پوءِ دارا ڪيس ردا سان ڏڪي ڇڏيو.... ردا وراڻي، ”منهنجي ردا تون آهين دارا!........ تو ئي مون کي اهو احساس ڏياريو ته ردا ڇا ٿيندي آهي!“

دارا جي چهري جي اقراري مرڪ، ردا جي زندگي ۾ قرار آڻي ڇڏيو. ردا جا سارا ٽڪ لحظي منجهه لهي ويا. دارا جي انهي مُرڪ ڄڻ ته ردا جا سارا داغ ڌوئي ڇڏيا. هن جو بدترين ماضي دارا جي انهي مُرڪ سان ميٽجي ويو. ردا جي ڪلهن تان ڄڻ ته پهاڙن جو بار لهي ويو. هُوءَ هاڻي پاڻ کي هوا کان به هلڪي محسوس ڪرڻ لڳي. ردا کي پنهنجي ساري زندگي ۾ اهڙو قرار اڳ ڪٿي به نصيب نه ٿيو.

هڪ شام دارا ۽ ردا ٻئي بالڪني ۾ ويٺي چانهه پي رهيا هئا. هنن ٻنهي جون اکيون هيٺ شهر جي تيزي ۾ ڪتل هيون. هيٺ هر ڪنهن کي تڪڙ ئي تڪڙ هئي. ڪو تڪڙو تڪڙو اچي رهيو هو، ڪو تڪڙو تڪڙو وڃي رهيو هو. صبر ۽ ڌيرج نالي ڪا شيءِ ئي نه هئي. گاڏيون، ڪارون، موٽرون، رڪشا، سائيڪل، پيادل...... هر ڪوئي بس ڊوڙي رهيو هو. هر ڪنهن وٽ وقت تمام گهٽ لڳي رهيو هو.! هيٺ رڳو هلچل ئي هلچل هئي. دارا ۽ ردا مٿي بالڪني ۾ آرام ۽ اطمينان سان چانهه پي رهيا هئا. شهر جي تيزي ڏي تڪيندي تڪيندي ردا پنهنجي ماضي کي ياد ڪري وراڻي، ”منهنجي زندگي ۾ به ڪڏهن ڏاڍي تيزي هوندي هئي دارا!....... ائين ئي هلچل هوندي هئي هر وقت! وقت جا ڪانٽا ڏاڍا تيز لڳندا هئا مونکي!..... الائي ته ڪهڙي ڊوڙ هئي..... الائي ته ڪهڙي هوڏ هئي... بس وقت هوندو ئي ڪونه هو...... هر وقت پيج پيجان هوندي هئي دارا!“

”۽ هاڻي؟!“ دارا پڇيو.

” ۽ هاڻي...!“ ردا هڪ اونهو گهرو ساهه کنيو ۽ وراڻي، ”هاڻي ته ائين ٿو لڳي جيئن وقت پنهنجو ٽڪ پيجي رهيو آهي! ڪانٽا ڏاڍا مٺم مٺم هلي رهيا آهن. زندگي Soft music جيان ٿي پئي آهي. زندگي ڏاڍي پُرسڪون ٿي پئي آهي هاڻي!“

دارا ردا جي ڳالهه ٻڌي ڪي گهڙيون خاموش ٿي ويو. پوءِ وراڻيو، ”ردا، مان جڏهن شهر جي مارڪيٽ منجهان گذرندو آهيان ته مارڪيٽ کي ڏسي ڏاڍو عجيب لڳندو اٿم!“

ردا متوجه ٿي ته دارا وري شروع ٿيو، ” مارڪيٽ ۾ هر دڪان ڀريل نظر ايندو آهي، پر ڇا جي لاءِ؟........ . . .. خالي ٽيڻ جي لاءِ!!!“ دڪان، نيلها، ريڙها، ڪيبنون..... . . .هر شيءِ ڀري پئي آهي پر ڇا جي لاءِ...... . .. ختم ٿيڻ جي لاءِ!!!“

ڪجھ لمحا ترسي شهر جي تيزي ڏانهن اشارو ڪندي دارا ردا سان وري ڳالهائڻ لڳو، ”دنيا ڏاڍي تيز هلي رهي آهي نہ ردا...!“

”ها.... تمام تيز!“ ردا وراڻي.

”ها، دنيا ڏاڍي تيز ڊوڙي رهي آهي ردا!“ دارا ڪنڌ مٿي ڪري ردا ڏي نهاريو ۽ پوءِ پڇيائينس، ”پر ڪيڏانهن؟؟“ دارا چيو، ”دنيا ايڏي تيز ڪيڏانهن ڊوڙي رهي آهي؟؟؟“

”.......“ ردا ماٺ ٿي رهي.

دارا وراڻيو، ”دنيا جي آخري منزل فنا آهي!“ دارا چيو، ”دنيا فنا ڏي ڊوڙي رهي آهي!“

ڪجھ لمحن جي خاموشي ڪان پوءِ دارا وري ڳالهايو، ”جيڪڏهن دنيا کي انهي ڳالھ جي خبر پئجي وڃي. . . . . . ان ڳالھ جو احساس ٿي وڃي تہ پوءِ اها تيزي توکي نظر ئي نہ اچي ڪٿي!“ دارا هلڪو مسڪرايو ۽ وراڻيو، ”پوءِ هي سارو سفر Soft music جيان ئي ٿي پوي ردا!.....“

ردا اهو ٻڌي ٽڪ ٻڌي دارا جي چهري ۾ چتائڻ لڳي.

ردا ۽ دارا هڪٻئي کي عجيب موڙ تي سهارو ڏنو هو، ردا دارا جي مُحسن هئي، ردا جي چهري ۾ دارا کي عجيب قسم جي ڪشش محسوس ٿيندي هئي. ردا ڏاڍي خوبصورت بہ هئي ۽ ڏاڍي پياري طبيعت جي بہ هئي. پر پوءِ بہ ردا دارا جي لاءِ زينت ٿي نہ سگهي! دارا سندس دل سان عزت ڪندو هو. ردا جڏهن دارا کي شادي جي آڇ ڪئي هئي تڏهن بہ دارا اها زبردستي قبول نہ ڪئي هئي. دارا کي پنهنجي انهي اقرار تي اڄ تائين ڪو پڇتاءُ بہ نہ هو پر انهي سيڪجھ هوندي بہ هُو ردا کي زينت بڻائي نہ سگهيو هو. جيئن هُو زينت سان پيار ڪندو، تيئن هو ردا سان ڪري نہ سگهيو. زينت سان ملڻ ڏاڍو مشڪل هوندو هو، ان سان ملڻ جي لائي سر جو سانگو لاهڻو پوندو هو، رات جي آڌيءَ جو انتظار ڪرڻو پوندو هو، پوءِ ڪيئي لوڙها لتاڙي لڪي لڪي وڏي مشڪل سان نانگن تي پير ڏئي وڃي زينت سان ملڻو پوندو هو. ايترين سارين مشڪلاتن جي هوندي بہ، دارا پنهنجي زندگي کي داءُ تي رکي بہ رات جي اونداهي ۾ وڃي زينت سان ملندو هو ۽ ڪيس پاڪر ۾ پريندو هو، زينت کي پنهنجي سيني سان لڳائي سندس پيشاني تي چميون ڏيندو رهندو هو، پر هُو اهو سيڪجھ ردا سان ڪري نہ سگهيو. توڙي جو زينت جي ڀيٽ ۾ ردا سان ملڻ تمام آسان هوندو هو. ردا سان ملڻ ۾ ڪا بہ مشڪل نہ هئي، پر تنهن هوندي بہ دارا ردا کي زينت جيان پاڪر ۾ پري نہ سگهيو، نہ ئي ڪيس پنهنجي

سيني سان لڳائي سندس پيشاني تي چميون ڏئي سگهيو! دارا ردا کي اهڙي انداز سان ته ڇُهي به نه سگهيو هو!

”ردا!“ دارا پڪاريو.

”جي ءُ!“ ردا آواز ڏنو.

”هر ڇوڪري اهو ئي چاهيندي آهي ته ان جو چاهيندڙ کيس بيپناهه پيار ڪري، کيس چرين وانگر چاهي. هر ڇوڪري اهو ئي چاهيندي آهي ته کيس پنهنجو ساٿي ڀاڪر ۾ ڀري، پنهنجي سيني سان لڳائي ۽ ان جي انگ انگ تي پيار ڪندو رهي!“ دارا پڇيو، ”تنهنجي به ته دل چاهيندي هوندي!... ها نه!؟“

دارا واتان اهو ٻڌي ردا جي چهري تي اداسي تري آئي. ان کان اڳي جو دارا جي نظر ردا جي اداسي تي پوي ها، هن پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو. ردا پنهنجو منهن ٻئي طرف ڪيو ۽ ڪجهه لمحا چپ چاپ پنهنجا ڳوڙها پيتائين. دارا جي دهرائڻ ڪان پهرين ئي ردا پنهنجو پاڻ کي سامت ۾ آندو ۽ پنهنجي چهري تي مُرڪ سجائي دارا ڏي نهاريائين. دارا جي چهري تي جڏهن سوال جون ريکون اڀريون ته ردا پنهنجا چپ چوريا، ”ها!.... پر....“ ردا جا چَپ چُپ تي ويا.

”پر......؟“ دارا پڇيو.

”... ... . ها پر مان زينت ناهيان!“ ردا وراڻي.

ردا جي جواب تي دارا جي دل ڏاڍي اداس ٿي. هن جون اکيون هيٺ ٿي ويون.

”پر دارا! تو کي هڪڙي ڳالهه اها به ٻُڌايان ته.... .. . مان ڪڏهن به زينت ٿيڻ جي ڪوشش ئي نه ڪنديس!“ دارا کي اداس ڏسي ردا وراڻي، ”مان ڪڏهن به تنهنجي دل جي ديس مان زينت کي جلاوطن نه ڪنديس.... بلڪِ مان ته تنهنجي دل ۾ زينت جي جڳهه کي اڃا به وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديس!“ ردا وراڻي، ”دارا، تو کي زينت جي ياد ۾ جيترو به روئڻو هجي، تون منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي روئي سگهين ٿو!“

دارا پنهنجيون جهڪيل اکيون مٿي ڪري ردا ڏي نهاريو، هن کي انهي نظر ۾ ردا جو قد تمام وڏو لڳو. دارا اهو سوچي حيران هو ته ڪا به ڇوڪري اهڙي ڳالهه برداشت نٿي ڪري سگهي، جنهن جي ردا دعوىٰ ڪري ڇڏي آهي! دارا ردا ڏي ڏاڍي معتبر نگاهه سان ڏٺو ۽ چيو، ”تون ڪهڙي ڇوڪري آهين ردا!!“

”بس مان اهڙي ئي ڇوڪري آهيان!“ ردا چيو.......

دارا کي ردا تي ان لمحي ڏاڍو پيار آيو. دارا جي دل چاهيو تہ ردا کي ڀاڪر ۾ ڀري، کيس پنهنجي سيني سان لڳائي ۽ سندس پيشاني تي پيار ڪري پر هُن جا هٿ الئہ ڇو ردا ڏي وڌندي وڌندي وري بہ رڪجي ويا. هُو ائين ڪري نہ سگهيو.

ان ئي ڏينهن ردا دارا کان موڪلائيندي کيس چيو، ”منهنجو هن دنيا جهان ۾ ڪو ئي ڪونهي! ...... سواءِ هڪ ماسي جي، جنهن مون کي ننڍي هوندي کان پالي تاتي وڏو ڪيو آهي. منهنجي ماءُ بہ اها آهي، پيءُ بہ اها آهي، منهنجو سيڪجهہ اها ماسي ئي آهي.“ ردا چيو، ”مان تو کي پنهنجي انهي ماسي سان ملائڻ تي چاهيان هاڻي!“

دارا دل سان وراڻيو، ”مان صبح جو ئي تنهنجي گهر ايندس ردا.“

□

”ماسي هڪڙي ڳالهه اوهان سان ڪرڻي اٿم.“ ردا صبح سوير واري ناشتي دوران ماسي کي چيو.

”ڪهڙي ڳالهه؟“ ماسي چيو، ”ٻڌاءِ.“

”مان شادي ڪرڻ تي چاهيان هاڻي.“ ردا ڪنڌ هيٺ ڪري وراڻي.

”شادي!“ ماسي اچرج ۾ پئجي وئي، ”ڪنهن سان ؟“ ماسي پڇيو.

”دارا سان ماسي!“ ردا ٻڌايو.

”دارا تو سان شادي ڪندو؟“ ماسي پڇيو.

”ها ماسي.“ ردا پنهنجي ماسي جي ڳالهه سمجهي وئي، سو چيائين، ”ماسي دارا ٻين مردن جهڙو هرگز ناهي!“

”مردن جي توکي خبر ناهي ردا!“ ماسي کي ردا جي ڳالهه نه لڳي، هن چيو، ”مرد وحشي ٿيندا آهن!“ هن ڪاڏي جي ٽيبل تان اٿندي ردا کي چيو، ”عورت کي فقط شڪاري جي نظر سان ئي ڏسندا آهن.“ ماسي سندس ڪلهن تي هٿ رکندي چيو، ”مون کي خبر آهي ته دارا صاحب تو سان شادي ڇو ٿو ڪري!“

ردا ڪنڌ مٿي ڪري ماسي ڏي سوال ٻڌجي نهاريو ته ماسي منهن ٻئي پاسي ڪري چيو، ”پئسا وصول ڪرڻ جي لاءِ!“

ماسي جي انهي جملي سان ردا جو روح رهڙجي ويو. هُوءَ هڪدم اٿي بيهي ۽ وراڻي، ”دارا کي شادي جي لاءِ مون چيو آهي ماسي!“ ردا وراڻي، ”دارا مون کي شادي جو ناهي چيو.“

ردا ائين چئي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي ۽ اونڌي منهن بيڊ تي ليٽي روئڻ لڳي. ناشتي جي ٽيبل تان ٿانوَ ڪٽندي ماسي جي دل ميڻ ٿي پئي. هُوءَ آهستي آهستي اٿي ۽

وجي ردا جي لاءِ هڪڙو گرم ڪوپ چانهه جو تيار ڪري ردا جي ڪمري ۾ آئي ۽ سندس پير ۾ بيڊ تي ويهي ڪيس چيائين، ”ردا، تون پلي شادي ڪر، مان تنهنجي شادي ۾ ڏاڍي خوش آهيان پر......“ ماسي ڪجهه چوندي چوندي رڪجي وئي. ماسي کي ردا جي ڳوڙهن اڳيتي ڳالهائڻ نه ڏنو. هُوءَ خاموش ٿي وئي. ماسي ردا جا الجهيل وار پنهنجي آڱرين سان سنوارڻ لڳي.

ردا ڪنڌ مٿي ڪري ماسي ڏي ڏنو. اڄ هن کي ڪافي دير تائين ماسي جي چانهه به نه پئي وڻي، نيٺ پوءِ ردا کي جڏهن ماسي جي محبت جو احساس ٿيو ته چانهه پيئڻ لڳي، چانهه پيئندي پيئندي هُوءَ ماسي کي اعتماد ڏيارڻ لڳي، ”ماسي، دارا اهڙو ماڻهو ناهي! دارا ڏاڍو بهترين انسان آهي. هُو انسان نه بلڪِ فرشتو آهي ماسي!“

ردا جون ڳالهيون ماسي جا خدشا ختم نه ڪري سگهيون. ماسي چپن ئي چپن ۾ چيو، ”شيطان به ته فرشتو هو!“ ماسي جو اهو جملو ردا نه ٻڌو.

ردا ماسي کي چيو، ”ماسي، مون اڄ دارا کي هتي گهرايو آهي. تون جڏهن پاڻ ملندين ته خبر پوندئي.“ ردا ائين چيو ۽ پاڻ اٿي تياري ڪرڻ ۾ لڳي وئي.

ماسي کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ته هُو ڇا چوي. هُوءَ ماٺ ئي رهي. هن ڪجهه نه ڪڇيو.

ردا تيار ٿي رهي هئي. اڄ هڪ عرصي کان پوءِ ماسي ردا کي تيار ٿيندي ڏسي رهي هئي. اڳي جڏهن به ردا تيار ٿيندي هئي ته ماسي جي چهري تي خوشي جي لهر ڊوڙي ويندي هئي پر اڄ ردا کي تيار ٿيندي ڏسي ماسي جي منهن تي هيڊ هارجي رهي هئي، هن جو چهرو زرد ٿي رهيو هو. اڄ هن کي تيار ٿيندي ڏسي ماسي کي ردا جي ماءُ ڏاڍي ياد اچي رهي هئي، جيڪا هڪ عياش وڏيري کي وڻي وئي هئي ۽ پوءِ نيٺ اهو ڪيس پنهنجي پيار جي ڄار ۾ ڦاسائي هميشه جي لاءِ پاڻ سان ڪنيي ڪٽي ويو هو. ۽ پوءِ ماسي کي پنهنجي ڀيڻ جو منهن ڏسڻ به نصيب نه ٿي سگهيو هو! ردا کي اڄ پنهنجي ماءُ وانگر ئي تيار ٿيندي ڏسي، ردا جي ماسي کي ائين لڳي رهيو هو جيئن اڄ تاريخ ورِي پنهنجو پاڻ ورجائي رهي آهي! هن کي ائين لڳي رهيو هو جڻ هُو اڄ ردا کي به آخري ڀيرو ئي ڏسي رهي هئي. ماسي کي اهو الڪو نه هو ته ڪو ردا کان پوءِ هُو رلي ويندي پر هن کي اهو ارمان ٿي رهيو هو ته هُو ردا جي ماءُ جيان ردا جو به شايد هاڻي ڪڏهن منهن ڏسي نه سگهندي!

ماسي اجا انهن ئي سوچن ۾ وچايل هئي جو گهر جي دروازي واري گهنٽي وڳي. گهنٽي جي آواز تي ردا ائين دروازي ڏي بي اختيار ڊوڙ پاتي، جڻ ردا کي انهي گهنٽي جي وڄڻ جو صدين کان انتظار هو! ماسي ردا جي رواني ڏسي ويتر گهٻرائجي ويئي. هن جي دل جي رفتار پهرين کان وڌيڪ تيز ٿي ويئي. هن اتي پاٽي پيتو ۽ آئي جي عزت لاءِ نه چاهيندي به منهن تي مصنوعي مُرڪ سجائي ويهي رهي.

”هي آهي مسٽر دارا!“ ردا ڏاڍي پرپور انداز ۾ ماسي کي ٻڌايو. ردا جي آواز تي ماسي پنهنجو پاڻ سنڀاليو ۽ پنهنجي چهري تان اڏامي ويل مُرڪ بحال ڪري ڪنڌ مٿي کڻي دارا ڏي ڏٺائين. دارا تي نظر پوندي ئي ماسي جون اکيون پٿر ٿي ويون. هُو دارا جي چهري ۾ گُم ٿي وئي.

”. . ۽ هي آهي منهنجي ماسي......“ ردا دارا سان ماسي جو تعارف ڪرائيندي چيو، ”..... منهنجو سيڪجهه!“ ردا ماسي جي ويجهو ويهي ڪيس پيار پري ڳرهاٽڙي پائي وراٽي، ”منهنجا سڀ رشتا ناتا هن سان آهن دارا!“

دارا ڪنڌ جهڪائي ماسي کي سلام ڪيو، ماسي ڪيس اشاري سان سامهون ويهڻ جو اشارو ڪيو. دارا ماسي جي اشاري تي سندس سامهون ٿي وينو.

”هاڻي اوهان ويهي ڳالهيون ڪريو ته آئون ماني تي تيار ڪريان.“ ردا وراٽي، ”ڪجهه صبر کان ڪم ونجو، مان ڏاڍي سست آهيان ڪم ڪار ۾!“ ردا ائين چيو ۽ رڌڻي ۾ هلي ويئي.

هاڻي ڪمري ۾ دارا ۽ ماسي اڪيلا هئا. دارا جي طبيعت ڪجهه شرميلي هئي سو هُو ماسي جي سامهون لڄي لڄي وينو رهيو ۽ ماسي کان نظرون چورائي هر هر ڪمري جي در و ديوار جو جائزو وٺڻ لڳو. دارا جون نظرون ڪمري جي در و ديوار جو جائزو وٺي رهيون هيون ۽ ماسي جون نگاهون دارا جي نقش و نگار جون! ماسي ڪيس انتهائي غور سان گهوري گهوري ڏسي رهي هئي. ردا جي ماسي جون اکيون دارا جي چهري واري انهي تِر تي هر هر رڪجي ٿي ويون جنهن جيڪري دارا جو چهرو ڏاڍو پُرڪشش ٿي لڳو. ردا به جڏهن دارا کي پهرين نظر ڏٺو هو ته سندس نگاهون انهي تِر تي کپي ويون هيون. اڄ ردا جي ماسي کي به جڻ ته انهي تِر موهي وڌو هو. دارا ڪجهه ئي گهڙين ۾ اهو محسوس ڪري ورتو ته ردا جي ماسي جون نگاهون ڪيس انتهائي غور سان گهوري رهيون آهن. دارا هٿ جي ڳالهه ناهيندي ڳالهايو، ”اوهان مون کي اڳي به ڪٿي ڏٺو آهي شايد!...؟“

”نہ! نہ!..... نہ نہ!“ دارا جي آواز تي هُو ويتر ٽٽي وٽي تي وئي. ماسي کي عجيب الجهن ورائي ويئي. هن گهٽو ئي پاڻ سنڀاليو پر ڳالهہ هن کي ڳري لڳي. هن دارا کي چيو، ”مون تو کي اڳي ڪڏهن ڏٺو تہ ناهي پر پوءِ بہ الئہ ڇو ڏٺل ڏٺل تو لڳين تون!“

دارا کي ماسي جي ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ اچي سگهي، هن پڇيو، ”اها تہ ڪا ئي ڳالهہ نہ ٿي ماسي!“

ماسي کي وري پنهنجي ڳالهہ تي ڪجهہ تعجب ٿيو، هوءَ ڪجهہ ترسي وراڻي، ”تون تہ ڪمپني ۾ ڪم ڪندو آهين نہ ردا ٻڌايو.“

دارا وراڻيو، ”هائو ماسي NGO چوندا آهن ان ڪمپني کي!.... آئون ان ۾ ڪم ڪندو آهيان.“

ماسي جي من ۾ عجيب خلش هئي، هن دارا کي غور سان ٿي ڇتايو، هن جون اکيون هر هر دارا جي چهري واري تِر تي کپي ٿي ويون. هن پنهنجي اندر جي آنڌ مانڌ کي ختم ڪرڻ ٿي چاهي. هن دارا کان پڇيو، ”تنهنجا ماءُ پيءُ؟“

”منهنجي ماءُ مون کي جنم ڏيندي ئي مري ويئي هئي.“ دارا جي دل اداس ٿي وئي، ”۽ پيءُ زنده آهي پر اهو بہ منهنجي لاءِ سمجهو تہ مري ئي ويو آهي ماسي!“

”ڇو؟“ ماسي پڇيو، ”ناراضگي ٿي ويئي آهي ڇا ڪا؟“

”نہ ماسي، دارا چيو، ”ناراضگي هجي ها تہ ختم بہ ٿي وڃي ها!“

”تہ پوءِ...؟“ ماسي پڇيو.

”بس هُو امير هو ۽ آئون امير ٿي رهي نہ سگهيس سو انڪري . . . . . هن مون کي وساري ڇڏيو ۽ مون هن کي!“ دارا ڪمري جي ديوار تي لڳل پينٽنگ ۾ ڏسڻ لڳو، جنهن ۾ شاهہ جي سُر رامڪلي جي ’جي پائين جوڳي ٿيان!‘ واري هڪ بيت جو منظر چٽيل هو.

”ڇا ڪندو آهي تنهنجو پيءُ؟“ ماسي دارا کان پڇيو.

” ذميندار آهي. جاگيردار.... وڏيرو!“ دارا وراڻيو. دارا جون اکيون پينٽنگ ۾ هيون.

”نالو......؟“ ماسي پڇيو.

”رئيس امير بخش خان...“ دارا مسلسل پينٽنگ ڏي نهاريندي جواب ڏنو.

”رئيس..... امير..... بخش.......!!!“ ماسي اهو نالو وڏي اچرج وچان پنهنجي واتان اچاريو.

دارا جو ڏيان ماسي جي اچرج ڏي ويو ئي ڪونہ. هن جون اکيون ديوار واري پينٽنگ ۾ هيون.

ماسي جي مٿان دارا جي پيءُ جو نالو وڄ تي ڪِريو. خبر ناهي تہ ڇا هو انهي نالي ۾: جو اهو نالو ڪنن تي پوندي ئي ماسي کي پگهر اچي ويو. هن جو تن بدن تپي ٻري پيو. هن وڏي مشڪل سان پڇيو، ”تنهنجا بيا ڀاءُ ڀيڻ؟...“

”منهنجو تہ ڪو بہ ڀاءُ يا ڀيڻ ناهي ماسي!“ دارا آهستگي سان مٺو مٺو ڳالهائيندو رهيو، ”باقي ها، بابا جي ڏاڏي پوٽي زال منجهان تي پُٽ ۽ بہ ڀينرون آهن، جن مون کي ڪڏهن پنهنجو ڀاءُ نہ سمجهيو!“

دارا ديوار تان نظرون هٽائي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ پوءِ ماسي کي پنهنجي درد جي داستان مختصر ڪري ٻڌائڻ لڳو، ”اصل ۾ ماسي، منهنجو پيءُ تر جو وڏيرو ۽ وڏو جاگيردار ماڻهو هو، هُو جدي پشتي امير هو. پوءِ اميرن جي ڪمن جي خبر اٿئي!....“ دارا اتي ڪجهہ رڪجي ويو، پوءِ وري هن ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”بابا جي هڪڙي شادي تہ ڏاڏي پوٽي سان ٿيل هئي پر پوءِ ٻي وري شوق جي شادي ڪيائين. انهي شوق جي شادي منجهان اڪيلو آئون پيدا ٿيس. منهنجي ماءُ مون کي جنم ڏيندي ئي مري ويئي! . . . . . .

چڱو ئي ٿيو جو مري ويئي ماسي!“ دارا جون اکيون پنهنجي ماءُ جي ياد ۾ آليون ٿي پيون، هن ڪجهہ گهڙيون ترسي خاموشي سان پنهنجا ڳوڙها ڳهي ورتا ۽ پوءِ وري ڳالهائڻ لڳو، ” ...... سڀ گهر وارا توري گهٽي ڳالهہ تي مون کي رنڊي جو پُٽ، ڀجوڪڙ جو پُٽ.......!“ دارا جي اکين جا بند ڀڄي پيا. هن ٽشو پيپر سان پنهنجا ڳوڙها اگهيا، ۽ پوءِ ڪجهہ لمحن جي پُردرد خاموشي کان پوءِ وري وراڻيو، ”بس ماسي، هُو اشراف هئا ۽ آئون ڪميڻو، هُو ٻُڻ ٻڌياد وارا هئا ۽ آئون بي ٻُڌياد!.... هُو امير هئا ۽ آئون غريب... سو بس چيم نہ تہ پوءِ . . . . . هنن مون کي وساري ڇڏيو ۽ مون هنن کي!...“

ماسي جون اکيون بہ اداس ٿي ويون. هن جو وجود بہ ڄڻ تہ ٻرندڙ جبل ٿي پيو هو. هن جي اندر جي آنڌ مانڌ پهرين کان وڌيڪ شديد ٿي ويئي. هُو اندر ئي اندر ۾ ريزه ريزه ٿي رهي هئي. هن کي دارا جي داستان پنهنجي ماضي سان جڙندي ٿي نظر آئي، جيئن جيئن دارا پنهنجي ڳالهہ اڳتي وڌائيندو ٿي ويو تيئن تيئن ماسي جي من ۾ لوڇ پوڇ جي رفتار پهرين کان تيز ٿيندي ٿي ويئي، دارا جي داستان جي ڪڙي ڪڙي هن کي ماضي جي ڪنهن قصي سان ملندي ٿي نظر آئي، ”تنهنجي پيءُ پنهنجي شوق واري شادي ڪٿان ڪئي هئي؟“ ماسي پڇيو.

”الائجي ماسي مون کي خبر ناهي.“ دارا چيو، ”مون کي رڳو ايتري خبر آهي ته مون سان جڏهن به ڪو وڙهندو هو ته چوندو هو، ”رنڊي جا پُٽ!.... ياچوڪڙ جا پُٽ!!“

دارا جا اهي لفظ ماسي کي جڻ ته لحد ۾ لاهيندا ٿي ويا. هُو تڙپي پچري پئي، هن ڦٽڪي لڇي وڏي همت سان پنهنجي سڄي قوت سميٽي دارا کان آخري سوال ڪيو، ماسي پڇيو، ”تنهنجي ماءُ جو نالو نجو ته نه هو؟!!“

دارا جڏهن پنهنجي ماءُ جو نالو ردا جي ماسي جي واتان ٻڌو ته سندس تختا نڪري ويا! هن کان چرڪ نڪري ويو. ”ها!!......“ دارا بي اختيار پڇيو، ”اوهان ڪيئن سُڃاڻو؟“

دارا جي سوال تي ماسي جون صحرا اکيون به سمنڊ بڻجي پيون. هن جا چپ ڏڪي لرزي پيا پر چُري نه سگهيا. ڳالهيون ايتريون هيون جو ايترا نه لفظ هئا نه ايترو وقت هو ۽ نه ئي ماسي ۾ اهو سيڪجهه بيان ڪرڻ جي ايتري همت! ماسي ڪوشش جي باوجود هڪ لفظ به ڳالهائي نه سگهي.

درد ڪنهن کي پي وڃي، اهو ته ممڪن آهي مگر ڪو ئي درد کي پي وڃي اهو ناممڪن آهي. درد کي پي سگهجي ئي نٿو! روئڻ سان دل جو بار هلڪو ٿيندو آهي، اهو انڪري آهي جو روئڻ سان اصل ۾ درد جو اخراج ٿيندو آهي. انسان جڏهن ڪاوڙ ۾ ايندو آهي ته تلخ ٿي پوندو آهي، اها تلخي به درد جو اخراج ئي هوندي آهي. زبان ۽ اک، انسان جي درد جي اخراج جا عام ذريعا آهن، جيڪو هر ڪوئي استعمال ڪندو آهي. ان کان علاوه ٻين کي مارڻ کان ويندي پاڻ کي ماري ڇڏڻ تائين درد جي اخراج جا ٻيا به ڪوڙ سارا وسيلا آهن. درد به درياهه وانگر ئي ٿيندو آهي، جيڪو جيستائين معمول تي هوندو آهي تيستائين زبان ۽ اک ذريعي وهندو رهندو آهي، پر درد جڏهن ان حد کان وڌي ويندو آهي، درد جڏهن زبان جي تلخي ۽ اک جي ڳوڙهي کان گرو ٿي ويندو آهي، تڏهن درد به سيلاب بڻجي پوندو آهي! درياهه تي به جڏهن سيلاب ايندو آهي، درياهه تي به جڏهن چاڙهه ٿيندي آهي، درياهه ۾ به جڏهن پاڻي پُل کان چڙهڻ لڳندو آهي، تڏهن درياهه به چا ڪندو آهي جو آباديون برباد ڪري، وستيون ويران ڪري، سڀ ڪجهه کي لوڙهي ٻوڙي به پنهنجا رستا پاڻ ئي ناهي وهي ويندو آهي. ها، درد به درياهه ئي ٿيندو آهي. انهي کي به هر صورت ۾ اخراج گهرجي! درد به جڏهن حد کان وڌڻ لڳندو آهي، يا ان جي اخراج جا ذريعا نه رهندا آهن تڏهن درد به درياهه وانگر پنهنجا رستا پاڻ ناهي خارج ٿيندو آهي. اهي جيڪي نهائين کان نينهن سڪندا آهن ۽ اندر ئي اندر جلندا رهندا آهن پر ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪيندا آهن! ائين هرگز ناهي ته انهن جي درد جو اخراج نه ٿيندو آهي ۽ اُهي

درد کي پِي ويندا آهن! درد کي پي سگهڻ ممڪن ئي نہ آهي، اهي، جن جي زبان ۾ اک درد جي اظهار جي لاءِ ڪافي نہ رهندي آهي، تن جو درد بہ درياهہ جي سيلاب جيان انهن جي وجود کي هنڌان هنڌان ٽوڙي مروڙي پنهنجو رستو پاڻ ناهي نڪري نروار ٿي پوندو آهي! پوءِ ڪي شاعر، ليکڪ، اداڪار گلوڪار ٿي ويندا آهن! تہ ڪي مجنون مستانا ديوانا بيگانا! . .. ها، اهي سڀ بہ درد جي اخراج جا ذريعا آهن پر درد جي انهن سيني ذريعن کان پوءِ بہ، اجا هڪ ذريعو ٻيو بہ آهي، جيڪو انهن سيني کان وڏيڪ پُردرد ۽ مختلف ٿيندو آهي! درد جو اهو ذريعو صفا اٻوجهہ ماڻهن جي مٿن ۾ لڳل آهي! درد جو اهو ذريعو خاص ڪري عورت جي ئي لاءِ هوندو آهي، چاڪاڻ تہ هتي مرد کان عورت وڏيڪ اٻوجهہ آهي! ها، اهي اٻوجهہ ماڻهو، جيڪي درد جي شدت کان شاعر، ليکڪ، اداڪار يا فنڪار ٿي نہ سگهندا آهن، اهي جيڪي مجنون مستانا ديوانا بيگانا بہ نہ ٿي سگهندا آهن، انهن جو درد جڏهن درياهہ وانگر چاڙهہ ڪندو آهي تڏهن لمحن ۾ انهن جا وار سفيد ٿي پوندا آهن، لمحن ۾ انهن جي چهري تي درد جون لڪيرون گهنج بڻجي ظاهر ٿي پونديون آهن! لمحن ۾ اهي جواني منجهان جهور ٿي پوندا آهن! لمحن ۾ اهي ڇُور ڇُور ٿي پوندا آهن!!! ردا جي ماسي بہ درحقيقت اهڙن ئي اٻوجهہ ماڻهن منجهان هئي سو اهو ئي سبب هو جو اڄ جڏهن سندس درد سيلاب بڻجي پيو تہ هُو بہ هنڌان هنڌان ڦاٽي پئي! هُوءَ بہ ڪجهہ بہ ڪجي نہ سگهي! اڄ جڏهن هن جي لاءِ درد جي اخراج جا سيئي ذريعا ناڪافي ٿي پيا تڏهن نتيجي ۾ درد جو اهو سمورو سيلاب لمحن ۾ ريکون ٿي سندس چهري تي ابري آيو! ماسي جو چهرو لمحن ۾ بدلجي ويو. هُو پاڻ سراپا درد ٿي پئي. دارا ڏٺو، ماسي جو منهن اهو نہ رهيو هو، جيڪو هن پهرين نظر ۾ ڏٺو هو. ماسي جو منهن موهن جو دڙو بڻجي پيو! هزارين سال پُراڻو کنڊر!! ماسي جي منهن جا گهنج چڻ تہ مبهم تاريخ جا اهي ورق هئا، جيڪي دارا پڙهي نہ ٿي سگهيو. Palmistry جا ماهر اها دعوىٰ ٿا ڪن تہ هٿ لڪيرون جانچڻ بہ حقيقت ۾ هڪ سائنس آهي. پر منهنجي دل چوي ٿي، تہ چهري جا گهنج جانچڻ بہ هڪ سائنس آهي! جنهن جي دريافت جي ضرورت اڃاڻ باقي آهي، جهڙي طرح، هٿ لڪيرون ڏسي ڪو ئي مستقبل جو حال ٻڌائي سگهي ٿو، تئين چهري جا گهنج ڏسي، ڪو ئي جيڪڏهن ٻڌائڻ وارو هجي تہ ماضي جو حال بہ ٻڌائي سگهي ٿو! ماسي جو منهن نيلو پيلو ٿي پيو هو. هن جو چهرو درد جي تصوير بڻجي پيو هو. ماسي جي اکين ۾ دارا کي هڪ اٿاهہ سمنڊ نظر ٿي آيو، جيڪو ڇوليون هڻي رهيو هو! ماسي جون اهي ڇلڪندڙ اکيون سندس ئي چهري

۾ ڪتل هيون. دارا خود کي انهن اکين جي سمنڊ ۾ لڙهندي محسوس ڪيو. دارا ماسي جي اکين سان اکيون ملائي نہ سگهيو. هن پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

دارا جڏهن ماسي جي اهڙي حالت ڏٺي تہ سندس تجسس انتها تي پهچي ويو! دارا کي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ آخر ماجرا ڇا آهي! دارا کي گهڙيون ماسي کي پاڻ سنڀالڻ جي لاءِ ڏنيون ۽ پوءِ وراڻيو، ”ڇا ڳالهہ آهي ماسي؟؟..... پليز اوهان مون کي ٻڌايو...“

ماسي ڀيت ڏني، دارا کي ائين لڳو جيئن ماسي ڀيت سان زهر جو ڍُڪ ڀري ورتو! ڪجهہ ترسي ماسي کيس ڪجهہ ٻڌائڻ بدران پڇيو، ”تنهنجي پيءُ جي ڇهري تي بہ اهو ئي تِر جو نشان آهي نہ!؟“

”ها!!!....“ دارا جي بيچيني اجان بہ وڌي وئي! ”ماسي اوهان مون کي کولي ٻڌايو تہ اوهان منهنجي پيءُ ۽ ماءُ کي ڪيئن ٿا سُڃاڻو..؟“ دارا ڏاڍي بيقراري منجهان ماسي کان پڇيو.

ماسي ڪجهہ لمحا ماٺ رهي ۽ پوءِ وري بہ دارا کي ڪجهہ ٻڌائڻ جي بدران پڇيائين، ”ردا کي سُڃاڻين ٿو؟!“

دارا ردا جي سوال تي ڪجهہ صبر ۾ آيو، ”مان ردا کي ڪونہ ٿو سُڃاڻان... ۽ نہ ئي سُڃاڻڻ ٿو چاهيان ماسي!“ دارا چيو، ”ردا ۾ ڏاڍي پنهنجائپ آهي، پيار آهي، سچائي آهي خلوص آهي. منهنجي لاءِ بس اهو ئي ڪافي آهي!“ دارا چيو، ”ردا تمام سٺي ڇوڪري آهي.“ دارا لڄ شرم واري لهجي ۾ وراڻيو، ”ماسي آئون ردا سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان! مون کي ردا هر حال ۾ قبول آهي. پنهنجي ماضي، پنهنجي حال ۽ پنهنجي مستقبل سميت!“ دارا ماسي کي چيو، ”ماسي جيڪڏهن منهنجي ماءُ هجي ها، تہ اوهان وٽ انهي کي وٺي اچان ها ۽ پوءِ اها ڳالهہ هُو ئي اوهان سان ڪري ها پر.... ” ”جيڪڏهن تنهنجي ماءُ هجي ها تہ اها هرگز اها ڳالهہ نہ ڪري ها دارا!“ ماسي دارا جي ڳالهہ ڪٽيندي وراڻي.

”ڇا مطلب....!!“ ماسي جي ڳالهہ دارا کي ڏاڍي عجيب لڳي!

ماسي وٽ هاڻي دارا کي سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نہ هو. هن هڪ اونهو گهرو ساهہ کنيو ۽ پوءِ دارا کي حقيقت ٻڌائڻ شروع ڪيائين، ”اڄ کان ٽيهہ سال پهرين جي ڳالهہ آهي جو اسان نواب شاهہ جي بازارِ حُسن ۾ رهندا هئاسين! مان ۽ منهنجي ڀيڻ نجو!“

دارا جڏهن ماسي جو اهو جملو ٻڌو تہ کيس ائين لڳو ڄڻ سندس پيرن جي هيٺيان زمين کسڪي وئي! هن جا لِڱ ڪانڊارجي ويا! هن جي سڄي ڪيفيت ئي بدلجي

ويئي! دارا ڪجھ ڪچي نہ سگھيو. ھُو اندر ئي اندر بس لُڇڻ پُڇڻ لڳو. ماسي ڳالھ اڳتي وڌائي، ”اڄ ڪان ٺيھ ٺيھ سال پھرين اسان جو پُراڻو گراھڪ، سنڌ جو ھڪ وڏيرو اسان جي مُجري ۾ آيو. ھن نجو جو حُسن و جمال ڏٺو تہ مٿس موھت ٿي پيو.. . . . . اھو وڏيرو ھو وڏيرو امير بخش!“

دارا پنھنجي وجود تي وِڄ ڪرندي محسوس ڪئي. ھُن جي وجود جو وار وار ماسي جي وڌندڙ گفتگو سان وڍجڻ لڳو! دارا پنھنجي اندر ئي اندر پُرزا پُرزا ٿيڻ لڳو.... ماسي پنھنجي ڳالھ اڃا اڳتي وڌائي، ”وڏيرو امير بخش پھرين سال سال ۾ ايندو ھو پر نجو جي نينھن ڪان پوءِ، پھرين ڇھين ڇھين مھيني اچڻ لڳو، پوءِ مھيني مھيني، پوءِ ھفتي ھفتي...... . . . ۽ پوءِ نيٺ اچي ويھي رھيو ۽ نجو کي پنھنجي پيار جي ڄار ۾ ڦاسائي، نيٺ ھڪڙي ڏينھن اتان ڪنيي ڪڍي ويو!“

دارا جي تن بدن ۾ آڳ لڳڻ لڳي. ھن جي اندر مان شعلا اُلا ٿي نڪتا! دارا جي وجود ۾ ڄڻ تہ ڪو زلزلو اچي ڪڙڪيو ھو.! ھُن جو مٿو چڪرائجڻ لڳو. ھُو ڦٿڪي رھيو ھو. ماسي جي ڳالھ اڃا باقي ھئي، ماسي پنھنجي ڳالھ اڳتي وڌائي، ”نجو کي پنھنجي ڄار ۾ ڦاسائيندي ڦاسائيندي وڏيري اميربخش کي ٻہ_اڍائي سال لڳي ويا ھئا..... انھن ٻہ_ اڍائي سالن جي صحبت منجھان نجو اميد سان ٿي پئي ھئي ۽ انھي وچ ۾ ھُن ھڪڙي ڇوڪري کي ٻہ جنم ڏنو ھو.... نجو منھنجي روڪڻ ڪرڻ جي باوجود بہ پنھنجو سڀڪجھ ھتي ڇڏي وڏيري اميربخش سان پڄي ويئي ھئي...... ھُو پنھنجي ڇھن مھينن واري ڇوڪري بہ ھتي ڇڏي پاڻ وڏيري اميربخش سان گڏ ھلي ويئي ھئي....... ڇھن مھينن جي اھا ڇوڪري ھئي..... ردا!!!!!“ ماسي ڪجھ لمحا ترسي وراڻيو، ”تون وڏيري اميربخش جو جائز اولاد آھين ۽ ردا ناجائز!..... پر پوءِ بہ ردا تنھنجي ڀيڻ آھي دارا.....!!“

ماسي جا لفظ نہ ھئا، ڄڻڪ ياجوج ۽ ماجوج ھئا، جي سڀ ڪجھ ڳڙڪائي ناس ڪري ويا. ماسي جي انھي جملي سان دارا جي دل جي دنيا ۾ ڄڻ تہ قيامت برپا ٿي پئي.

دارا جي لاءِ سڀڪجھ ختم ٿي چُڪو ھو ھاڻي! ڪجھ بہ باقي نہ رھيو ھو. ھاڻي ھن ۾ ردا کي اک کڻي نھارڻ جي بہ ھمت باقي نہ رھي ھئي. دارا اٿيو، بيٺو، دارا پنھنجي سامھون پٽ تي لڳل شاھ جي سُر رامڪلي جي ’جي پائين جوڳي تيان!‘ واري ڪنھن بيت جي پينٽنگ ڏي نھاريو، ويرانو ئي ويرانو ھو، جنھن ۾ ڪوئي جوڳي ھو جو ھلي رھيو ھو! دارا ھڪ گھڙي انھي کي گھوريو، ۽ پوءِ بنا ڪجھ ڳالھائڻ جي ئي ردا جي گھر مان ٻاھر نڪري ويو......!

دارا آهستي آهستي هلندو ئي رهيو، هلندو ئي رهيو... دارا جي ڪا به منزل نہ هئي، دارا جو ڪو بہ مقصد نہ هو.... دارا جو ڪجھ بہ نہ هو... نہ گهر... نہ شهر... نہ يار... نہ دوست....نہ آفيس... نہ لکڻ......!... دارا بي منزل سفر تي بس بنا ڪنهن تعين جي هلي رهيو هو.... دارا جو حافظو ختم ٿي ويو هو... هن وٽ ڪا ياد باقي نہ رهي هئي..... نہ زينت.... نہ ردا..... نہ ئي ڪوئي ٻيو.....!

دارا وٽ هاڻي درد ئي نہ رهيو هو...... درد جو جواز ئي نہ رهيو هو!

***

"ماسي دارا ڪٿي آ!؟" ردا ڪجھ دير ۾ ماني تيار ڪري اندر آئي تہ دارا ڪي نہ ڏسي ماسي کان پڇيائين، "ڪيڏانهن ويو دارا؟؟"

ماسي چڻ تہ پٿر جو بُت بڻجي پئي هئي. هُو ڪجھ ڪچي نہ سگهي! "ماسي دارا ڪٿي آهي؟؟..... "ڪيڏانهن ويو دارا...؟؟" ردا ماسي کي ڌونڌاڙي ڌونڌاڙي پُڇڻ لڳي.

"دارا هليو ويو.....ردا!" ماسي ڪجھ ڳالهايو.

"ڪيڏانهن ويو دارا؟" ردا تڙپي پئي!

"الائي ڪيڏانهن ويو......" ماسي وراڻي، "پر ويو هليو هميشہ جي لاءِ...!"

"ڇا مطلب ماسي؟؟!" ردا حيران ٿيندي ماسي کان پڇيو.

"ها ردا!" ماسي چيس، "هاڻي دارا موٽي نہ ايندو تو وٽ!"

"پر ڇو.....؟؟!!" ردا پڇري پئي!

ماسي ڪيس ٻانهن کان جهلي پنهنجي پر ۾ ويهاريو ۽ پوءِ ڪيس آهستگي سان اهو سارو قصو ردا کي ٻڌائي ڇڏيائين، جيڪو ڪجھ دير پهرين دارا کي ٻڌايو هئائين!

ردا بہ اهو قصو ائين ئي ٻڌو جيئن دارا ٻڌو هو، . . . . . ۽ پوءِ هن بہ ائين محسوس ٿي ڪيو جيئن دارا ڪيو هو. . . . . . . . هن تي بہ اهڙي ئي قيامت برپا ٿي جيڪا دارا تي ٿي هئي! . . . . . . .

□

’ناهڻ ڪي ڏاهي سگهجي ٿو مگر ڏاهڻ ڪي ڏاهي نٿو سگهجي!‘ ردا جون اکيون ٽشو پيپر تي ڳڙي رهيون هيون. هُوءَ سوچي رهي هئي.

’هُن کان پهرين منهنجي زندگي ڪهڙي هوندي هئي! مون وٽ ڪيڏي شهرت هوندي هئي، دولت هوندي هئي! مان ڪال گرل هئس. ماڊل هئس، رنڊي هئس مان! هن کان پهرين ڪنهن به مرد مون کي عزت جي نگاهه سان نٿي ڏٺو! هن کان پهرين مون وٽ سڀ ڪجهه هو پر عزت نه هئي. مون وٽ منهنجي هستي مستي نه هئي. مون وٽ منهنجو پيرم نه هو! ها، اهو سڀڪجهه مون کي هُن ئي ڏنو! مون هُن کان پهرين هر مرد جي اکين ۾ رڳو وحشت ئي ڏٺي! مون کي چيري ڦاڙي چٽ ڪري ڇڏڻ جي ئي تمنا ڏٺي! هُن جي اک کان پهرين مون تي جيڪا به اک پيئي، سا شڪاري اک ئي هئي!......
ڪيڏي نه عزت هئي هُن جي پهرين ئي نگاهه ۾! مون کي اڳ ڪڏهن اهڙي نگاهه نصيب ئي نه ٿي! هُن پهرين ئي ملاقات ۾ منهنجي عزت ڪري مون کي اهو سمجهائي ڇڏيو ته عزت ڇا ٿيندي آهي؟ سچ پچ ته هُن ئي مون کي اهو شدت سان محسوس ڪرايو ته دولت سڀ ڪجهه نه ٿيندي آهي، شهرت سڀ ڪجهه نه ٿيندي آهي، عزت سڀڪجهه ٿيندي آهي! عزت انهن سڀني شين کان مٿانهين ٿيندي آهي! هُن مون کي پهرين ئي ملاقات ۾ معتبر ڪري ڇڏيو! انهي ئي ملاقات مون کي مٿائي ڇڏيو! مان ڇا هئس ۽ ڇا ٿي ويس.....! هُن جي ڇهري ۾ مون کي پهرين ئي ملاقات ۾ ايتري قدر پنهنجائپ جو نظر

آئي؟ هن جي چهري ۾ اهڙي ڪشش....! هُو مون کي پنهنجو آئينو تي لڳو! هُو مون کي سيني مردن کان مختلف لڳو... بلڪ ائين ته، هُو مون کي مرد ته لڳو ئي ڪونه!'

ردا سوچي رهي هئي، 'منهنجو ڏنڊو ئي سجاوٽ سان هو. هار سينگار جي ته ڄڻ مون کي سُتي پيل هئي! ڪيڏو غرور هوندو هو مون کي پنهنجي ناز و ادا تي! ڪيڏو پنهنجي پاڻ کي ناهي تيار ڪري هلندي هئس زماني ۾! منهنجي حُسن و جمال جا چرچا هئا هر وات تي! مان پنهنجي هر وک سوچي سمجهي وڏي ناٽ سان ڪڻندي هئس! ذهن ۾ هوندو هو ته هر نظر کي مون منجهه نئين ادا نظر اچي! هر پيري نئين لڳڻ جي لاءِ هر پيري نئين ٿيندي هئس! هر پل، هر گهڙي تيار ئي رهندي هئس مان! مون کي پنهنجي پاڻ کي ناهڻ کان سواءِ ٻي ڪا سوچ ئي نه هوندي هئي! رُوبي به منهنجو ميڪ اپ ڪندي ڪندي مون ۾ گُم تي ويندي هئي! رُوبي به منهنجي حُسن تي عاشق هوندي هئي!' ردا اونهو گهرو ساهه کڻي ٿي، 'مون ڪڏهن اهو سوچيو به نه هو ته مون کان اهو سيڪجهه ڇڏائجي ويندو! ها، منهنجي تصور ۾ پلجي به ڪڏهن اهو خيال نه آيو ته ڪو مان ايتري تبديل تي وينديس!........' ردا دارا جي باري ۾ سوچي ٿي، '.... ۽ پوءِ بس هُو منهنجي زندگي ۾ آيو ۽ اهو سيڪجهه حقيقت تي ويو جيڪو مون ته ڪڏهن خواب ۾ به نه سوچيو هو!..... هُن جي پهرين ئي ملاقات ۾ مون کان اهو سيڪجهه ڇڏائجي ويو! اڄ جڏهن مان انهي ماضي تي سوچيندي آهيان ته ائين تو لڳي ڄڻ اهو سمورو ڪوڙ هو جو ڏوڙ تي ويو! طلسم هو جو ڊهي ويو!...... هُن مون کي ڊاهي وري ناهي ڇڏيو! هُن مون کي نئين سِر ترتيب ڏئي ڇڏيو! ها، هن مون کي 'ڇري منجهان چونهن!' ڪري ڇڏيو!!'

ردا جون اکيون قطرو قطرو ٽشو پيپر تي ڳڙي رهيون هيون، جنهن تي دارا جو جملو لکيل هو، 'ناهڻ کي ڊاهي سگهجي ٿو مگر ڊاهڻ کي ڊاهي نٿو سگهجي!'

ردا جي سوچن جو سلسلو جاري رهيو، 'اسان جو ملڻ به زندگي جي ڪهڙي نه عجيب موڙ تي ٿيو!' ردا سوچي رهي هئي، 'ائين ٿو لڳي ڄڻ زندگي ۾ اسان جو نه ملڻ ته ممڪن ئي نه هو!.... اسان زندگي جي ان موڙ تي ملياسين جنهن تي ئي اسان کي ملڻو هو! زندگي جي انهي موڙ تي اسان کي هڪٻئي جي ئي ضرورت هئي! مون کي هُن جي، هُن کي منهنجي!........'

ردا سوچي رهي هئي، 'ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي جو اسان هڪٻئي کي قبول ڪيو، پر پوءِ به هڪٻئي کي ڇُهي به نه سگهياسين! ڪيڏو نه عجيب اظهار هو الفت جو! ڪير اهو تسليم ئي ڪيئن ڪندو جو به محبت ڪندڙ مليا به سهي، مگر ملي به نه مليا!' ردا

سوچيو، ’اهو قدرت جو ئي ڪرشمو هو سمورو!..... اهو فطرت جو ئي سجو چڪر هو جنهن اسان جي رشتي جو پرم نه پڳو ورنه اسان ته اڻجاڻائي ۾ ڪجهه به ڪري ٿي سگهياسين!.... ها، اهو فطرت جو ئي ڪمال هو جو هن جي پهرين ملاقات ئي مون کي تبديل ڪري ڇڏيو! هن جي پهرين نگاهه ئي مون کي حيا ۽ شرم جو احساس ڏياري ڇڏيو! .. .. . .. بيشڪ فطرت پنهنجو گس پاڻ ئي ناهيندي آهي! فطرت پنهنجو تحفظ پاڻ ئي ڪندي آهي! فطرت پنهنجا خال به پاڻ ئي پري ڇڏيندي آهي!‘

ردا کي دارا سان اڻڄاڻائي ۾ ڏاڍي معتبر الفت ٿي وئي هئي، پر هاڻي جڏهن متس اهو راز فاش ٿي چڪو، ته دارا سندس ياءُ آهي تڏهن متيون سڀ ڳالهيون سوچيندي سوچيندي ردا جي اها معتبر الفت، عقيدت ۾ بدلجي وئي! ’ڪيڏو نه پيارو هو دارا!..... جيڪڏهن هُوءَ منهنجي زندگي ۾ نه اچي ها ته مان سجي زندگي پنهنجي تقدس تائين پهچي نه سگهان ها!‘ ردا دارا جي زندگي جي باري ۾ سوچي به ڏاڍي اداس ٿي پئي، ’ڪيڏو درد مليو دارا کي زندگي ۾!.... هُن جي زندگي رڳو نهندي ڊهندي گذري ويئي!.... هُن هر پيري زندگي ڏي موت تي ڪاڏي مگر زندگي هر پيري ڪيس خالي موٽائي ٿي ڇڏيو!..... هُن هر پيري پاڻ کي ناهڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي پر هر پيري ڊهي ٿي ويو!.......‘

ردا اهو سوچي تڙپڻ لڳي، هينئر دارا جو ڪهڙو حال هوندو......؟ هُو ته مڪمل طور تي ڊهي پيو هوندو!......‘ اهو خيال ردا کي ڏاڍو بيچين ڪرڻ لڳو! اهو خيال رفته رفته ردا جي روح تائين لهندو ٿي ويو....

ردا، دارا سان ملڻ ٿي چاهيو! ردا دارا کي فنا ٿيڻ کان بچائڻ ٿي گهريو. ردا موت کان اڳ دارا تائين پهچڻ ٿي چاهيو.....

انهي خيال ردا جي من ۾ اهڙي ته مانداڻ مچائي جو نيٺ اٽڻ جڏهن اخراج جي عام ذريعن کان وڌي ويئي تڏهن سندس قدمن ۾ حرڪت اچي وئي ۽ هُو باقي سڀ ڪجهه وجائي هڪ دارا جي ڳولها ۾ نڪري ويئي! دارا جا پيرا ڪڻندي ڪڻندي هُو پهرين دارا جي گهر وئي، پوءِ سيٺ سلامت وٽ آئي، پوءِ منظور موالي جي دڪان تي پهتي ۽ اتان کان ٿيندي ٿيندي ردا سائين ڪريم شاهه جي اوتاري تائين اچي پهتي!

”دارا هتي آيو هو پر ترسيو ڪونه!“ سائين ڪريم شاهه جي اوتاري تي ڪيس خبر پئي، ”هُو هتان هليو ويو!“ ردا کي ان کان اڳتي دارا جي ڪا به خبر نه ملي سگهي!

ردا کي سائين ڪريم شاھ جي چھري جي پُرنور مُرڪ ڏاڍو متاثر ڪيو، سائين جي چھري تي عجيب اطمينان ھو، ردا چاھيو ٿي تہ اتي سائين جي سامھون ئي اکيون پوري عمر گھاري ڇڏجي پر دارا جي تلاش ڪيس ائين ڪرڻ نہ ڏنو! دارا جي ديدار جي اڄ ڪيس رُڄ ۾ رُلائي ڇڏيو!

سائين ڪريم شاھ جي اوتاري کان پوءِ جڏھن دارا جا پيرا مڪمل طرح ميٽجي چُڪا، تڏھن ردا جي بي منزل سفر جو آغاز ٿيو! اتان نڪري ردا کي ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ ٿي آيو تہ ھاڻي دارا ڪيس ڪٿي ملندو؟... ھُو ھاڻي ڪٿي ملي بہ سگھندو يا نہ؟...! ھا، ھُن کي ڪا بہ پڪ نہ ھئي پر پوءِ بہ ردا تلاش کي ترڪ ڪري نہ سگھي! ردا پنھنجي قدمن کي روڪي نہ سگھي. ھاڻي تہ بس تلاش بہ نہ رھي ھئي، ھاڻي تہ بس تڙپ جو اخراج ئي ھو جيڪو ردا کي رِڻ ۾ رلائي رھيو ھو. ردا رڻ جي راھي ٿي پئي ھئي، ھُو بي منزل ڀٽڪندي رھي ھئي، ھُو بس ھلندي رھي ھئي. انھي اڄاتي سفر ۾ ھلندي ھلندي ردا جواني کان پيري تائين جو سفر ڪيو ھو. ردا جواني مان جھُور ٿي پئي ھئي! ھن جي چھري تي گھنج لھي آيا ھئا، ھن جا وار سفيد ٿي پيا ھئا! ھن جا پير پٿون ٿي پيا ھئا، ھن جو چھرو بگڙي ويو ھو، ھن جا لٽا ليڙون ليڙون ٿي پيا ھئا پر نہ ئي ڪيس دارا مليو ھو، نہ ئي تلاش ختم ٿي سگھي ھئي، ان وچ ۾ ڪيس موت بہ نہ اچي سگھي ھئي!

.... . . . . ھلندي ھلندي ردا زندگي جي آخري سرحد تي پھچي ويئي ھئي، ھُو ھاڻي ساٽي ٿي پئي ھئي. ھُو ڏاڍي ٿڪجي پئي ھئي! ردا جي تشنگي اڃا گھٽ نہ ٿي ھئي پر ھن جي جان ھاڻي جستجو کان جواب ڏئي وئي ھئي.... اھڙي دل شڪستہ عالم ۾ ردا وڃي ھڪ اوچري اوتاري تي ڏينھن ناريو. ڪنھن درويش جو آستانو ھو. اتي ڏاڍي روحانيت ھئي. راحت ھئي. ردا کي اتي اھو ئي ساڳيو سائين ڪريم شاھ واري اوتاري وارو سڪون محسوس ٿيو. ردا اتي ڪي گھڙيون آرام ڪيو تہ سندس اکيون پورجي ويون.... ھن کي اتي ڏاڍي فرحت محسوس ٿي. ڏينھن ڪجھ نريو ۽ ردا بہ ڪنھن پل بيدار ٿي تہ سندس بند اکيون بہ آھستي آھستي کُليون.

ردا جون اکيون کليون تہ سندس نگاھ سامھون ويٺل صوفي درويش تي پيئي. ھُن جا وار وڏا ھئا، جي ڪلھن تائين ڪريل ھئا! ھن درويش جي ڏاڙھي بہ وڏي ھئي! ھُن جي چھري تي عجيب اطمينان ھو، ھُن جي مُک تي اھا ئي ساڳي مُرڪ ھئي جيڪا ردا کي سائين ڪريم شاھ تي چھري تي نظر آئي ھئي! ھن درويش جي بدن تي بہ اھڙو ئي اڇو پھراڻ ھو، جھڙو سائين ڪريم شاھ جي بدن تي ھو. ردا کي پھرين نظر تہ ائين لڳو، ڄڻ

هُو سائين ڪريم شاهه ئي هو، پر پوءِ ردا انهي درويش جي چهري ۾ ڇتايو، ان درويش جي نڪ جي پاسي ۾ هڪ تِر جو نشان هو، جنهن جيڪري سندس چهرو وڌيڪ پُرڪشش ٿي نظر آيو!

ردا جون اکيون صوفي درويش جي چهري تي پترائجي ويون. ردا ڪافي دير ڪيس گهوريندي رهي، پر درويش جي چهري تي ڪو ئي اهڙو آثار نہ اڀريو جنهن سان هُو اهو محسوس ڪري ها تہ اهو صوفي درويش دارا ئي آهي ۽ هن ڪيس سُڃاڻي ورتو آهي!

صوفي درويش جي چهري ۾ ڪافي دير تائين ڇتائڻ کان پوءِ ردا پنهنجي پوتي جي ڳنڍ کولي، هن پنهنجي پوتي جي پلاند منجهان پنهنجي ڳوڙهن ۾ ڳريل اهو ٽشو پيپر جو ٽڪرو ڪڍيو جنهن تي دارا جو آٽو گراف هو، هن اهو ٽشو پيپر دارا کي ڏيکاريو، جنهن تي لکيل هو، 'ناهڻ کي ڍاهي سگهجي ٿو مگر ڍاهڻ کي ڍاهي نٿو سگهجي!'

ان جي هيٺيان دارا جي Signature ٿيل هئي!

صوفي درويش انهي ٽشو پيپر جي ٽڪري ڏي نهاريو، ڏنو: پر پوءِ بہ هن جي چهري تي حيراني جو ڪو ئي آثار نہ اڀريو، هن جي چهري تي اهوئي عجيب اطمينان برقرار رهيو، هن جي منهن تي اهائي ساڳي سائين ڪريم شاهه واري مُرڪ قائم رهي!

ردا انهي صوفي درويش جي چهري تي ئي ڇتائيندي رهي. انهي صوفي درويش جي چهري ۾ ڇتائيندي ڇتائيندي، ڪا ڳجهہ جي ڳالهہ هئي جا بنا چوڻ جي ئي ردا سمجهي ويئي ۽ نيٺ هڪ لمحو اهڙو بہ آيو جو انهي صوفي درويش جي چهري وارو عجب اطمينان ۽ مُرڪ ردا جي چهري تائين بہ ڦهلجي وئي.... ردا اهو عجب اطمينان حاصل ڪري، پنهنجي منهن تي اها ئي ساڳي صوفي درويش واري مُرڪ سجائي هيٺ ڪنڌ ڪري پنهنجي جهولي ۾ پيل ٽشو پيپر جي ٽڪري تي نهاريو، صوفي درويش جون اکيون بہ انهي ٽڪري کي ڇتائي مسڪرائي رهيون هيون، جنهن تي لکيل هو،

'ناهڻ کي ڍاهي سگهجي ٿو مگر ڍاهڻ کي ڍاهي نٿو سگهجي!'